# اُملهه آٺوريا

## رسالي شاهه عبداللطيف جا لڏل بيت

Gul Hayat Institute

# اَمُلَهہ اَٽـتـوريـا

[ رسالي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جا لٽل بيتَ ]

Gul Hayat Institute

بندرَ ديسان ديسِ، مُلھہ نہ ملي وارئين،

فقيرائي ويس، اَمُلَھہ ڏين اڏوريا.

(شاھہ)

Gul Hayat Institute

سنڌ جي نوجوانن لاءِ
جن جي آڏو زندگيءَ جو ڏونگر آيو آهي
جنهن کي سَر ڪرڻ لاءِ انهن کي اڃا وڏي جدوجهد
جي ضرورت آهي.

منزل ڏور مَ مَت، ڇڏ مَ سَير لَکن جو،
اُنءِ جي وات مَ اَٽ، لُنءِ ري حرفُ هُڻڻ کي.
(شاهه)

# اَمُلھ اَڻتوريا

[ رسالي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحه جا لڌل بيتَ ]

تمهيد

سيد غلام مصطفیٰ شاهه

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي، سنڌ،
ڪراچي
١٩٨٥ع

هي ڪتاب ڊاڪٽر اياز حسين قادري، سيڪريٽري شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، اسحاقيه پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

| | | |
|---|---|---|
| پهريون ڇاپو] | ١٩٨٥ع | [ڪاپيون هڪ هزار |
| ڇاپو ٻيو] | ١٩٨٨ع | [ ڪاپيون ٻه هزار |

قيمت : چاليهه روپيه

ملڻ جو هنڌ :
مڪتبه برهان اردو بازار ڪراچي
فون :- 219221

هي ڪتاب
آدمجي پيپر ۽ بورڊ ملس لميٽڊ
جي تيار ڪيل ڪاغذ تي ڇپيو ويو

ڪاغذ
آدمجي فائونڊيشن کان
عطيه طور مليو

Gul Hayat Institute

# فهرست


تمهيد — سيد غلام مصطفیٰ شاهه — ٣—٨

عرض حال — فقير امداد علي سرائي — ٩—٤٦

(١) عرض حال ٩

(٢) شاهه رحه جو شاعري شان، علمي عروج، ۽ سندن سونهاري شخصيت ٢٢

(٣) شاهه رحه — جڳسڪرو، پيغمبري صفت ۽ الهامي شاعر ٣٣

(٤) ساجن سڀنئان سهڻو ٤٣

اماهه اڏتوريا ٤٧—٢١٤

گڏ ڪندڙ: فقير امداد علي سرائي، مولوي حاجي خميسو چانڊيو، ۽ فقير رمضان جت

سهيڙ ۽ ترتيب: پانهون خان شيخ

سُر يمن ٤٩

سُر سراڳ ٥٢

سُر کنڀات ٦٥

سُر ساموندي ٦٨

سُر سهڻي ٧٠

سُر سارنگ ٧٨

سُر ڪيڏارو ٨١

سُر آبري ٨٤


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| سُر ديسي | ٩٥ |
| سُر ڪوهياري | ١١٢ |
| سُر حسيني | ١١٣ |
| سُر سورٺ | ١٢١ |
| سُر ٻروو سنڌي | ١٢٤ |
| سُر راڻو | ١٣٣ |
| سُر ڪاهوڙي | ١٤٢ |
| سُر رامڪلي | ١٤٦ |
| سُر رپ | ١٥٩ |
| سُر گهاتو | ١٥٩ |
| سُر ڏهر | ١٦٠ |
| سُر ليلان | ١٦٥ |
| سُر بلاول | ١٦٦ |
| سُر پورب | ١٦٩ |
| سُر آسا | ١٧١ |
| سُر ڪارايل | ١٧٧ |
| سُر مارئي | ١٨٢ |
| سُر ڪاپائتي | ٢١١ |
| سُر پرڀاتي | ٢١٢ |
| سُر ڪاموڏ | ٢١٣ |


Gul Hayat Institute

جن دوستن ۽ بزرگن اسان جي مدد ڪئي آهي — خاص طرح سائين سيد قمرالزمان شاھ ۽ ڀائي تيرٿ داس لکميائي قابل ذڪر آهن — الله تبارڪ ڪين جس ڏيندو.

اسان جي هن ڪتاب جو ناشر ۽ ڇپائيءَ جو ذميدار اسان جو دوست ۽ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ منھنجو پراڻو شاگرد ۽ هاڻي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري آهي، جنھن جي مخلصانھ ۽ خاموش ڪم جي جيتري تعريف ڪجي ٿوري آهي.

دعا ڪندا — والله المستعان و عليه التڪلان.

سيد غلام مصطفيٰ شاھ
چيئرمن، شاھ عبداللطيف
ڪلچرل سوسائٽي

Gul Hayat Institute

جو ڪاچ ڏنس ٿي: بهرحال بيت ۽ وايون ثابت ۽ سلامت هيس: تاريخ ١٥ روز جمعي، سن ١٣٣٦هه ۾ لکجي پورو ڪيو ويو هو. ان جي مرحوم ليکڪ حاجي عبدالمطلب جت منڌائي (ويڙهل ڳوٺ پٽارو، تعلقو ڪاهڙا، ضلعو پچ ڪڇ) کي ١٢ سال لڳا ۽ هو ٩٧ ورهيه عمر ۾ فوت ٿي ويو. هن نسخي کي لکڻ ۾ هن کي ڪافي محنت ۽ ڪشالا ڪرڻا پيا هئا، سنڌ ۽ هند جي عالمن ۽ قلمي رسالن تان جيڪي صحيح بيت ۽ وايون کيس ڏسڻ ۾ آيون هيون آهي قلمبند ڪيون هئائين. ائين نسخي جي لکجي وڃڻ کان پوءِ به آن ۾ نوان بيت حاشيءَ تي لکيل نظر آيا، جيڪي مرحوم پاڻ يا سندس حال حيات پٽ حاجي ولي محمد جا لکيل هئا. سڄي نسخي جا اکر ڪلڪ سان ڪاريءَ مس ۾ عربي اکرن وانگر هئا ۽ تمام سهڻا لکيل هئا — آن جي زيارت ۽ اکرن جي سونهن ۽ صحت ڏسي اسان جا ٽڪ لهي ويا ۽ اکيون ٺري پيون — آن تي مرحياتي لکندڙ جو نالو ۽ شجرو پڻ هيٺينءَ ريت لکيل هو:

”الراقم حاجي مطلب بن پرته بن ڪيڪو بن مندو بن سوهند بن سراج بن مندو بن رکيو بن همر بن ميرا شاهه بن ميرمحمد بن عبدالله بن عامر بن همزو بن همر بن هوت بن پنهو بن آري بن بلوچ بن بهادر بن ابوبولان بن امير همزو.“

مرحوم کي وفات ڪئي ٤٧ ورهيه گذري ويا هئا ۽ سندس پٽ حاجي ولي محمد جت جي هن وقت ٧٤ ورهيه عمر آهي.

رسالي جي هن متبرڪ نسخي جي متن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:—

| جريان نمبر | نالو سُر جو | بيت | وايون | جريان نمبر | نالو سُر جو | بيت | وايون |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ڪلياڻ | ٧٧ | ٦ | ٤ | سامونڊي | ٨٩ | ٨ |
| ٢ | جمن | ٢٣٦ | ١١ | ٥ | سهڻي | ٢٥٥ | ١١ |
| ٣ | سر راڳ | ١٦٩ | ١٤ | ٦ | کنڀات | ٨٦ | ٥ |



Gul Hayat Institute

# (۲)

## شاهه رحه جو شاعري شان، علمي عروج، ۽ سندن سونهاري شخصيت

سيد پير سمونڊ، هي ڄاڻ سندو ڄام،
اگهيو در الله جي، تنهن ڪامل جو ڪلام،
ٻُري ٻچيو پانڌيا، تنهن گوهر سندو گام،
جن ڏٺو لعل لطيف کي، آيو تن آرام،
ڪونه رهيو ڪو خام، سڀ سڪي ٿيا صالح چوي.

(مرحوم صالح فقير، ڪڇي، شاگرد ۽ مريد شاهه رحه)

هي آهن ٻاجهارا ٻول هڪ ساچي سدا ٿوري مريد ۽ ورسايل شاگرد جا، جيڪو اصل ڪڇ جو رهاڪو هو، پر هن پوري ڄمار پنهنجي مرشد هاديءَ جي صحبت سنگ، رياضت ۽ اگهڻ ٻهارڻ ۾ گذاري هئي. هن فقير پڻ شاهه سائينءَ جي شاعرانې پڪ پي، پنهنجي مرشد ڪامل جو شان عظمت، الهامي ڪلام ۽ گوگاءِ ڀرڙي گام (ڀٽ شريف) جي تعريف ۾ عقيدت جي گلن جي ورکا پنهنجي متئين شعر ۾ اهڙي نه بي نظير ۽ بي مثال ڪئي آهي، جو بيت جي هڪ هڪ سٽ ۾ ”لطيف نامون“ سمايل آهي — جنهن سان پڙهندڙ ذاهن کي شاهه سائينءَ جي شان ۽ سونهاريءَ شخصيت جي ڪافي ڪل پوي ٿي. حقيقت به ائين آهي ته شاهه جو شان ۽ بيتن جو بيان به جيڪي سندس اصحاب، رنگ رچيل فقير ۽ محبتي ملوڪ ڪندا، سو ٻيا مشڪل ڪي ڪري سگهندا. چوندا آهن ته فقير جي گودڙيءَ جو وارث به فقير ٿيندو آهي، ۽ اهو ئي

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف رحہ بنان ڪنهن دنيوي سنتدَ جي فيلسوف هو. هو عامل، ڪامل ۽ متقي هئڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ساڳئي وقت پاڻ خائف خدا، انڪساريءَ، عاجزيءَ ۽ هيڻائپڻ ۽ نياز نوڙت ۾ بہ اول هو. صبر ۽ معاف ڪرڻ تہ شاهہ سائينءَ جون فطري خوبيون هيون، جيڪي کيس سندس ڏاڏي شاهہ ڪريم رحہ کان ورثي ۾ مليون، ۽ وٽانئس جڳ سکيون هونديون. هو عاشقن جو استاد ۽ متوڪلن ۾ چوٽيءَ جي درجي جو توڪلي هو. ۽ آخر ۾ آءٌ ائين بہ چوڻ لاءِ قسم کڻندس تہ شاهہ سائين وطن جو وڏو ۽ سچو حبدار ۽ وفادار چوڪيدار ۽ دعاگو هو ۽ پنهنجي وطن (سنڌڙيءَ) سان ايڏو پيار هئس جيڏو حضرت بلال جو رسول پاڪ سان، تہ حضرت حر جو حسين عليہ السلام سان.

آءٌ شاعرن جي پڳدار ۽ سنڌ جي شهنشاهہ ڪامل ۽ عظيم انسان جي اِن ڏورڙيءَ واڪاڻ بعد سندس سونهاري شخصيت ۽ داوري درجو هيٺئين بيت سان لکي، هن باب کي بند ڪريان ٿو:

”ڏانگ بہ ڏمن ان کي، جي ڪيڙيءَ پر ڪنبن
الله اوباهي ان کي، جسي انهيءَ پوءِ پڇن
ان اولياءِ تحت قبا، هي ٻوڙا ڪين ٻجهن
ڳُجهان ڳجهہ وڃن، احد جي اسرار کي.“

# (٣)

## شاهه رحه — جڳسڪرو، پيغمبري صفت ۽ الهامي شاعر

روهه راڻي جي ناهه ڪو سوڊو سيڻ سونهن
لاٽائين لطيف چئي مٿي دليل دونهن
ڪانهي ٻي ورونهن ٽيو مڙوئي ميندرو.

—

سچن ڏنو جن تن ڳچيءَ سر ڳهه ڪيو
ٻيون ڪوهه ٻجهن قدر ڪيماڻ جو.

—

سرها ڏنم سي جن، ساڃاههِ سرهاڻ جي
تيغ تني جي ڪي ڪٽ نه لڳي ڪڏهين.

هاڻي ڏسو سنڌي ٻوليءَ جي سچاڻ ڪڙميءَ، هڏڏوڪي هاريءَ، جي پوکيل پوک جو واڌارو، ۽ اُن جي ٻڻائي ۽ آسپي آپت (تخليقي مضبوطي، بنيادي معتبري، ساڪاڻتي سونهن ۽ سلاست).

شاهه رحه جي سنڌي ٻوليءَ جي پوک ۽ واپرايل اکرن ۽ سنڌس ٻوليءَ جي لطيفي جنس جا پارکو آهي اٻوجهه، ڳوناڻا ٿي سگهن ٿا، جن لاءِ لائق لطيف فرمايو آهي ”ان در سيئي اگهيا جنين نه پاڻيو پاڻ“. سندن ٻوليءَ جي پوک ۽ شاعريءَ ۾ جنهن ۾ الف جي اوڙ ۽ عشق جي ٻج جي الستي چٽڻ ۽ سرهاڻ سمايل آهي، اُن جي پرک ۽ صحي ڄاڻپ ۽ سمجهڻ لاءِ عالمن، فاضلن ۽ اديبن جي وچا ۽ عقل اوچهون ٿيو ٻوي — ايتري قدر، جو سندن ڪلام صحي سمجهڻ نه پري پيو، اُن ڪي صحيح پڙهڻ

Gul Hayat Institute

سڀ ڪان اول آءٌ هتي چند اهي اکر لکان ٿو، جيڪي شاهه صاحب ڪان اڳ جي شاعرن ڪي هٿ نه آيا ۽ نه هو اهڙا گهڙي ڌاهي سگهيا. هن مان ثابت آهي ته اها اکري تخليق يا درزيپڻو شاهه سائينءَ جي ڪماليءَ جو اعجاز ۽ سندن ايجاد آهي:

## معنوي ايجاد:

(١) مونسٽ = مون + سٽ. وڏائيءَ ڪي اڇلائي ڇڏ.
(٢) ريڪڙباريا = ري + ڪڙباريا. ڪڙين ڪان سواءِ يعني پيرن تي هليا.
(٣) ڪانارٿا = ڪان لڳل، تير لڳل، گهايل.
(٤) دُني = دنيا.
(٥) ڏاگهنٿون = ڏاگهن مان، انن مٿون.
(٦) خُشيان = خوشيءَ مان.
(٧) شاتہ = شايد ته.
(٨) آبهين = بيهي سگهين.
(٩) ڇپري = ڪُرهي مڇي مارڻ جي، جنهن ڪي ڇهه ڪانيون ٻڌل هونديون آهن
(١٠) حجر = حضر، سفر جو ضد (حاضر هجي).
(١١) ڇپاتا = چپ چاپ ۽ چوري چوري.

## لطيفي گهڙيل ۽ نئيڪا اکر:

Gul Hayat Institute

(١) سواٽ = سنئين واٽ (صراط المستقيم).
(٢) زاف = ضعيف.
(٣) پترٽ = پتريٽ، ڌوبياٽي (پيش ڏيڻ سان مذڪر ٿيندو).
(٤) ڏٽ = ڏيٺ = ملاقات.
(٥) دِلا = دل تان.
(٦) سٽسي = ردِ يا گهيٽن جي ڀرڊن پٽيءَ واري نرم آنَ، جيڪا چم ڪان پوءِ ڀرڊيون ڀيرو لاهجي يا ڪترجي.

(٧) آڀڏي = اڻ ڀڄل ڳالهه، (مڪان).
(٨) آپيرِي = جنهن تي پير نه پهچي سگهي.
(٩) ڪَپيري = جنهن تي ڪنهن جو به پير نه لڳي سگهي، سواءِ انهن عظيم انسانن جي جن کي ان منزل تي پهچڻ جو الاهي امر ٿئي.
(١٠) ڪيڀڏي = جيڪا ڪنهن به نه ڀڏي سڱي هجي، لامڪان، لاحد.
(١١) آڌوتي == پاڪ (جنهن کي وضوع يا غسل جي ضرورت نه ٿئي).
(١٢) ساڦرن = مسافرن.

**آهي سنڌي اکر جيڪي شاهه صاحب کان سواءِ اڳ جي شاعر حضرات کان گسي ويل هجن يا انهن کي هٿ نه اچي سگهيا هجن:**

(١) راسيون == سج لهڻ وقت هيٺ زمين تائين ڪرندڙ ڳاڙها شعاع.
(٢) ڏير = راڄ، رعيت.
(٣) وڙهه = اڀرو، جڏو.
(٤) اڌ لڳيون = نيم خواب اکيون.
(٥) مُل = وٽ (ڪيئن ڏٺاريان ڏهرا ويندس ڪنهن نه وهانءُ مون مُل مارو نانهه، اڃا اوڏيان ڪن سان!)
(٦) جيان = زيان (جيڏيون مون سين جيان، نسورو ڏي نيهن ڪيو)
(٧) ڪِره = ڪنجهڻ، دانهون ڪرڻ.
(٨) واديوڙڪي متهين == ڳهاڻن جو گهر.
(٩) سيرو = زهر، وهُ.
(١٠) نيهو = بنياد (پڙيان آهي پڙرو، تن نانگن جو نهو)
(١١) مُلاقي = ملاقات ڪندڙ، ديدار ڪندڙ.
وغيره وغيره

Gul Hayat Institute

## لفظن جي چاڊپ جو ڪمال:

(١) لتا == ڪپڙا، وڳا، جوڙا، پٽرھڻ، پڇَ، لٽڙ، ڏير، اوھندر، ليڙا، ٽڳڙا.

(٢) غني == ڏاتار.

خوش == سرھو، سنرو.

پيغام == پارابو، نياپو.

انجام == ڇاڻي پول.

ناخدا == ملاح، ناکوو.

صراط المستقيم == سوات.

المغضوب == ڪُواٺي.

انعام ڪيون == موکيون.

زخم == ود، ٽپ، ڦٽ، گھاو.

چادر == سپر.

برداشت == سهپ.

ضعيف = ايرو.

مصيبت = پيڙا.

شڪاري = پارهيڙي.

تاج = ڇٽ.

راڻي = جهيرياڻي.

سردار = سرواڻ.

زنگ = موريائ.

ماهر = سڄاڻ.

قاصد = پيامي، پهي، پانڌي، پهر.

منڌ = شراب.

غم == ورهه.

فڪر == وماس، اندوهه.

ملاقات == ڏيٺ.

Gul Hayat Institute

راز = مَنجهہ، ڳُجھہ.
شوق = ڪوڏ.
باز = سيچاڻو.
خاندان = ڪُرَ.
نسل، بنياد = پُڙ، نسو.
شِتِهہ انبيا = نبيان ڄام.
طعنو = اوپالو، مهڻو، ويڻ.
خبر = سُڌ، ڪل، ڪَڙ.
جنگ عظيم = وڏاندري ويڙهہ.
خدا حافظ = الله بيلي.

(٣) ور = مڙس، ڪانڌ.
ور = پوڻتي موٽ.
ور = ياڪر، وڄهو ور ونجهہ ڪي روئي ونجاري.
ور = سلوار، ڪلائيج يا سٽڻ جو ور.
ور = وڪڙ، ڦيرو.
ور = پٽڪي جو ور، نانگ جو ور.
ور = ڦير، ڏنگائي. ور ۾ ناهي ور منهنجو ڏيرن ور وڏڪيو.
ور = چڱر، پلي، شال. ور اڪڙ جي لوڏ گهوريا سڪ پنهور نجا.
ور سي وطن چاهون صحرا سترجن.
ور = قبضو، داءُ. فلاڻو منهنجي ور ۾ آيو ته....
ور = گهنج. منهن ۾ اهڙو ور وڌائين....
ور = پيچ. ور واهين جا وسيل عاصي تنهنجي آسري.
ور ڙي فلاڻا، يعني تڪڙو موٽ يا پهچ.
ور = چڪر، گهمرو. زمين نان ور ڏئي اچ. پائيءَ جو هڪ ور اچا ايندو.
ور = ڳوٺ جو نالو.
ور = زيور جو نالو، پير جي آڱوٺي ۾ زالون پائينديون آهن.
ور = پيچ.

## قافين جو ڪمال درجي جو چوندو ۽ ڇلبلسي زيب:

(۱) سسئي سرواڻن سين ڪهڙو لئن لڳوءِ
جنن جڙون هنيئه ڪر، پاڻهي نيهن ڳتوءِ
ڏاڏيپوتو ڏيهه ۾ ڏُکي ڪونه ڏنوءِ
هاڻ ڪلي جو ڪنيوءِ سو متان ور وسارئين.

—

(۲) ڪيچ نه آهي ڪوٽ ۾ جنن جڇي هيٺ،
نه به لوئيءَ ساڻ لطيف چئي پيڙيو پڏي پيٺ
هٿ سچي اَنَ سسن جي هيٺ رجائي ريٺ
سرهيون سي سرتيون وطن، جن جي ويٺ
ماڙيان شال ملير ۾ منڊائتي ميٺ
ڏِها ڪجان ڏيٺ منهنجي مدد مارُئين.

## شاعري زيب زينت ۽ سهڻو تخيل:

(۱) ڪانگل قريبن جا اکين مٿي آ
ويهي وصل سندڙي ڪر تون وائي ڪا
منَ اچي سنجهه صباح، آن آسر پري آهيان.

—

(۲) ڪانگل قريبن جا وڻن مٿي ويهه
تو تنائين آئيين جت سڄڻن جو سائيهه
پاڙي پاڙي پيهه ڏي پارايا پرين جا.

—

(۳) سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين مون کي گڏيا هيرَ
ڪاڻهونڪر ڪيڏانهن هيا وڏي لايان ويرَ
پرين تنهنجا پيرَ اُکيان شال اکين سان.

——

# اَمُلَهہ اَڻ توريا

[ رسالي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جا لٽڪيل بيت ]

Gul Hayat Institute

بندرَ ديسان ديسِ، مُلهِ نہ ملي وارِئين

فقيراڻي ويسِ، اَمُلَهہ ڏين اَڻ توريا.

(شاهہ)

Gul Hayat Institute

# سُر يمن

(۱)

سهي جئن سانداڻ، ڏکن مٿي ڏکَ،
هٿي هينئڙا نِڏَڪَ، جو سهجئَ ساريو نه مرين.

(۲)

موڪيءَ متارا، وڏيءَ ساجهُر ساريا،
اچڻ جي وارا، اڄ پڻ ايندا مان گهري.

(۳)

وڏيءَ ساجهُر ساريا، موڪيءَ متارا،
پيئڻ جي وارا، اڄ نه آيا ڪنيجڙاي.

(۴)

جو پر پيتو آن، سو سندو سٽپن سار،
جي واسينگ وٽن ويڙهيين، سي ٻي هنڌ ڪيم نهار،
اچي ڪٿن قرار، جي اٿونديا راهين گهڻو.

(۵)

سندو سٽپن سارُ، جو پرُ پيتوسان،
جي واسينگ وٽن ويڙهيا، سي نه وهيٺا مان،
انهيءَ لڄ مران، جئن آٿوندو آئين گهُرو.

(۶)

ڪاراڻ ڪارا، ورچي ويا ويڙهه،
وهه جيي ويچارا، سُٺي ڪاله، ڪنگاڻيا.

Gul Hayat Institute

(٧)

ڪارايلَ ڪارا، وتن جي ويڙهين ۾،
وِهه جيي ويچارا، سُٺي ڳالهه سِجهي رهيا.

(٨)

سسيون ڪٺي سردارَ، آڻيو رکن اڏيين،
موکي متارن کي آڻيو ڏي آڏار،
مرو ڪيم متار، آڏيءَ اوڏا م وِهو.

(٩)

جي تُون ڪڪوهه ڪوڏيو، تہ ونءُ ڪلاڙن ڪاهي،
جتي سترُ سِپچي، اَت آوَرَتو آهي،
آنگڻِ اٽڪائي، ساهه چڪيائون سُرڪ جو.

(١٠)

جي مشتاق مٺي جا، سي مُوران نہ موٽن،
جي ڪات ڪلاڙن ڪيا، تہ پتنگ جيئن پتوَن،
نفيان نابود ٿي، اثباتا اچن،
ڪنهن جنهن چال چلن، عاشق آجل سامُهان.

(١١)

موکي متندُ پيار، اوچو اوچي مٿ مان،
وٺيءَ وجهہ ۾ وار، ڏيندي ڏاتارن کي.

(١٢)

موکي متارن جا، نتنڊا ڪيم نهار،
پسڻ لٺ پرين جي، وٺيءَ وجهہ مَ وار،
سِر ڪٺي سردار، اڳئي تو جي آئيا.

Gul Hayat Institute

(١٣)

ناهي ڪَتڙهاٽُو ڪُتڙه تي، سَونچ نہ ساندائن، *
ڏَمن ڏڪاءُ نہ ڪري، شاتَ لڏيو لوهارن، ٢
آهس اڳيوڻو ڪينڪي، تجلو تنورن،
ويا گهڙيندڙ گهاٽَ جا، ڦا جڦونرا جوش جلن،
ساجهُر سيرهائين، وڻيون ويڙهي ڏڪيون.

(١۴)

مُلان ڪاري ڪاندَ، پيچ ڦاڙيندڙ ڪپڙا،
ورد وضيفا واندَ، ڏٺيءِ ڏتاري چڏيا.

---

* ڪتڙهاٽُو = ڪاڙهڻ وارو.
٢ شاتَ = شايد.

Gul Hayat Institute

# سُر سارنگ

(١)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جتي لهر ڏَکاءُ،
وٽ رسا، مڪ مڪڙيون، ساڃا سڙهہ سنباءِ،
اَشْهَدُ لااِلٰهَ اِلاّاللهُ وحدهُ لاشريڪ لهُ، وکر
اِيءُ وهاءِ،
سبحان من تخبرني في ذاتهِ، پرڪ اهڙي پاءِ،
اِنا اَعطَيۡنٰكَ الكَوثَرَ فَصَلّ لِرَبِّكَ، لاڄو
اي لڳاءِ،
ترڪ الدُنيا راسخ العبادت، ڏيرو اي ڏساءِ،
واٽون جي وصال جون، سيئي سي سڃاءِ،
تہ سامونڊي سنداءِ، مَدي مُور مَ سٽان.

(٢)

جيڪي منجهہ جهانَ، سا صفت سڀ تنهن جي،
خالق خلقيو خلق کي، رحم سان رحمانَ،
آدم منجهان آدم ٿيو، هندو مسلمانَ،
ڪي ڪُوڙا مَ ڪفرانَ، ڪنهي محمّد ميڄيو.

(٣)

جيڪي منجهہ جهانَ، سا سڀ صفت تنهن جي،
قادر جي قدرت جا، مڙيئي مڪانَ،
پدم ڪان پري ٿيا، آڳي جا احسانَ،
ظاهر ساڻ زبانَ، ڳُٺي ڳُٺيان ڪيترا.*

---

* ظاهر ساڻ زبان، چُٺي چُٺان ڪيترا.

(٤)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت آگهو چڙ آهي،
لکين وهن واهڙا، ٿــو نينڊو نمائي، *
ٻڏي اوليون عاج جون، وچ چيٽي چلائي،
نرمل نور نبيءَ ذي هاج هيجان هلائي،
تہ مُهري مٿان ٿي، لاڳو٢ لهي لطف سان. ٢

(٥)

معلمُ سُڪائيءَ ڪي آيــو ڪري سڌ،
ٿري هيٺ ٽراز جي، ڪيو ڪڙڪو ڪڏ،
سو مال پهچي مڏ، جو پاڻ پرائو چاڙهيو.

(٦)

معلم سُڪائيءَ سين، آيو ڪري ڳال،
وهڻ ۾ واگهيرن جيي، چار ٿي پهر چال،
اوري ٿــو انگريچ وڙهي، پري ٻورچ پال، ٤
سو مس پهچي مال، جو پاڻ پرائو چاڙهيو.

(٧)

معلم سڪائيءَ ڪي، آيــو سڌ ڪري،
جاڳو يـارا جهجهہ ۾، آيو ٻيڙ ڀري،
سو مال مس وري، جو پاڻ پرائو چاڙهيو.

(٨)

معلم سُڪائيءَ ڪي، سڌي آيو چوءِ،
نہ ڇپاهين ڇيني، هنجين حال نہ ڪوءِ،
ناهہ نبُن ڇڏيو، ڪيرو ٿيو ڪوءِ،
آيو انگرزياروءِ، ناڪو لِڪن جي ڪري.

---

* نينڊو = وير جو قسم، وڏو وهڪرو.
٢ لاڳو = تڪليف.
٤ ٻورچ پال = پورچوگال، پرتگال.

(٩)

الله ڪريم ڪرمَ ڏنّي، خالقَ خلقڻهارَ،
پاڪ پرور پادشاهہ، جابر رب جبارَ،
غفور يا غفارَ، اسم آهي آنهنجو.

(١٠)

الله ڪريم ڪرم ڏني، رازق رحمانا،
آهيون توجا اصلي، پانهپ سين پانا،
سي سالم سمانا، پهون رکج پاجهہ سين. *

(١١)

الله ڪريم ڪرم ڏني، صاحب سپاجها،
مولا پنهنجي مهر سين ڪرين آرَ ڪنان آجا،
آهيون اوهان جا، پارِ لنگهائيں پاجهہ سين.

(١٢)

خالق نور خلقيو، بيان ڪيو بيان،
چئي "ڪُن فيڪون"، جوڙيائين جهان،
سج چنڊ تارا ڪئيون ارض آسمان،
سندي سڪهہ سبحان، مڙني محمدّ مڃيو.

(١٣)

اوليءَ تيون الوان، ناڪئو نگاهہ سين،
مڪڙي ملاح هٿ ۾ لولاڪ هٿ لميان،
اَلَمۡ تَکُنۡ اَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً، جوداً جود جوان،
تڙ وئيو پهلوان، سموند گواهي سيدّ چئي. ٢

---

* سمانا = سڙها، خوش، سلامت.

٢ گواهي = غواصي.

(١٤)

واريءَ تي ويهي، ڪير ديد درياهہ جو،
ڏنگي پنهنجي ديس تي، واڪيندي ويئي،
لڳس ڪوسُ ڪنڌار جو، ساڃو سيوڙي،
جي گهريہ گهر ويهي، سي سيئي سلامت آئيا.

(١٥)

پيو منجهہ ڦلهيار، ماڻڪُ ميرو نہ ٿئي،
لائي لهي نہ تنهن جي، ساري سڀ جمار،
جي ڪُٺا خريدار، تہ بہ ملهہ مهانگو اُن جو. *

(١٦)

اونها ڪُن، عميق تڙَ، جت جُنبڻ ناهِ جاءِ،
ٻيڙي آهي ٻالڙي، آت پيرُ پروڙي پاءِ،
هٿي هٿي ڪندا هاءِ، هزارين هانڪ ويا.

(١٧)

سونارا صرافُ تي، هڏ م ڪوڙ ڪماءِ،
متان تو هٿاءِ، وڃي ورچا وسري.

(١٨)

تارُن کي تارُ، اصل اوڙاهہ نہ ڪري،
آتارُن کي آرَ، پيريو وجهي پَنَ ۾.

(١٩)

ڪيوڙ تي ڪيوي، تو آئِي نند آياڳ جي،
آسارا تو اِهي، سڀ ويندئون وسري.

(٢٠)

اڄ ڪر آسارُو، ڪيوڙ پسيو تو ڪيلين،
سعيو ڪر سمونڊ جو، ويهہ م ويسارُو،
صبوح سوارُو، آهرنديون اوڙاهہ تي.

---

* ولها جي وينجهار، تہ بہ ڪڇ ڪماڻن ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

(٢١)

جتي لهرون لک، ڪَنِرِ ڪرڳل پاڻ ۾،
اتي عبداللطيف چئي، ربَّ تُنهنجي رَکَ،
ڪوجها هي ڪک، پر نہ جهليندا پيرِ جو. *

(٢٢)

جتان گوھ نہ گُراب جي، تَريون ڪئن تَرن!
جتي پوڏ پَٽڏِي، اُت ڪک ڪچاڙو ڪن!
لهر لڳندي، هڪڙِي، ويچون ٿيو وڃـن،
جي ڪاري، پر ڪنبن، سي پيڙا رکج پاجهہ سيٖن.

(٢٣)

گهاڏو گهٽيئي هئا، مـتـي هـــن مهراڻ،
ڏانگهہ نہ لڌي تارُئين، سندي سـير سـِڻاڻ،
لاچـو چـِنـا لهرئين، پـگـا سـڙهـہ سڪاڻ،
ڪُنن ڪچوڪچ ۾ جُنبيا جُنگ جواڻ، ٢
موڙي چڙهيا مڪڙا، جهولي پنهنجا جـاڻ،
سبحانَ اِنـّي اهل العجز مِن مَعـْرفـتـکَ، اهڙا جن پرياڻ،
وڃـائــي وڏاڻ، حيرت ۾ هـلـي ويـــا.

(٢٤)

جي پانئين کارو کيڙيان، آتي بـُونبَ بناء، ٤
قُلْ هُوَ الرحمانُ آمنـّا بِهِ، ساچا سڙهہ سنباء،
پنج پڳهہ، ٿيهہ اوليون، لاچـو اي لڳاء،
وحدهٗ لا شريکَ لهٗ، کوهـو خـوب کـڻاء،
نہ ساموندي سنداء، سچي ٿون ساک لهين.

---

* (١) ڪـَچاڙو هي ڪک، پرُ نہ جهليندا پير جو.
(٢) ڪـُچاڙو هي ڪک، پرُ جهليندا پير جو!

٢ ڪچوڪچ = ڪشوڪش.

٤ کاري کيڙائو، آتي برهہ بونب بناء.

(٢٥)

جي ڀانئين ڪارو ڪيڙيان، اول ٻونب ٻناءِ،
سنها وڏي ساڪرا، لاڄو ڪوهي لاءِ،
پنج پڳهہ، ڇيهہ اوليون، اي ساج سنباهہ،
تہ ساموڊي سنڌياءِ، ولهي واڪي نہ سٽان.

(٢٦)

جوڙي هن جهاز کي، پورا ڏون بناءِ،
پنج پڳهہ، ڇيهہ اوليون، ستر سڙهہ سنباهہ،
انيتاليهہ عشق سين راسيون راس وڌاءِ،
ملاحظو مهراڻ جو، منان مور مَ لاهہ،
سيد چئي سمونڊ ۾، اپر آ اونداهہ،
جت مانگرمڇ ماهہ، آت گوشي جهلِ گراب کي.

(٢٧)

وساڻو سو واءُ، جنهن پر ڏڄن ناکئا،
ٻيڙي ڪنرَ ڪنن ۾، اڄ هاڻو اوڙاهُ،
اڇو اُنِ ڏڙاءُ، تہ ساموڊيا سڙ ڇيو.

(٢٨)

هيءَ ڏنگي هو درياهہ، هو معلم هيءَ مڪڙي،
سائي جن الله، سي لهرين پار لنگهايا.

(٢٩)

جڏو ويو جهاجُ، ٻيڙو ڪونہ ٻندر تي،
پاهان چڏيائين پٽ ۾، آئي اڪئين آب،
ڏهان پوءِ گراب، اڃي ٻيڙو ٻندر تي.

(٣٠)

جتي وهن واهہ، چپا چڙن ڪينڪي، *
ڪشتي ڪاغذ ڪچ جي، چاڙهيم منجهان چاهہ،
ٻسي سختي سمونڊ جي ماندا ٿيا ملاح،
شرم رکيچ شاهہ، لائق لاڪي جا ڏٺي.

---

* جتي وَنجهہ نہ واهہ، چپا چڙن ڪينڪي

Gul Hayat Institute

(٣١)

هڪ ٽـراڙي، ڏوهه، ٻئي ٽراڙي ڇا پاڻ،
ٽئي ڪج ٽون ٽوهه، ٻئي ٽراڙي ٻاجهه سان؛

(٣٢)

اڳينءَ جان آئون، جـَـرُ پـَـلـهه پـاڻيـان،
آيل وڻجارن جون، ڏُونڪيون ڏَچائون،
منجهان روح ره ٿيا، محمد مچيائون،
پُنيئـم مدعائون، ڪنڌَ ڪيڙائو آئيا.

(٣٣)

نرمل نِماشامَ، جان جـر پـَـلـم پـاڻيـان،
مـاءُ سامونڊي آئيا، وڙ وڏا وريـام،
برڪت محمّد ڄام، ڪنڌَ ڪيڙائو آئيا.

(٣٤)

جني جي جهاز ڪي، ساڳـُـو سلطاني، *
سِرَ ـ اوليِ، پڳهه، اُن جي ڪُوهي نه ڪاڻي،
ڪي قنڌار، ڪي بصري، ڪي ٿيا عرب انعامي،
تن جاوي جوکو ناهه ڪو، جن بندر ۾ باني،
ڪيـڙي ڪنڌاني، سـويـا سٽڙ آئيا.

(٣٥)

ٽـڙيـن ٽنوارڻ، مـاهه ولاتي آئيا،
وايـون وڻجارن جـون، جيجل جيارين،
ڪليو ڪيڪارين، سڄڻ سلامت آيا.

(٣٦)

ويـا ٿِـي رحمتي، احمدُ ڄـام آيـو،
قمر قرباني ٿيو، عظمت ڪنڌ نـايـو، ٢
تارِ رسول تاريـو، ساري رات سيد ڇئي.

---

* ساڳـُو = سڳـو.
٢ ’ن‘

(٣٧)

اڇي جي پرياڻ، ساڻ ڪريان پڌرو،
گوليءَ جو گماڻ، وڃان وڃي نڪري.

(٣٨)

سيريءَ ۾ سر راڳ، واءُ لڳندو وترو،
مٽي مٽيءَ ڳڏ ٿي، ڏنو روح جواب،
آدم ڪي آواج، تنهان پوءِ پيدا ٿيو.

(٣٩)

آدم نه حوا، نه ڪي خلقيائين ڪي هيو،
ڪاٿي هو ٽڪيو، تڏهن تنهنجي روح جوا

(٤٠)

ڪر سمونڊَ سيوا هاڻ، ته ماڻڪ موتي لهين،
ٿي ڇلڙ ڇورين، ويهي جيءِ وڙاڻَ،
ڏيئي ڏيوَريون ڏاڻَ، سڪي ويندڙن سيکه ۾.

(٤١)

موتي تارون تانگهه، دم دم درياهه وهڪرو،
سيئي ڪن ڪپر جا، سيئي تڙ اورانگهه،
سي ئي اهم آتانگ، سي ئي اصل درياهه هو

(٤٢)

جتي ڪون مڪان ڪو، ٿا تائين تيڏاهين،
جيلاهين وَهُه وڙدو، آوه وڃن اوڏاهين،
ڀٽن وحدت وچ ۾، ساراهين سائين،
اچو آتاهين، ڏين آڳاڄهون خبرون.

(٤٣)

ڪهڙو ڪاروڻيار ڏي، مستي وهه وچن،
نِڪُونج نهايت ناهه ڪا، راتو ڏينهن رمن، *
نڪو پهر نه پيچرو، نڪو ڪٿ رهڻ،
ڪُلُ شيءِ يرجع اِلى اصله، پيون ڏناڻون پن،
آءُ گهوري متان تن، جنهي آهه اوڙاهه جي.

(٤٤)

جني آهه اوڙاهه جي، اونداهه عميقن،
جر اونهو، گهڻو گهٽا، ڪي ٻجهڻهار ٻجهن،
نڪو پهر نه پيچرو، وچان وير ورن،
عقل اُت اوچون ٿيو، عالم ڪين ڪچن،
ڪا جا آهي ڳالهڙي، ڪمتر ڪي ڏسن،
جي اِنهيءَ راهه رمن، سي فاني ٿيا في الله سين.

(٤٥)

نڪو وهه نه واٽ ڪا، نڪو انت نه ڇيهه،
پنڌ پرونئي ناهه ڪو، آهه آنانگهو ڏيهه،
هلڻُ حيرت ۾، چيتاري ڇيهه،
پُهتُ پروڙي پيهه، اونهو پنڌ آڙانگ گهڻو.

(٤٦)

دهشت دهر درياء، جت ڪڙڪا ڪن ڪياه،
ساوڻ جو سيد چئي، پلٽيو پٽ پدرياء،
هاڻي هيڏانهون وهين، جمعيت ڪريو جاء،
هو پڻ ڏينهن ڏناء، هي پڻ ساڻر سنبرين.

(٤٧)

هي پڻ ڏينهن ڏناء، هو پڻ ساڻر سنبرين،
اچڻو تڙ ترڪاء، پتويت مڪڙا!

Gul Hayat Institute

* نِڪونج = ڪُن، آواز.

(٤٨)

هي پڻ ڏڻاءِ ڏينهن، هو پڻ سائرَ سنبرين،
تـڙ گهڙنـدءِ ايئن، پـتـو پت مڪڙا!

(٤٩)

پُريو پرئين پار ڏي، مـتـي وهـه وڃن،
هٿ ڪيائـون تڪيا، عاقل جت منجهن،
من عـرف الله تعالیٰ ڪـَل لسانه، آهج آهي اُن،
توءِ نه چاتي تن، ڪـرَتا ڪامل پرسن جـي.

(٥٠)

پنڌَ پـرو ئـي ناهه ڪو، اوڏا ئـي آهين،
پيهي ويـا پـاتـار ۾، ساچاهي ساهين،
سو ئـي ساراهين، پاڻئون هلن پـاڻ ڏي.

(٥١)

منجهان ئي مُونجهه، عقلئون ويـا آماسجي،
پيئا جي نِڪونجهه، ڪنهن پر پُرن پـهيٽڙا.

(٥٢)

موڙن تن محالُ، ٿـيـا فـنا في‌الله سين،
وڃائي وجـود کي، حاصل ڪيائون حالُ،
نڪو قيل نه قـالُ، آنانگها آنانگهه گهڻو.

(٥٣)

اونها ڪـُن آنانگهه گهڻو، جـَرُ نه چائي ڪوهه،
جيڪو آتـان اوهـريو، ويـو لوهه بـلوءِ،
ڪڏهين ڪونه چرءِ، ڪو آتاهين ٿي آئيو.

Gul Hayat Institute

(٥٤)

جني آهي اوڙاهہ جي، سي وچڻ کي ويا،
وجـود وڃن وسري، فاني سـي ٿـيا،
اِن العابدينَ الانبيا و المرسلين، آهـن اُو آميا،
جي وحدت سر ويا، ناهہ نهايت تن جي.

(٥٥)

سمونڊ ڪنيو ساهہ، ڪوڙيين موجون آٿيون،
سيڻي ڪون مڪان ۾، سيڻي سـي ٿيا،
الا اِنّہٗ بڪُلّ شيءٍ محيط، مڙوئي درياهہ،
آدميو جي اوڙاهہ، ذات مڙيائي هيڪڙي.

(٥٦)

آدميو جي مهراڻ، ذات مڙيائي هيڪڙي،
الا انڪما ڪان، وڃـو وچائـيـن ڀـاڻ،
جي پروڙين پرباڻ، ٻيو هڏهين ناهہ ڪو.

(٥٧)

دعوا ڪنان دور ٿـيـا، پسي پَر پرين،
سي ٻڌيو ڳريون ڳالهيون، ويا ڪين ورن،
ڪهتر ڪي رسن، جني آر اوڙاهہ جـو.

(٥٨)

پاڻهي رهيو پاڻ سان، ويا سيئي شڪَ،
نہ ماڙهو نہ مرون، نہ ڪي ڪـا ملڪَ،
قوتا سب قيسي پيا، لٿي وچـان لڪَ،
سو سيڪڙو سا سڪَ، ڳالهہ مڙيائي هيڪڙي.

(٥٩)

سامونڊي سفر جـو، ساري ڪڻ سامان،
پـورج پُربـنـدر ڏي، سچائـي سبحان،
نـاڪـئـا رک نگاهہ ۾، نکٽ ۾ نشان،
متان منجهي ۾ مهراڻ، جوکو ڪرين جهاز کي.

(٦٠)

جوڪي ڪان جهاز جو، تون ادا ڪج آرو،
اکيان ڪئين عميق ۾، آهــــي اوپارو،
متان ٻـڏي ٻـار ۾، ٿئين لـُڙهي لهوارو،
صبوح سوارو، تو سات چڙهندو سفر تي.

(٦١)

سات چڙهندو تو آئي، ستُرُ تنهنجو پار،
پڙهه لا تقنطوا من رحمة الله، تيهه آيت جي آڌار،
ته صاحب رب ستار، تو اڪاري احسان سين.

(٦٢)

ٻـڌي جـوڙ جهاز ڪي، چيتاري چڙهـو،
جتـي پيڙ پٽين جـي، آتـي ڪيم آڙو،
سامونـڊي سيـد چئي، پنهنج ڪين ڪڙو،
جـان دنگ دڙو، تان ڪيو ڪيچ ۾. *

(٦٣)

بات پروڙيندڙ برهه جي، سالڪ ويـا سي،
صراف هليا، سچ تـي، جوهري همـا جي،
مانڪ موتـي آيــا، اکيـان انهن کي،
عينڪون جن اندر ۾، سون سڃاڻن سي،
ويـا سوداگر نڪري، ڏٻهه ڏوراڻي ڏي،
موتيو ماڪ نهاريان، ڏيو تسيا تن کي،
لـڳو پيرن لوڪؤ، لالن نـتـو لـيـي،
مور مري ويا، هنس هلي ويا، ڪونجڙن رهيون نه ڪي،
هيون مٺياڻون منهن جن جي، آو نانگ ڏي ويا نڪري.

---

* (ن).

Gul Hayat Institute

## وائي

ڪير ڇڏيندو، ڪونه ڇڏيندو،
ته ڪو آهين تون اسان جو.
ٿون پرتين رب کي، ڪر سفر جو سعيو.
جاني هن جهان مان وڃي لاڳاپا لاهيو.
نفسي نفسي ڪهڙو، ڪنهي سڀ ڪهندو.
آمتي يا امتي، آت رسول رب چوندو.
آڳي پنهنجو امن ڪيو، ٻانهن تي ٻاجهايو.
بابڙي بيبيءَ فاطمه جي، بار سڀ بخشايو.
شمس وڏي شعاع سين، پوري تاءَ تپيندو.
آئي عبداللطيف تيَ، حضرت هٿ ڏريندو.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪليات

(١)

چنڊَ ٻُونٽي منڊ، سنجهي ٿي سيخ ٽيمين،
ٻرين جي ٻرلاءَ جي تو لڳي ڪانه پچنڊ،
ڪر اونداهي آنڊ، ته پسون منهن محبوب جو.

(٢)

جا نشاني نور جي، سا ٻرينءَ پيشاني،
جيڏو ڪونه جهان ۾ سندس ڪو ثاني،
قمر قرباني، شمس سڄو ڏي گهوريان.

(٣)

رنگ ڳوري رخسارَ، سرو قد سپرين،
جانب جلويدارَ، سهسين سورج موهيا.

(٤)

آيري آيتناهُ، تيو سُهائو سوجهرو،
جيڪو ڪرٽو سو ڪيو، الست ڏينهن الله،
اڪين ۾ آهاهُ، تي سين پسيو پاڻ ڪي.

(٥)

سڄڻَ سنبريام، شمس تنهنجي سوجهري،
هيڪتِ حبيبن جي، ويل نه وسريام،
اندر آيريام، صورت سپرين جي.

(٦)

سڄڻ سنبريوم، شمس تُنهنجي سوجهري،
هلڻ حبيبن جو، ويل نه وسريوم،
تيو چت چريوم، تجلي پسي تن جي.

Gul Hayat Institute

(٧)

شمس ۾ شعاع، سدا سپيرين جو،
سو نه پسي سج کي، جنهن وڏو پاند مُهاڪ،
سورجُ جئن آهاڪ، تيئن مُرڪڻ محبوبن جو.

(٨)

ڏٺي کهڙيءَ ڏيٺ، قمر قريبن کي،
سچ کر سپيرين ۾، ماکيان مٺي ميٺ،
مون هيئين کان هيٺ، ڪڏهين ٿين ڪينڪي.

(٩)

قمر قريبن سين، جيڪر تيئي ڏيٺ،
چئج حال حبيب کي، نِت منهنجو نيٺ،
آءٌ هيئين کان هيٺ، ڪڏهن پانيانِ ڪينڪي.

(١٠)

جي هيئين منجهه هُرن، سي پرين پَراهان ڪينڪي،
سجڻ نت سرير ۾، چڱيءَ چال چُرن،
جي گهٽو گهر گهُرن، الله سي ئي آئيين.

(١١)

ڏڌو ڏٺو ڪن، سَتاڪيرون سڄڻين، *
هُنِ ئي هُٽ جُهاريو، هيي هِتي تا پسن، ٢
اسان ۽ پرين، چار ئي اکيون چنڊ ۾.

(١٢)

سيني سنگهر سون جي، ڪچيءَ روپي ڪَٽ،
ڏاوڻ ڏابون نه رهي، وهي نه وکن وٽ،
سو ليهڙو ئي لٽ، جو ڪتجائي ڪک چري.

---

* سَتاڪيرون = مبارڪون

٢ جُهاريو = سهيويو.

Gul Hayat Institute

(١٣)

جي ٿيا حل حبيب سين، سچن تن ثواب،
ڪرھو ٿيو ڪباب، گھاٽـو پاڻيھي وھي.

(١٤)

قمر ڪارو ناڻگ، توکي ڪاڏي ڪڍھين،
وڇـوڙو وڙوانـد، ڏئين ڏکويـن کي!

(١٥)

توکي ڏئين ڏاريـو، ڪرھـا ڪيميائي،
تنھنجي سڌ سرواڻ کي، معلوم مڙيائي،
ڪر ڪا ڪمائي، جا اچي ڪم ڪشال ۾.

Gul Hayat Institute

# سُر سامونڊي

(١)

آهين آساري، متي تڙ گذاريين،
تو ڪيئن وساري، صحبت سامونڊين جي!

(٢)

جن لئہ نيڻ جهڄن، سي آءُ ڪٿ نهاريان! *
آيل ساريو آن کي، اوچنگارون اچن،
تن ڪاري ڪيڙائن، واحد وارِي آئيين.

(٣)

بندر تي پلڪار، سارو ڏينهن سمونڊ جي،
نہ ڇاڻان پيهار، آن تڙ اينڊا ناڪئا.

(٤)

وڏو پاڪ سندون، مکو پيٽي موتيا،
وڃي سو ڏنون، جو روضو پاڪ رسول جو.

(٥)

مٿن ڪپڙ ڪوٺ، اچن سڙه آپڙيا،
سامونڊي مون گهوٺَ، سيئي سلامت آئيا.

(٦)

مون آيي تڙ روءِ، پرين پگهہ ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ بوءِ، نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهڻو.

(٧)

مون ايي تڙ پاس، پرين پگهہ ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ باس، نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهڻو.

Gul Hayat Institute

---

* جن لئہ نيڻ جهڄن، تن پرڏيهہ پوريو.

(٨)

اچن سڙهه آپڙيا، مٿن مهاڻا مٿلَ،
جي اچن آبَ اُڇَلَ، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

(٩)

پٽن پٽمي پچار، آن کي سڙهه-ويندا گڏيا،
اُکنڊيون اپار، شال منهنجا موٽيا.

Gul Hayat Institute

# سُر سهڻي

(۱)

ڪَچو گهڙو گهوريو، ويندس تان نه وري
پسنديس پارُ پرين جو، تانگهو تار تري،
مهارگيئون مري، پلڪُ پاسي نه ٿيان.

(۲)

گهڙو ڪچو گهوريو، هٿين تري هلُ،
خَيْرُ الْاُمُوْرِ اَوسَطُها، تانگهو تانگهي مٿل،
مَن قتلته و فديته، ارتان تانج تل،
ساهڙ ڪي مَ سَل، منڊ ڳالهه مهراڻ جي.

(۳)

گهڙيون گهوري هليون، سهڻيون سياري،
لاتَتَحرَّڪُ ذَرَّةٌ اِلاّ بِاذنِ الله، واحد جا واري،
ترهو نه تاري، تاري تنين توهه سان.

(۴)

گهڙو ڪچو گهوريو، ترهي ناهي تات،
اچي آنانهين پٽي، جتي ڏينهن نه رات،
عاشقاني ذات، مُٺي ملهائي سهڻي.

(۵)

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪڙڪا ڪُن ڪَرِن،
سوين سيڻاها سير ۾، لڙهندا لک وڃن،
نه ڪنڌي نه ڪپر، نه ڪي سڌ سُڃن،
ڏوڏي تيڏانهين گهڙي، جڏان وسيلا وڃن،
آني اڻ تارن، ساهڙ سهر لنگهائيين.

(٦)

دهشت دم درياهه ۾، جتي جر وهي جالم، *
لڳي موج مهراڻ ۾، اپر گهڻو آجم، ٢
پيرين ۾ پرم، الله رکج آرائين.

(٧)

دهشت دم درياهه ۾، وير وراڪا ڏي،
اچي گهڙي آر تان، ساهڙ سنياري،
سنجهي وڏي سهڻي، لهرين مان لنگهي،
سو ميهارم ملي، آهيان جنهن جي آسري.

(٨)

دهشت دم درياهه ۾، جت پاڻي پڇاڙي،
جان جان نينهن نڪون ڪري، توڏي تيئن تاڻي،
وهه تکو، گهور گهڻا، آرن ۾ آڻي،
رهبر رساڻي، لطف سان لطيف چئي.

(٩)

دهشت دم درياهه ۾، جت ڏڏڪو ۽ ڏڪار،
توڏي تاڪن وچ ۾، آب گهڙي اختيار،
ميان هن مريض جو، ڪر اونهي مان اوڪار،
هادي هٿ ڏگهار، ته اونهي مان آڪري.

(١٠)

دهشت دم درياهه ۾، جت پير اڀتي پٽ،
آڻيو آب اڇلي، رؤ رڻازي رت،
ڏم ڏهاڙي ڪيترو، ڪري خوب ڪپت،
ساهڙ ڪر سپت، ته اونهي مان آڪران.

---

* جالم = ظالم
٢ آجم = اعظم.

Gul Hayat Institute

(١١)

اونهي مان آڪارئون، هادي ڏيئي هٿ،
ڏي دوس دلاسو دل کي، ڪامل ٿئي قُوت،
سنڌي ساهڙ سٿ، هلي پسان حضور ۾.

(١٢)

طالب ڪرِ ٽوڏي، جي تون طالبُ ٽوڏيءَ جو،
عاشقن اوڏي، معشوقن جيِ من ۾.

(١٣)

ٽوڏيءَ کي تقدير، آئي گهيڙيو آنهين،
اصل آنانئين آن جو، ڪنيو هو خمير،
ڏکيو جو قدير، سو تي سهي سير ۾.

(١٤)

پيون گهڙن ڏينهن، هيءَ روئي ۽ راتين گهڙي،
وڃ پسيو واهڙُ ٽري، ڪي نمائي نيهن،
ميڙائي جا مينهن، ويچاريءَ وسائيا.

(١٥)

چڙا تو چوڙي، ٻولي ٻُجهائي ڪن،
رنگ ڏيئي ريهه جو، توءِ جاڳايو جن،
سدا توکي من، لڳي لار فراق جي!

(١٦)

چڙا تو چوڙي، ٻولي ٻُجهائي جن،
رنگ ڏيئي ريهه جو توءِ جاڳايو تن،
سدا مون آنهن، لڳي لار فراق جي.

(١٧)

چِتُ جڙن چوڙيو، ڪن ٻڙلاءُ پيوم،
تارون جي تن من جون، تن ساهڙ کي ساريوم،
شرابا طهورا، پرين پياريوم،
تار انهيءَ تاريوم، اڳ تارَ نہ هئي تنهنجي.

(١٨)

چِتُ چڙن چوريو، ڪَهڙي نه گهيڙيوس،
ساهه پنهنجو سِير ۾، گهورن جيئن گهوريوس،
مُوتو قبل انت مُوتو، اندر ڏڪ ڏوريوس،
فڪان قاب قوسين او ادني، عجيبن اوريوس،
ڪَپر ڪين ڪيوس، جنهن جو مُنهن مِهار ڏي.

(١٩)

اڄ پڻ اڪڙيون، پيئون پار پريتن جي،
مون کي محبوبن جون، چُڪن چِتر چڙيون،
جي مهار کي مڙيون، سي لهرين لوڏيون ڪينڪي.

(٢٠)

هيءُ پَرِ، هي هندوس، جو ڪَوڙو ٿيس قريب ري،
روز ڏهاڙي راهه تي، مٿي پار پندوس،
عشق جو عبداللطيف چئي، نڪو سنگ سندوس،
ساهڙَ ساهه نِدوس، نيڻُ پائي نينهن جو.

(٢١)

عشق جي عميق مان، چُڪو چکيائين،
ورهه تنهن وهه تيو، گهر ٻار گهوريائين،
الاالله آسن ڪري، سريـر سُوجهيائين،
من عرف نفسه فقد عرف ربه، ڏيلان ڏٺائين،
پرتئون پسيائين، منجهان سڪ ساهڙ کي.

(٢٢)

منجهان سڪ ساهڙ کي، پرتئون پسيائين،
ترهي سندي تار ۾، رٽ نه رکيائين،
پَندڻ جي پڌڻ جا، چڪي چناٿين،
لَئِن سين لنگهيائين، درياءُ سچو دم ۾.

Gul Hayat Institute

(٢٣)

مٺي پُرسَ پاڪ، سونهي سِرِ ساهڙ جي،
ڪانهيون جي ڪَلاب جون، چَڙيو ڪن چاڪ،
جنت سندا جُوءِ ۾، مينهين مائيا ماڪ،
سڀ لاٿائون لاڪ، ڪلمي جي قرار سين.

(٢٤)

اڪيون مُنهن ميهار ڏي، جوڙي رکيون جن،
ري سَنڌَ سيد چئي، توڙي تار گهڙن،
ساهڙ آيو تن، سانپيارن سڌ ڪري.

(٢٥)

سندا تنهن سنگهارَ، مَرڪُ تيام ميهڻا،
آڪنڊ سندس اندر ۾، آهي مون اپار،
منهنجي من ميهارَ، اندر اوتارا ڪيا.

(٢٦)

اندر اُڏميوم، ڪري مُنهن ميهراڻ ڏي،
البحر والبحرين، تَرُ سو تانگهيوم،
ميهارُ تي مليوم، ڏنم ڏهاڪ ڏم ڪي.

(٢٧)

لهوارا تان لڪ، هونءَ تان هَرَبُ هيڪڙو، *
آئيون اوباهن تي، جوئيون مارين جڪَ، ٢
لٿيو آت لطيف چئي، ڪوڙيون پڌن ڪڪ،
واهڙ تني وڪ، جن سانپيارن سپرين.

(٢٨)

ڪاري رات ڪچو گهڙو، سيارو ۽ سيءُ،
لَڳِي لَهرَ آڌ ڪيو، جدا منهنجو جيءُ،
تورَ-ويرَمي تيءُ، ساهڙ ڪارڻ سهٽي.

---

* هرب = هرنب = هَرَنبُ = آرنب = پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ پيرين چلانگ
٢ اوباهن = ڪپر، گهيڙ.

Gul Hayat Institute

(٢٩)

ساڻيارن ساهڙ کي، ڏونهين ڏونهن ڪيو،
لڳي ڪرٽ ڪپار ۾، پلٽيو پيو،
ميهارُ مَنِ رهيو، ڏونهيون ڏيکي پيئون.

(٣٠)

ٻڌا پوڙين جيئن، سارَ سُکن جي نہ لهين،
مون تن اندر جيئن وهي، تو ۾ تڪ نہ تيئن،
ادا گهرجي نہ ايئن، واهڙَ واڍوڙين سين.

(٣١)

ٻڌا پوڙين ڪيئن، سار سکن جي نہ لهين،
مون تن اندر تيئن وهي، تو ۾ تِکُنِ جيئن،
ادا گهرجي نہ ايئن، واهڙ واڍوڙين سين.

(٣٢)

ڪو جو وريو واهُ، واسُ وٽائن ڇڏيو،
گهوريو گهوري ساهہ، مٿان ساهڙ جنڊڙو.

(٣٣)

ٽيهي سينگار، منڌ مرندي ڇڏيا،
ڳچيءَ واريو ٻانهڙي، وِهي ساڻ وچار،
لطف ساڻ لطيف چئي، سُکهو رس سُهار،
عشق جي آڌار، ٻار سونهاين ٻيڙو.

(٣٤)

وار ٻڌائين وانکوڙي، ميندو مولهائي،
ساهڙ ڪارڻ سهٽي، گهڙي نينهن گهائي،
ڪرڳل ڪوچ ڪُنن جا، آئي اُچاتي، *
سيسي منجهہ ساڻي، ڪنڌي ڏِٺي ڪُن ۾.

---

* اُچاتي = ڇڏي، پار ڪري.

(٣٥)

پسي دور درياهه جو، وڃان، ڪينَ ورهان،
محبتي مهار لاءِ، سسي ساهه ڏيان،
وڃي جال جيان، لالن پر لطيف چئي.

(٣٦)

ساهڙ ڌاران ساهه، رهي نه رتيءَ جيترو،
مون کي محب مهار جو، گهٽ منجهان ران گهاءُ،
اونهو جي اوڙاهه، ڪين پڌنديس ڪڍهين.

(٣٧)

ساهڙ، نه ساڻي، نه پيلي، نه ڏم،
اڃي پيهم اوچتو، منجهه ڪنن ڪم،
پيرين ۾ پرم، آگا رک آنار جو.

(٣٨)

پاڻي سهي نه پير، لهر نياپو نه مڏي، *
آڻيندم ڪير، سڏيون سانيارن جون.

(٣٩)

چاڪ چري، تار تري، آيون لڙ لڳن کي لائي،
ڪچا ڪانئن ڪين جا، آيون پورن ۾ پائي،
مهار ۾ لاهي، مهر پنهنجي مال تان.

(٤٠)

ڪامان، پچان پچران، هران ۽ پڙڪان،
اڇريو پوان آرن ۾، نه ترسان ڪنهن تڙ ڪان، ٢
ڪاري ڪارونيار ۾، واڳن جيئن وڙڪان،
لهرين ۾ لڙڪان، پيرُ پليرا سپرين. ٤

Gul Hayat Institute

---

* مڏي = موڪلي
٢ پچل پاندي پار ۾، نه ترسان ڪنهن تڙ ڪان
٤ لهرين ۾ لڙڪان، ساهڙ رسج سير ۾

(۴۱)

ڀَرُ ڀلِيرا سپرين، ڀلا ۾ ٻيراھ،
تُوريءَ تڪيو ناھ ڪو، والي تُوريءَ واھ،
جنھن جي ساھڙساڻ صلاح، سي ٻجھان ٻڏن ڪينڪي.

(۴۲)

ٿورن تي ٿورا، مون تي محب مهار جا،
ڳڻي ڳڻيان ڪيترا، تنھن ساھڙ ڄام سندا،
ٿرن واري ٿورڙي، تنهان گھڻيرا،
ان تعدو نعمت الله لا تحصوها، ڀُري ڀروڙا،
مونھين وس نہ ڪا، جو ٻوري رھان پرينءَ سين.

---

ڀُري = ھلاڻي، وڏي.

# سُر سارنگ

(۱)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪرَ ڪيائين،
روضو پاڪ رسول جو، ريجهي رانيائين، *
آڻي ڏنائين، عالمَ آب اگوندرو.

(۲)

ڪڪر آيا ڪيترا، هيءُ ڪڪر منجهان هيڪُ،
تون مڃ محمّد ڪارڻي، جو عالمَ جو انيڪُ،
جنهن تر ڏيئي ٽيڪُ، ٻڌُر ٻوجُ پيارئو.

(۳)

سي ڪڪر ٻسو آيُ ءِ، اُتران جي اڇن،
ابر سندي آسري، وڄون وراڪا ڪن،
وسي وڏڙن، ساڻيهه ڪي سڪي ڪئو.

(۴)

وس ٻادل وس، ٻرج مٿي ٻون،
ساري ساههَ جن ڪي، مولا ميڙيين مون،
واحدَ ڪر وَسون، تہ اوڪيون لهن عنات چئي. ۲

(۵)

وڏي آسر آئيون، ڏوليون ڏٿ ڏيلاهي،
ڪڻڪيون ڪلاچ مان، ڍڳيون ڍڳن پيلاهي،
ڀڪنديون ڀلاهي، ويئن گوندر گَنءُ ٿي.

---

* روضي پاڪ رسول جي، پلر پلٽيائين

۲ (ن)

(٦)

اڄــي اَڄ اُڪتيون، ڪِـيـتـَـڻُون ـپـُـر پـُـراڻِ،
وسي وڄڙين ڪاڻِ، لاٿي ڪـَـڇَ وٽن تان.

(٧)

مڪي تــان موٽيون، آئيون تــي عرفات،
بصري ٿـِـي برسات، آيون جانيءَ جـُـوءِ ۾. *

(٨)

تــر گجيو، بـــر گجيو، گجيو ديسان ديس،
واهہ تني جي ويس، جي وڄون وسڻ آيون.

(٩)

بادل بونـد وساءِ، روضي تــان رسول جي،
رُسندل ڪيم رُساءِ، وس نہ ورن سپرين.

(١٠)

مند ٿي منڊل وڄــيــا، آگم لاٿــي آور،
ميئهن وسي موڪ ڪـيـ، پرپائين پرپور، ٢
جي دوست هئا دور، سي پرين پڻهي گهر آيا.

(١١)

ڍٺ ڍري پٽ پيئون، وڄـن ڪيا واندا،
اوهيرا عنات چـڻـــي، الاهـي آنــــدا، ٤
ڏيندا پاهـہ پڻن کي، ڀـوڙيـنـدا ڀـانـدا،
ڪمدا هيڪانـدا، وڇوڙيــا واري ڀـريـن.

(١٢)

اڄ ڀِڻ اتــر پــار ڏي وڄون ڪن واندا،
ٽيلهيندا ٽــرن کي، ڀوڙيندا هـون ڀانـدا،
مــــــارو هيڪانـــدا، الله اوري آڻــيــن.

---

* بصري ٿي برسات، جاني آيو جُوءِ ۾
٢ ميئهن وسي موڪون ڪيون، پٽيي پهرئين پُور
٤ (ن)

(١٣)

ڪڪرَ ڪوٽَ، ٻُرجَ ٻيڙين، سچل سرهيون ڪن،
منڊائتي ميهنرِ جون، جهلون ٿيون جهلن،
آءُ پڻ مستان تن، انڊلٺ ٿي ايران.

(١۴)

ٿر وسا، ٻر وسا، وُٺو واريامو،
ماڪاڻيءَ تان موٽيو، ڏيئي پٻ پاسو،
خاوند ڪيو خاصو، ڇهو ڇڪيءَ ڪنڊئين.

(١٥)

پيءَ پسايو پاڻهنجو، نوري نظارو،
ويو غم وجود مان، ڪيو ڪلفت ڪنارو،
آيو سويارو، مَنَ مرادون پنيون.

(١٦)

ويچاريون ورن ري، گهڻن گهوماڻيون،
سٽيو رڙ رعد جي، اٿين اُماڻيون،
ٻَرن ٻوساٽيون، پيءُ ري آنِ نه اڃهي.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪيڏارو

(۱)

محرم موٽي آيو، مانجهي موٽيا ڪين،
جايون اُنين لءِ جُڙيون، اعليٰ ۾ عليين،
سيد الشهداء اهل الجنة، اِها صفت سندين،
توڙ ائين تسڪين، آهي عاصيڙن کي.

(۲)

محرم موٽي آيو، آيا تان نه امير،
ورنهه وري نه وريا، شهزادا شهير،
منهنجو امامن کي ساري گهڻو سرير،
اندر ۾ اُنين جي آهي گهڻي اُڪير،
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکارئين.

(۳)

محرم موٽي آيو، آيا عاشوري ايامَ،
ورنهه وري نه وريا، سندا عالمَ ڄامَ،
سندا حق امامَ، ڏاتر مون ڏيکارئين.

(۴)

محرم موٽي آيو، آيا نه حق امام،
الفراق بيني و بينهما، عاصين تي قيام،
صحي شفاعت اُنِ جي، مٿي آدم عام،
عالم تين انعام، آگي جي احسان سين.

Gul Hayat Institute

(٥)

جني جهيڙو هاڻ، عليءَ جي اولاد سين،
مهندان پئونديون ڪاڻ، جي جماعتي يزيد جا.

(٦)

ڏال ڏرڪو، ڪُنڌ ڪَڙڪو، مانجهي جيت مرن،
ميصريُن مُنهن ڪيا، هَڏ ڪڙڪا ڪن، *
ڪِرن ڪوند نچن، رڻ ڳجيو راڙو ٿيو.

(٧)

سورهه مرين سوپ ڪي، ته جامع سين جوڙ،
آئي تيغ عشق جي، تنهان منهن ۾ موڙ،
وهم حيلا وجود جا منجهان من واڍوڙ، ٢
نانهه جنهن نفس نهوڙ، ته راز پروڙين رند جو.

(٨)

آيو علي شير، مرڪيو مديني ڌڻي،
سونهاري سيد ري ڪوٺ پڇندو ڪير،
شير ورتو وير، پڙ ۾ پوارا ڪري.

(٩)

ڪامل ڪربلا ۾، آيا آل عليءَ،
شمس، قمر، هوا، والي وحدت ويءَ،
سي قربئون ڪوڏ نپايا، پلاريءَ بيبيءَ
ساهه برابر سانديا، سيد روءِ شبيهه،
نورالعين نبيءَ، رڻ پيين راتڙي.

Gul Hayat Institute

---

* مصرين منهن ڪيا، هڏ ڪڙ ڪڙ ڪن،
الله شهزادن سوين ڏيين سچا ڌڻي.

٢ وهم حيلا پانهنجا، منجهان من واڍوڙ،
ناجي، نفس نهوڙ، ته راز پروڙين رند جو.

(١٠)

ڪربلا جو قضيو، جڏهن پوي جيءِ،
وسن ٽا وجود تي، سندا سورن سيءِ،
ڏهٽن ڏٺا ڏاڪڙا، ناني ري نبيءِ،
فرزند بيبي فاطمه، پرنيا پاڪ پِيءِ، *
والي وارث ويءِ، رڻ ۾ رُڪ روهيا.

(١١)

گِجهون ڳاڙهي وات، مون لهندي ڏٺيون،
جُڪَس مانجهي ماريا، رڻ پيين رات،
پڪارون پريات، ٻُڌو ٻانهيارن جون.

(١٢)

ڪامل ڪربلا ۾، آيا پاڻ امام،
ماري مصرين سين، ڪنبايئون ڪمامَ،
ڪپيائون ڪوفين جا آتسي اڙدهام،
ڪاڙهو ٿيو قيام، حادثو مير حسين جو.

---

* فرزند بيبي فاطمه، پاڪ پيارا پِيءِ

Gul Hayat Institute

# سُر آبِري

(۱)

ڪِجا غور غريب جو، موٽي آئين ميان، *
پير نہ ڇڏينديس پرِ جو، جاسين تن ۾ جيان،
سسي ساهہ ڏيان، پنهونءَ ڪارڻ پٻَ ۾.

(۲)

پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾، ڏيي جڙيڊي جوءِ،
هٿين نانڌڪ ميهن جيئي، ويا هو نائي هوءِ،
رائــي، آيي روءِ، منڌ آٿاري، اوٺين.

(۳)

منهنجو من مُنجائيو، جتن جـي جمالَ،
وڏو سور سرير ۾، ڪيچن جي ڪمالَ، ۲
هوت نہ پاڻي حالَ، موٽي ٿيا معذور جا.

(۴)

موٽي ٿيا معذور جا، حال نہ پاڻي هوت،
لڳندي لڪن ۾ پاڻان ٿينديس پـوت،
متي تـائين موت، سڪ پاروچي نہ لهي.

(۵)

پٽليون ڪوهہ پڇن، پربت پير پنهونءَ جو،
لهسيون ٿيون لڇن، جن ڏٺو هوت اکين سين.

---

* ڪجا غور غريب جو، موٽي ڪو ميان

۲ ڪو جو سور سرير ۾، ڪيو ڪيچين جي ڪمال

(٦)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت چٽون چانگارين،
شيشا لعل گلاب جا، چپر چالارين،
مهميزون متن جون معذور کي مارين، *
واڳون شل وارين، سائيهه تي سيد چئي.

(٧)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت تاريءَ تونرَ لڏن،
روضي پاڪ رسول جي، اپر عالمن،
منهن موچاري ماڪي، مديني ڏئين،
مڪي پاڪ ملڪ ۾، ڪتڻهار ڪڙن،
آتان ٻاروچو آيو، ونتو واس وٺن،
آتي آسونهين، ٻاروچا ٻيلي ٿئين.

(٨)

وڏا وڻ وڻڪار جا، تاريءَ تاريءَ تونرَ،
وٺا مينهن وڏ ڦڙا، گل ڦل ڪليا گونرَ،
وٺيو واس وٺن جو، پيرا ڏين پونرَ،
ڪامل ڪيچي ڪونرَ متان مون کي ڇڏيين.

(٩)

وڏا وڻ وڻڪار جا، کهيون ڪانديرا،
واٽ ورلي، لٺوءَ گهٽي، جت ڏونگر ڏاڍيرا،
اوچا نيم نئين جا وڻن جا ويڙها،
ارڏا اورانگهي هليا، لڪن تان ليڙا،
وريا ڪنهن ويرا، سڏ منهنجا ٿاب پيا.

---

* منزلون متن جون معذور کي مارين

Gul Hayat Institute

(١٠)

واقف نہ وٹڪار جي، نہ مون ساڻ ٿمرُ،
سفر جو سيد چئي، ڏاڍو اڻم ڏرُ،
جانب ڏاران جيڏيون، پروسو نہ پرُ،
مون ولهيءَ متي ورُ، ڪِجا رهبرَ راهہ م. *

(١١)

واقف نہ وٹڪار جي، نہ مون ٿمر ساڻ،
پيهي پڄايان پرَ ڪي، لُڄان لالن ڪاڻ،
ڦل سات سڄڻ ساڻ، وڃي ڪڏ گذاريان.

(١٢)

منزل دور من تنها، جت پيلي ناهہ پيو،
هيءَ هيڪلو جندڙو، ورهن وڪوڙيو،
هي قضا ڪم ڪيو، تون رهبر رسج راهہ م.

(١٣)

منزل دور من تنها، ساٿي نہ پاندي،
لڙي لوڙهہ غريب جي، ڪالهہ وريا ڪانڌي،
پنهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿيي.

(١٤)

منزل دور مَ مَتِ، چڙ مَ سير لڪن جو،
لڙنءَ جي واٽ م لتِ، لڙنءَ ري حيف هڻن ڪي.

Gul Hayat Institute

(١٥)

ڏرن جت ٻرن، ڪوڙيين قنديلن جون،
وڻ ٽڻ ولين چانئيا، چانگا تا چرن،
رهن ڪنئي، ڪنڌئين، بوتا منجهہ برن،
وڃي ماڻ ورن، پانهيءَ پنڌڻ جن سين!

---

* ولهيءَ ڪري وَرُ رهبر رسج راهہ م

(١٦)

ٻانهيءَ ٻنڌڻُ جن سين، الله سيئي آڻ،
پيم جا پرينءَ سين، ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهڻو اڄاڻ، موٽ مسافر سپرين.

(١٧)

هٿئون تہ حجاب، لنگهہ تہ لهين سپرين،
الصلواة و مِن الصّلواة، ڪامي ٿي خراب،
جسمي دوزخ داب، ڪلون ڪائي داخلين.

(١٨)

جنتَ پٽي پڻهہ جهاتَ، هاڙهي پيچ مَ هوت ڪي،
پسي ڳس ڳنگن جو، ونءُ اُنهيءَ واٽ، *
لڪن منجهہ لطيف چئي، ٻٽي ٿيءُ پيماتَ،
ڳوڏن واريا ڳاتَ، نون ٻئي هلج تڪڙي.

(١٩)

جڏائيءَ جا جليلَ، ٻہ ٽا موڙ هٿن سين،
اديون آربچن جي، ماريس درد دليلَ، ٢
ور ولهيءَ جا وسيلَ، سورن ساڙي آهيان.

(٢٠)

ٽُڙ ونجي ٿاهرَ ڪر، ناحق ڏارَ م ڏور، ٤
لڳي لڙهہ لان جي، پوري من م پور،
سوڌي صاحب سور، سيني جو سيد چئي.

Gul Hayat Institute

---

* ڇڏ مَ ڳس ڳنگن جو، ونءُ انهيءَ واٽَ،
لوڪن منجهہ لطيف چئي، ٿيندء پيرَ پيماتَ،

٢ مون کي مادر ماريو، درد جي داليءَ

٤ ٽُڙ پسي ٿاهر ڪر، ناحق ڏيهہ مَ ڏور
لڳي تيئن لامن جي، پوري پاڻ مَ پور

(٢١)

آري ڏي نہ ايئن، اکڙيون آنديُن کي،
وَنيون جي وڇايان، سي هونديون هيئن، *
ڪُوڙيون پسن ڪيئن، پيشاني پنهونءَ جي.

(٢٢)

ايءَ ڪم ڪوهيارن، جيئن ڪُهيون ڪٺن پاڻ سين،
آڏريون نِڌريون پاڻ سان، سڀ نباهي نِيَن،
ڇڏي وڃن ڇپرين، اي تان هوت نہ ڪن،
ڏونگر منجهہ ڏيَن، دلاسا دل ماندين.

(٢٣)

پانڌي ٻچ پرينءَ کي، قدم پير ڌري،
پنهون پير پِري، ڌرج جناز جبل تي.

(٢٤)

پائي حال هلي ويا، مون کي مَتيائون،
ڇڏي نماڻي ننڊ ۾، ڪرها ڪاهيائون،
معذور ماريائون، وِهان تان نہ وس پيو.

(٢٥)

پائي حال هلي ويا، تن ڪيچن ڌاران ڪالهہ،
آئن ۾ اوٺيڙن جو، مون نہ گهرجي مالُ،
نالي ڪيس نهالُ، اديون آريچن جي.

(٢٦)

لڳا سر لڪن ۾، ڪنڌا ڪانڌيرا،
وڃي ڪيچ قراريا، ڏيئي ڏک ڏيرا،
پٺون ٿيا پيرا، پرندي جام پنهونءَ ڏي.

---

* ونيون جي وڇايان، ساڻ نہ هونديون هيئن

(٢٧)

ڀائي حال هلي ويا، لڪن چڙهي لوءِ،
سيڻن لاءِ سيد چئي، رويو رويو روءِ،
قدر ڪيچين ڀوءِ، مانَ منهنجي ڀنڊ جوءِ.

(٢٨)

رائي رهائي، هلي منڊ هٿن سين،
تريون تنگ ورن ۾، چني چڏيائين،
آئي عبداللطيف چئي، رَهه ۾ رنائين،
سسئيءَ جا سائين، وجهج ڀاجهه ڀروچ کي.

(٢٩)

آءٌ نه گڏي ڀرڀڻءَ کي، عزرائيل آيو،
هذا فراق بيني و بينڪم، تنهن ڪجهو ڳالهايو،
ستي جاڳايو، ملڪ الموت مٺيءَ کي.

(٣٠)

آءٌ نه گڏي ڀربڻءَ کي، حشر ٿيو هاڻ،
عزرائيل الله جو، وٺيو وڃي ساڻ،
هوت ڪوهياري ڪاڻ، ستي رَنڊ ربهون ڪريان.

(٣١)

منڪر ۽ نڪير کي، سسئيءَ ڏنا سلام،
لله لڳ لطيف چئي، ڏج ڀنهونءَ کي پيام،
ڪاري ٿي قيام، حشر ڪري هليا. *

(٣٢)

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏنائين ڏوران،
اڳيان آئي آن جي، گس ڀڇائي گوران،
پيئر ڀنيوران، ڀڇن مانَ ڀر ڪنهين.

---

* ڪاري ٿي قيام، حشر جو هَل ٿيو.

Gul Hayat Institute

(٣٣)

ولاڙيو وٽين چڙهي، لامن مٿي لس،
ڪين پهتي ڪرهن ڪي، وڏا ڪيائين وس،
سندا ڏيرن ڏس، ڀڇيائين ڀڪين ڪان.

(٣٤)

ولاڙيو وٽين چڙهي، رتو رنائين،
والله غالبٌ علي امرهٖ، اِعين آئائين،
لکيو لڏائين، هو جو مقصود من جو.

(٣٥)

ولاڙيو وٽين چڙهي، پيري پيني رُوءِ،
پسي سونهن سيد چئي، پٺي حيوانن هوءِ،
جانب ڪارڻ جوءِ، ووڙي ٿي وڻڪار ۾.

(٣٦)

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏاڍي ڏک پٺي،
ڪڙهي ٻت ڪارو ٿيو، هي پريت پت پهي،
اِنّ مع العسر يسرا، ڪيائين ست صحي،
ڪيچين جا ڪهي، سا ڏي رهيس روح ۾.

(٣٧)

ولاڙيو وٽين چڙهي، جيئن ٻاٻيهل ٻري،
عشق آريءَ جام جو، ڏيو چاڪ چري،
العشق نارٌ يحرقُ ماسوا محبوب، انهي پند پري،
هنئين منجهه هري، سرپر سندي سڄڻين.

(٣٨)

ولاڙيو وٽين چڙهي، جهڙو گلابَ گلُ،
پسي سونهن سسئيءَ جي، ٻيو حيوانن هل،
سر صدقو، بدن ٻڪرا، ڪيچين ڪارڻ ڪل،
آهين مُند املُ، جي ساهه ڏئين تون سڪ ۾.

Gul Hayat Institute

(٣٩)

جتن جلايـاس، سـتـي سيج پلنگ تـي،
سُرپڙ سـرواڻـن جهي، پينر پڇلايـاس،
رهه ۾ رلاياس، ڪاڪلَ ڪانڊ پنهونءَ جي.

(٤٠)

جتن جـلايـوم، سُتي سيج پلنگ تـي،
قاصد ڪري ڪيچ ڏي، هـتـان هلايوم،
پنهون پـاڙيچن ۾، مُرڪي ملهايـوم،
رَهـه ۾ رلايوم، ڪاڪلَ ڪانڊ پنهونءَ جي.

(٤١)

جتن جلايوس، سـتـي سيج پلنگ تـي،
چڙهي چاڙهيڪن تـي، سورن سلايوس،
ڏيـرن ڏنگائـي ڪري، رهه ۾ رلايـوس،
حَـب ۾ هلايوس، ڪاڪل ڪانڊ پنهونءَ جي.

(٤٢)

جـتـن جَلائـِي، سـتـي سيج پلنگ تـي،
ڪيچين سائس ڪانهه ڪـِي، پينر پـَلائـي،
سيڻن سائس سور جـي، سُڌ نه سَلائـي،
سا حَـب ۾ هـلائـي، ڪاڪل ڪانڊ پنهونءَ جي.

(٤٣)

جـتـن جلايـو، ويـنـي ويچاريءَ کي،
ڏونگر ڏيج ڏکيءَ کي، هـوتـن هلايـو،
ڇـڪيءَ کي ڇـور ڪري، ڇانگن چلايو،
مون سرتيون سلايو، ته ڪنهن پر ڪوهيارو وري.

(٤٤)

ڏوهه ڏاريـون ڪن، لـَنديـن سندا لڪ،
سَتيـَن پنهنجي سـيـل تـي، پچاڙيا پڪ،
ان پر لنگهائيندو لڪ، جن جي ڪنڌي نام ڪريري.

Gul Hayat Institute

(٤٥)

ڏسي ڪَرَ ڏاري، اندر سَتِي سسئي،
ماڙهو ڏيئن مهڻا، هيءَ وهسي ويچاري،
لوڪ نه لکي ڪڏهين، پنهونءَ پياري،
انهيءَ پَر آري، ڪاند ڪميڻيءَ ڪنهو.

(٤٦)

لَنڊيون هِنَ لوڪ جون، مر هزارين هُون،
آئي ڀِهر انگڙا، ڏوڀو ڏوڀو ڏُون،
پير پٽ نه پُون، آن جا عبداللطيف چئي.

(٤٧)

لَنڊي تي لاڏ ڪري، سَتِي سَيڏائي،
آسرو آهي، لنڊيءَ کي لباس جو.

(٤٨)

لَکَنَ جي لَنڊين جا، لوڪ نه چڱا چوه،
پرو تن کان پوه، جي ايندن ويندن سنڌيون.

(٤٩)

لَنڊيون لک لطيف چئي، تيون دوزخ کان دور،
جُڙين جاه جنت ۾، هليون ڏانهن حضور،
تن ستين وڏو سور، ونگيون رهيون ورن سان.

(٥٠)

ستين سڀ چمار، وڃائي وڏائيءَ سان،
ستيون پنهنجي سيل تي، ڪنبيون نه ير قهار،
وتان هوت هزار، آن جا ڪوڙئين ورندا ڪيترا.

(٥١)

جيسلميريائيون جڳ ۾، اڇا ڀِرِ آهين،
وڃيو لڳ لائين، لله ڪارڻ لوڪ سان.

Gul Hayat Institute

(٥٢)

تن جيسلميريائين جس، جي لله ڪارڻ لنڊيون،
لاڙائون لطيف چئي، مـتـان قلب ڪس،
هيت نه رهايون رس، هُت نه گڏيون هوت ڪي.

(٥٣)

ڪُوڪيو ڪچي ڪوهه، هڪيا هٿين هتڙا،
سا ڏکيائي نه ڏي، سـنـڌو ڏيـرن ڏوهه،
رائي روئي روهه، منڊ ڳوڙهن سان ڳهه ڪيو.

(٥٤)

اڇـي جـي مڇي، انـــون پهر آٿ ۾،
جيڪس هاروچا ويا، سڏ پڻ ڪين سڄي،
لـڪن ۾ لڇي، لالـن لاءِ لطيف چـئـي.

(٥٥)

ڇڏي منڊ پنهور ۾، زور وٺي ويا جَتَ،
پسي ڏک ڏيرن جا، سسئيءَ ڇڏيو سَتَ،
نه پنهونءَ سندي پَتَ، کهڙي رهيس ڪيچ ۾.

(٥٦)

هلندي هوت پنهون ڏي، وڃڻ ڪجي وس،
ڪنان ڏاڍين ڏونگرين، جـڏي پـئي جس،
ان کي عبداللطيف چئي، پريم اڇـي پس،
راهه ۾ اڇـي رس، جنهن تقديـر تپايـو.

(٥٧)

تقدير جـا تبار جي، مور نه ٽري ماءِ،
ڪل نفسٍ ذائقة الموت، جيئڻ مون نه جڳاءِ،
هيءُ هيءُ ڪري هاءِ، هلنديس هاڙهي سامهين.

Gul Hayat Institute

(٥٨)

تـائـي تقديـرن، پيري هنئين پـنَ ۾، *
العشق نارالله إذا وَ قعـَت^ في قلوب العارفين،
جلائي جتن،
سُونهائـي سورن، کـي هيڪاندي هوت سين.

(٥٩)

تقديـر تـائـي، کي اوڏي عزرائيل کي،
مهر نہ هئي مائهئين، ويـا حڪم هلائي،
لا تقنطُو مِن الرّحمةالله، اِي آسرو آهـي،
ساجـن سـِجهائـي، ملي مـاري هائيو.

(٦٠)

تقديـرؤن تـ ڪ ڪيو، سسئيءَ سيونـي،
ڏکيءَ ڏنـو ڏيـل ۾، مخفيءَ مڙيونـي،
رچـن ۾ رونـي، تيس خيالُ خفيءَ جـو.

(٦١)

حسب نسب ناهہ ڪو، نڪو ذات ضرور،
آريءَ جي عشق جـي پوئي جـي پـروڙ،
مڻي ئي مجبور، نہ سُنهائي سات ڏئي. ٢

(٦٢)

جـا نہ مرڻ مهاڙ، سا نہ سچائـي سسئي،
تـو سامائـي سسئي مـرڻ ڪـو مـردار،
ڪنهر سين ڪوهيار، لوئـي تـو لڄايو.

---

* تائي تقديرن، پيري هنئين پونہ ۾
العشق نارالله المُوقدة، جلائـي جتن

٢ مـڻـي ئـي معذور، نہ سُنهائي سات ڏئي

## سُر ديسي

(١)

ڪيچان آيــو قافلو، عطر آنـدائـون،
ڪـٿوريءَ خـوشبوءِ سين، وڻ ٽڻ واسيائون،
پسندي پنهونءَ کي، وسريـون ورچـائـون،
خيما کوڙيائـون، وريــو بخت ڀنڀور جو.

(٢)

مـون ڀانيو مهمان، هميشه هونـدا پريـن،
ائين نه ڀانيم جيڏيون، ته پوندي ڪيچن ڪاڻ،
هيءَ هيءَ ڪيو هاڻ، ڏيان ڏَوائون ونگرين. *

(٣)

مون ڀانيو مـون پر، هميشه هونـدا پرين،
ساجن سيج وڇايـان، جوڙي جيءَ انـدر،
نه چاڙان ڪنهن پر، ڏيـر ڏمرجي هليا.

(٤)

ڏيـر ڏمرجي هليا، بونـا چڙهي بـر، ٢
جتن ڏاران جيڏيـون، هينئڙو جر نه ٽـر،
ساجـن سيج وڇايـان، جـوڙي جيءَ اندر،
ڪانه ٻڌيسون ڪڏهين، اهڙي پـَر ڪـُپر،
ٻاروچا ٻَرٻـَر، رات نه رهـيا هيڪڙي.

---

* ڏَوائون = جهوٽون

٢ ڏير ڏمرجي هليا، باڪا چڙهي ٻر

(٥)

ڏيــر ڏمرجي هليا، بــر چڙهي بــونــا،
ماريــن تــا معذور کي، گنگن جــا گوتا،
نيو نمائي پـــاڻ سين، هيڪر آئين هوتا،
اهــڙيءَ پر پهتا، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٦)

ڏيـــر ڏمـرجـي هليا، پـــائـــي پـاکوڙا،
آئـــي هـليـا آس ۾، ٻپهريءَ پـــوڙا،
ڏينهن تتو، ڏنءَ متو، کامي تيس کــورا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، رات نہ رهيا هيڪڙي. *

(٧)

ڏاگهن ۾ ڏيــرن، ورجهي تنگ، تنواريــو،
نِيِـمَـن نہ نمائي پاڻ سين، جيڏي کِـي جتن،
اديــون اونـيـڙن، نت نـهـوڙي آهيان.

(٨)

اڳڻ متي اوپرا، جڏهن گورن کيو گجگاهہ،
پسي توبهٔ تن جي، سؤنکي منهنجو ساهہ،
منکر کان معافي گهري، رکيائين نکير جي نگاهہ،
مَنْ رَبُّكَ و نَبِيُّكَ وما دِينُكَ، ايءَ
پولي پوليندا،
آئـــي احـمـدا، پـــارس رسج پب ۾.

(٩)

هاڙي هيٺ چرن، تن مِرُن ماري آهيان،
ڏکيءَ سنديــون ڏونگريــن، پچارون پـوَن،
ڏِيـِي ڏوتـيـڙن، پـــار کيندي پب ۾.

---

* ڳاڙيم تي ڳوڙها، رات نہ رهيا هيڪڙي

(١٠)

کالھوڻ پوء پرين کي، روڻان مٿي رند،
ويو ٻاروچو نکري، ڇنا بازوبند،
هلو نهاريون هنڌ، هاڙهي ۾ هوتن جا. *

(١١)

کالھوڻ پوء پرين کي، روڻان مٿي راھ،
ويو ٻاروچو نکري، سورُ چکائي ساءَ،
کھٹ منجهان زان کھاءَ، لالن جو لطيف چئي.

(١٢)

ٻانہن ٻھکون کيون، مٿان لک لٽڙي،
سامهون تن سيئهن کي، وٺي چوٽيءَ سين چڙي، ٢
پٺي تن پيرن جي، ڏونگر منجھ ڏڙي،
لڪن تان لڙي، تي ڏونگ پچائي تن جا.

(١٣)

پيٺيءَ ڏيا پيڙا، ساڻين سنڌ هتن ۾،
آئي آڏيءَ رات جو، ڪنياڻون ڪيڙا، ȣ
لڪن تان لطيف چئي، لنگهي ويا ليڙا،
ولهيءَ جا ويڙها، سچا سردارن ري. π

(١٤)

اوني تي آهرا، آيا ليڙن تان لهي،
سي راتوڪا روان ٿيا، روھيلا رهي،
ويا پچائي پانهنجي، جا هتن ڳالھ هئي،
کھي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي.

---

* هاڻ پچان هنڌ، هاڙهي ۾ هوتن جا

٢ چڙي = چڙهي

ȣ آءٌ سٿيي هو هليا، ڪنياڻون ڪيڙا

π ولهيءَ جا ويڙها، سچا سروائن ري

Gul Hayat Institute

(١٥)

اڄ اوٺارن لڏيو، صبوح تو سعيو،
سفر سافرن تي، اوچتو آيو، *
مادر ميڙائو، موٽي ڪو مس ٿئي۔ ٢

(١٦)

اڄ اوٺارن لڏيو، صبح ٿيا سڄڻ، ٤
اڄ مَ لاهج آسرو، مادر مٿان من،
جا پون پنواري پن، سو ڏيهه ڏورڻ آيو.

(١٧)

اڄ پڻ اوٺارن، سوارو سؤنچو ڪيو،
ماريو هن مٺيءَ ڪي، ونيو ور وڃن،
مادر موٽي تن، ڪيو رحم نه رتيءَ جيترو.

(١٨)

مون کي نيئي ويچ، هاروچاٽي سات سان،
آءٌ هلي ڪيچ، ٻڌا ٻانهن سين ڪريان. π

(١٩)

پهڻ پرباڏا پب جا، جبل جت جاڏا،
توڏن جا تڙپيڙ م، ڪُپن نه ڪاڏا،
جي مٺيءَ منهن آڏا، سي تارج لڪ لطيف چئي.

---

* سافرن = مسافرن

٢ مهند ميڙائو، موٽي ڪو مس ٿئي

٤ اڄ اوٺارن لڏيو، مياڻ سڀنهين تون
اڄ مَ لاهج آسرو، مادر مٿان مون
جا پون پنواري پُون، سو ڏيهه ڏورڻ آيو

π آءٌ پڻ وڃي ڪيچ، ٻڌا ٻانهين جيئن ڪريان

(٢٠)

ڀڃ ڀريادا پب جا، جادا جبل جت،
لوچين ڪوه، ن لطيف چي، تان ڪو پيوءِ تت، *
هوت پهچج هت، ته آن اوجهڙ نه پئان.

(٢١)

ڪُڻ واري، ڪُڻ وات، ڪُڻ ڀهاڙان پيچرو، ٢
هلندي هاڙهي ساهين، لڳس اَڃ اَمات،
ڳوڙهن ڀريو ڳات، اپر الاميو ڪري. ٤

(٢٢)

ڀهاڙن ڪين ڀروڙيو، ڀڙون ڀير تيام،
ثُمَّ لاَيَمُوتُ فِيهَا وَلاَيَحْيٰ، ههڙا حال سندام،
ڪوجها ڪرت ڪيام، تيئن هونءَ چڏيو حب ۾.

(٢٣)

ڪارا ڏنم ڪانگ، لوَندا لکن تمان،
چانگ ڀير ڀنهونءَ جي، تان ونن تا وہرانگ،
نڪا وَسُهن وچ ۾، نڪا آنگ نه چانگ،
سپيريان جي سانگ، مادر ماري آهيان.

(٢٤)

رِيهه روجهن نه ڪري، سرَهن سلي نه سورَ،
آکي ڪين عجيب کي، ميرُن جا مذڪورَ،
چڪيءَ جا چڪ چُورَ، هاڙهي هڏ هئي ڏيا.

(٢٥)

ڏيرَن نه ڏُهائي، وريو نه واءُ وصال جو،
ڪڏهين مُڪي ڪانه ڪا، سيڻن سرهائي،
اوڏي سا آئي، لنگهي لڪ لطيف چئي.

---

* لوچين ڪرهه نه لطيف چئي، تاڪُو پسي تت

٢ ڪين واري ڪين وات، ڪين ڀڃ منجهان پيچرو

٤ الاميو = الله ميون، الله ميان

Gul Hayat Institute

(٢٦)

ڏيرن ڏُهائي، وريو واءُ وصال جو،
مون کي مُڪي سڄڻين، سيڻن سرهائي،
اوڏي آءُ آئي، لنگهي لڪ لطيف چئي.

(٢٧)

اڄ نمانا نيڻ، ٻاجهارا ٻروچ لئه،
ورهه وتيان ڪنهن سان، نه مون سڄڻ نه سيڻ،
ورتا تيڙم ويڻ، پنهونءَ جا پرديس ۾.

(٢٨)

پڪا قول قرار، آهن جانب جت سان،
ڪين ڇڏيندو ڪڏهين، آهي تَسالو تڪرار،
ٻيئيءَ رات ٻتار، او ايندو آئين ڏسنديون.

(٢٩)

نالي نمالي، ٻاجهالي ٻروچ لئه،
ڪيائين سگ سيد چئي، ڇامن سين ڇائي،
پاڻ پرنيائي، تيس حمايت هوت جي.

(٣٠)

هاڙهو لنگهي هُلُ، ڪرڳل ڪيچين جو ڪيو،
پيليا ڇلو ڇُلُ، ڪاهو ڪاهه مَيَن ڪي.

(٣١)

هاڙهو لنگهي هُوهه، وڃي ڪيچ قراريا،
لتا اُت لطيف چئي، جت ڪٿوريءَ خوشبوءِ،
جت لنگهي ويا جُوءِ، آپڙ ته اوڏي ٿئين.

(٣٢)

ڪيچين ڏاران ڪالُ، هاٿي هن پنيور ۾،
آئن ۽ اونٺڙن جو، پيئر پانهان پالُ،
نالي ڪيس نهالُ، ادبون آريچن جي.

Gul Hayat Institute

(٣٣)

جي ڪَنين ٿي ڪيچي سُڻا، تن ڏسايو ڏيرن،
آئي اڳڻ جهوڪيا، ڪرها ڪيچ ڏئين،
منهنجي مَهندان تن، وائي ونگي مَ ٿئي.

(٣٤)

صبح جان ساري، وڌم هٿ هوت لاءِ،
پنهون ناهه پلنگين، پاڻهيِ پاڪاري،
سيج سڄي سڃي، ڏيهه ڪبي ڏڪاري،
هيءَ هجهون حب ۾، هوتن لاءِ هاري،
ادهون آساري، هتان مون هوت ويا.

(٣٥)

سج اُلٿي سڃي، پاڻيون تيون پڪن،
ماري وڌي مارئي، شينهن شهڪوزن،
جي مارڪ منجهه مرن، ڪيچي ڪاندي تن جا.

(٣٦)

سٽي پيڪ پاڻين جي، ڏونگر ڪيا ڏار،
سسئيءَ سان سيد چئي، پيرڙو هو پتار،
ڪيچان آني قطار، لٿي اَڪَ لطيف چئي.

(٣٧)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، ڪندا جيت ڪاري،
ڏاڍي ميٺي ڏونگرين، وائن تي واري،
اڇين جي آري، ته پاند جهلي لک لنگهيان.

(٣٨)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، وائن تي واري،
پَر پيادي پند ۾، صبح سواري،
لنگهيو لک لطيف چئي، وڃي ويچاري،
اڇين جي آري، ته پاند جهلي لک لنگهيان.

Gul Hayat Institute

(٣٩)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه، ڳهڻي، جت جبل جالارا،
ڏنم ڏاڍيرن ڏونگرين، لاهه آريءَ آلارا،
ڪهي ڪوهيارا، اوڪيءَ ويل اچيج تون.

(٤٠)

ٻرو ڦاڙا ٻات جني جي، شيشنگ شاهي،
مفت هونگاري هليا، رمي تيا راهي،
حَبُ ۾ همراهي، پنهون ڪيچ پيادن سان.

(٤١)

ڦاڙا ڏير ڦنگهين ويا، آتي اٺ نهاڻ،
ٻگو مين ڪر نشتان، پاٺ اڏون پلاڻ،
سنجهي ويا سرواڻ، مين پڻ ٽانگا رفتگان.

(٤٢)

ڳواڪ نه پيڙس گوش، ستي سرواڻن جو،
آئي ننڊ اياڪ کي، منڊ ٻوري بي‌هوش،
ليل لال روان ٿيا، رند نهاري روش،
ساجن ٿيئي سرپوش، پيادن جو پنڌ ۾.

(٤٣)

شما شهوس، سگها ملنده سپرين،
ليڙن جو لطيف چئي، ڳواڪ نه پيڙهه گوش،
روان مروشي روش، ڪاهه نه ڪيچين کي ملين.

(٤٤)

شما شال گندان، هلڪ روان ري سسئي،
مروشي محبوب جا، ٿهڙم سور سنوان،
اڪين آب روان، پتر سي پسادو.

(٤٥)

بيا گيرند تي گفتار، من ڪن گوش،
ماتو ذي براشته هن هاڙهي منجهه هموش،
آنداٺون ارموش، اشتر انهيءَ پار جا.

(٤٦)

ٿانگو روان يار، الله ڪارڻ انگو بيا،
شما تيا پشتگان، هلندا ٿيو هيڪار،
ڏڦڀه ترت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهه ڪان.

(٤٧)

درها درها ڪن، فازا ڏير فتح وريا،
بيغرضا بلوچ هثا، رس نه رهايو تن،
سسئي لئه سيڻن، چيڙون ٿيندي چپرين.

(٤٨)

جنگ هيس جن جي، تني لوڙياس،
مازان نه گواران، هيڪلي هياس،
وندر تي ويياس، پنهون گڏيم پب *.

(٤٩)

درتا برتا زور، پنهون نيائون پاڻ سين،
تش تڙش ڪينڪي، پٽي ڏونگر ڏور،
هاري پنوءَ مَ هور، نوڪي ايزانگ ملان. *

(٥٠)

نيڪر ڏکي ڏيهه مان، غافل ڪيم گذار،
محبوب تغان شهرب تغان، آئي ات نهار،
ليڙو دزو خشتگان، ٿانگو ٿنگان هار،
لئي پنهونءَ اهار، ڪلي ڏونگر ڏوريان.

(٥١)

نڪر ڏکي ڏيهه مان، هائي چڏ هيءَ هند،
ڪارڻ هوت پنهونءَ جي، راهه پچائج رند،
سفر طويل وزادها قليل، پنهين اژانگو پند،
ڪيچن ڪارڻ ڪند، ڏيئي مرج ڏونگرين.

---

* هاري لاهه مَ هور، ايشي مناغي سپرين

Gul Hayat Institute

(٥٢)

زَرتا ٻَرتا زور، پنهون نياڙون پاڻ سين،
مني تـرشان نڪري، ٻـرو ڏونگر ڏور،
هاري پيٺ، مَ هور، عيش پنهون مهڙانگي.

(٥٣)

ٻـرو گتي ٻـر چـڙهـيا، نڏنئون نيئي،
ٻـاري اٺ بلوچ جـا، مـهري مڙيئي،
ڏکيءَ کي ڏيئي، وڃـا ڏاڍيون ڏونگرين.

(٥۴)

ٻرو بگيرد بي روان، سنڌي هو نه ڪهن،
ڪيون اڪون ڪيچين جون، ڳاڙهي سونهن سندن،
ٻـوت ٻـوراڻـا ڳهٽا، بختي بلوچـن،
سامهون ڪيچنديءَ سسئي، تون اڳيان کي تن،
آري اڄ ـوجهـن، اوهـيـر شال اوڏو ٿئي.

(٥٥)

ٻـرو بگيرد بيا، اِي هـولين هـاروچـا،
جن جي وائيءَ ۾ ور ڳهٽا، سي مون سيڻ ڪيا،
ڪنديس ڪين هيا، لقب لڳم جن جو.

(٥٦)

مروشـي محبوب ڏي، روان روش ميـان،
ونديس ورنديس ڪينڪي، جي روڪيو رات رهان،
بست بلـوچ ٻڙنگان، لائق سو لهان،
وهائيءَ وهـان، آري چام اجهو ڪري.

(٥٧)

ٻرو بگيرد پـاڻ ۾، ڪي ٻولي ٻاروچن،
شيوان شزان شيزان شود، جاڳـائي جتن،
مون کي مـانَ ملن، آريچا احسان سين.

Gul Hayat Institute

(٥٨)

گندا گشي ٻاڻ ۾، سر ڪني ڪولي،
ڀرت ڀروڙي ڪينڪي، ٻاروچي ٻولي،
گس ونئي گولي، پھتي ڄام پنھونءَ کي.

(٥٩)

شما ٻُردا ڪني، سڄڻ لڳب خداءِ،
چشماتي ڪش مران، نيٽين تيرا گھاءِ،
ٻيڻ مُلان ساءَ، آن ڪئن متيان سيد چئي.

(٦٠)

آبا آٽ بلوچ جا، ڪياڻون شيشي مروشي،
مازوزي ٻراش بروئي اين الو ابشي،
ڏونگر جا ڏيسي، ڇوھ چڙھيا ٽڪرين.

(٦١)

لالن لوغ ويا، ھلڪ روان ڙي جيڏيون،
فازا ڦڪيا، ڪڌھين ڪين سَٺا،
لالن لاءِ لطيف چئي، اوزان اور ٿيا،
ورنھ ڀوءِ وريا، ٻاروچا ٻاجھ پٽَي.

(٦٢)

آٽ پٽ آٿن جا، مرن نہ موڏا،
ٻوپو تن لاءِ پُوٺيان، ڪوڏيون ۽ ڪوڏا،
اچن جي اوڏا، تہ لڪ سولا لنگھيان.

(٦٣)

ڪتيون ڪنوائن کي، نباتون موڏا،
آتي راھ روان ٿيا، رين ينيءَ روڏا،
جي آرياڻيءَ اوڏا، مي لَڪيون مپ لنگھي ويا.

(٦٤)

نڪريو ڪري نهار، سمئي سروائن لاءِ،
آريءَ جي آئن کي، هيرا لک هزار، *
موتي مهارن ۾، جڙيائون جنسار،
بوتا ڪئي بار، لڪيون سپ لنگهي ويا.

(٦٥)

آريءَ جي آئن کي، هيون سون سريون،
وچن ٿا ونڪار ڏي، بوتا بار پريون،
ترڪن ڏان م نريون، توڏن جون تڙپيڙ ۾.

(٦٦)

ڪنيم جان ڪائي، آريچن آئن جي،
واري جا واتن جي جهاڪيم سيائي،
چوئم نه آئي، پورهيت جام پنهونءَ جي.

(٦٧)

سمئيءَ سروائن سين، اکي هئڙو پيچ،
سور ڏنائون سوڪڙي، ڏک ڏنائون ڏيج،
پهرين ڏيئي هيج، پوءِ گڏي ويا گوندرين.

(٦٨)

سمئيءَ سروائن سين، لڪئي جون لائون،
پيش پاچائي ٿيان، تن اوٺين جي آئون،
مون کي نه نيائون، پنهون وٺي ويا پاڻ سين.

(٦٩)

پانيان جي سرواڻ، کي چلائيندم چپرين،
نه تايم هوند پلاڻ، آءٌ گڏايم آن جا. ٢

---

* آريءَ جي آئن کي، سندا هيرن هار
مهارون موتين ڳتيون، جتن جي جنسار

٢ نه ڪانيم هوند پلاڻ، آءٌ گڏايم آن جا

Gul Hayat Institute

(٧٠)

جاڳو ڙي جاڳو، سهو ڪم سرتيون،
هلڻ جو هل ٿيو، سنهوڙو ساڳو،
سُنگ سيڪا ڏيندي، مٿي لڪ لاڳو،
اديون اوجاڳو، پينر مون ڀاڳي آيو.

(٧١)

ڪيچان ڪيچي آيا، پڇن جي ڪيچ،
اديون آءُ آڏڪي، ٻسي پاڳن ٻيچ،
هيس گهٽي سُڇيچ، ٻر نند نهوڙيس جيڏيون.

(٧٢)

جت نه ياڏي رت، ڏاريان ڏارئين ڏيهه جا،
ڪوهياري ڪينَ ڪيا، پُريون ۽ پتهُتَ،
هن جا واڳن متي هٿ، آءُ پاڳوڙن پيٽي روڏان.

(٧٣)

اديون اونداهو ٿيو، سج متي ڪٽي مهر،
ٻانگا بلوچن جا، ٻوء ڪٽي پيٽي پير،
لڪرياليون آڱريون، ٻين ڪندا ٻير،
بلوچاڻيءَ پير، مادر ماري آهيان.

(٧٤)

مادر ماريءَ آهيان، پير بلوچن جي،
لڙي لهوارا ٿيا، جُنگ جوانَ سي،
هلي پچان ڪٿهين، ڪٿهي ڪنوائن ڪي،
جيءَ جلاير جيڏيون، پربڻ پارانيءِ،
سج جا ٻاتر سرتيون، ڏيان ڏاڪا ڏونگر ڪي،
مانَ مٿيءَ ڪي ني، ٻنهون مڱان تي ٻاند ٻ.

(٧٥)

آيي آسهي آس ٻ، منڊ نه مولي ماءَ،
جا ٻتر ڪاهوڙياءَ، سا ٻر سڪي سسئي.

(٧٦)

ڪو ڪو وڏاچو ويڙهه ۾، ٻيا سڀ ورڪ،
سندي مَتِّن سِڪ، ڳوڻرن ڳڏيي نه لهي.

(٧٧)

ڪِلا پينڊ پلاڻ، نئين سِرِ نِڏا اوٺين،
مُٺي مـــاري هليا، ڏيئي تنگن تــاڻ،
وهائيءَ وڏـــاڻ، وڃي ٻاروچن ٻيا ڪيا.

(٧٨)

رائـــو سَڄيا ئـــي رات، آئُن گهڻو آچليو،
سسئيءَ کي سيد چئي، سندي ٻوڻن بات،
وهائـــيءَ پريـــات، سگهر تيندي سات جهي.

(٧٩)

ڏيـــر ڏمرجـــي هليا، ڏيئي ڏورائـــا ڏس،
وڃـــي پيـــا وڏڪار ۾، ليڙا ڪاهي لس،
وڏا ڪيم وس، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨٠)

ڏيـــر ڏمـــرجـــي هليا، آئُن چـــڙهـــي اوهه،
پنهونءَ ڏاران ٻپ ۾، چـُلي چـپريـــن پوهه،
ويـــا ويچاريءَ ـان، هاچـــو ڪري هوهه،
رند نهاريو روهه، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨١)

ڏيـــر ڏمـــرجـــي هـليـا، ڪـــٺـــي مهارون،
وڃي ڪيون وڏڪار ۾، چانگن چانگارون،
ڪندي هـُنِ ڪارون، رات نه رهيا هيڪڙي. *

---

* ڪيم وَسَ ڪارون، رات نه رهيا هيڪڙي

(٨٢)

ڏيــر ڏمرجي هليا، ٻــاڏــي انــڊ ٻلاڻ،
ٻڌي گوربند ڳنگن کي، ٽڳن ڏناڏون ٽاڻ،
ڪارون ڪيم ڪيتريون، سنجهي ويا سرواڻ،
پنهون ناهه پلنگ تي، سيج سڃي ٿي هاڻ،
مون وٽ ٿي مهماڻ، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨٣)

ڏيــر ڏمــرجي هليا، چانگن ٽــي چڙهي،
ٻــائـي پير رڪاب ۾، هنيائــون آٽ اڙي،
ڪتان ڪوهيارل سين، جيڏيون دل اڙي،
وَرُ وڃي وڻڪارَ ۾، گهاري مان نه گهڙي،
ٻــاروچــا ٻــڙي، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨٤)

ڏيــر ڏمــرجــي هليا، ڪاهيائــون ڪنوات،
ورتائون وصال جــي، سندي وحدت واٽ،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، گهيڙ، گهٽيون ۽ گهاٽ،
جهٽيون ڏيئي جهاٽ، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨٥)

ڏيــر ڏمــرجــي هليا، مٺي آهه مــعــذور،
روئــان رڙان جيڏيــون، سڙان انهيءَ سور،
ڏيهه آن جو ڏور، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨٦)

هــتــان ٿي هلنديــاس، سامهين سائيهه ڏي،
سونَ ڪڙولا سنگهرون، ڏونگر کي ڏينداس،
آيــل ٻــاروچــن کي، ڪيسريا ڪندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس ٻاروچن تان.

Gul Hayat Institute

(٨٧)

ھتان ٽي ھلنديس، سامھين سائيھ ڏي،
ٻـڌي سورن سنڌرو، ڏونگر ڏورينديس،
ماڻھن ۾ ماڻھو ٿـي، ڳوٺ ٻہ ڳوليندياس،
مـرن ۾ مرون ٿـي، جھنگل جھاڳينديس،
پکيـن ۾ پکـي ٿـي، سر سر سوجھينديس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گھوريس ھاروچن تان.

(٨٨)

ھتان ٿـي ھلنديـاس، سامھين سائيھ ڏي،
وڏا پـانـڌا پنـڌ جـا، منزل ماريندياس،
لالن لاءِ لطيف چئي، چوٽيءَ سر چڙھندياس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گھوريس ھاروچن تان.

(٨٩)

ھتان ٿي ھلنديـاس، سامھين سائيھ ڏي،
پير پنھنجي پريـنءَ لاءِ، چپر چولينديس،
ڳچيءَ پـائـي ڪفني، وڻ وڻ ووڙينديس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گھوريس ھاروچن تان.

(٩٠)

ھتان ٿـي ھلنديس، سامھين سائيھ ڏي،
ڏکون بکون ڏاڪڙا، ڪيچين لاءِ ڪنديس،
پاڻ پنھنجو پرينءَ تان، گھوري گھوريندياس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گھوريس ھاروچن تان.

(٩١)

ھتان ٿـي ھلنديـاس، سامھين سائيھ ڏي،
اُو آري آئن تي، آھ پيرين پنڌ ڪنديس،
آھي اُميد الله ۾، ڏاگھن کي ڏسنديـاس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گھوريس ھاروچن تان.

Gul Hayat Institute

(۹۲)

هتان تي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
ونديس پير پنهونؒ جي، هتي نه هونداس،
ليڙن جـا لطيف چئي، رند وٺي رونداس،
جانسين ساهه سرير ۾، تانسين نه ورنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(۹۳)

هتان تـي هلنداس، سامهين سائيهه ڏي،
ساجن ڏاران سرتيون، پيو تان ڪونه ڪنداس، *
ساجـن ساهه پساهه سين، لالن لـوڏيندياس،
آهير آس الله ۾، پنهل کي پسنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(۹۴)

هتان تي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
اُن جا تغناف اُٺن ني، آءٌ ڪچاڙو ڪنديَاس،
اُڄ ۾ آب اکين جو، پاڻي ڪيو پينداس،
ونـدر واٽڙيـن ۾، ٺمر سور ڪنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(۹۵)

هتان تي هلنداس، سامهين سائيهه ڏي،
آءٌ زور ضعيف آهيان، وندر ڪيئن ويندياس،
پنڌ اٺانگا پنيون، ڪانئن جـا ڪنداس،
جهڙي تهڙي حال سين پنهل ڏي پُرنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

Gul Hayat Institute

---

* ساجن ڏاران سنگتو پيو تان ڪونه ڪنداس

# سُر ڪوهياري

(۱)

لِڪ نہ جاڳيئن ليل، شبان شب سات پلاٽيو،
نمائيءَ ڪي نومَ جا، نيٽين پيا نيل،
هيءَ هيءَ هنبسايون ڪري، ازدر نہ ايندءِ ايل،
واويلي جي ويل، تي سسئيءَ ساڻ سيد چئي.

(۲)

ڏونگر ڏکوين جو، توکي ناهہ ترس،
ڀهاڙ پرڏيهين سين، اڳي ڪو عڪس،
ڀير مٿيءَ جا ڀس، جي چُنجهِن چيهاڙيون ڪيا.

(۳)

ڏونگر ڏکوين جو، تون وڏيسا واقف ٿي،
وٽان چو وٽي ويا، ڀهس منهنجو ڀي،
ٻجي پرانهون ٿي، متان سوزن ۾ سڙي وڃين.

(۴)

ليل نہ جاڳيئن لک سين، راتيون ستينءَ سڀ ڀوم، *
صباحِ رجلٌ يَخرُجُ، وڃي ذات جتائي قوم،
قامَ اِبلُ اليومُ، هٰذا هو فيها يذڪرون.

(۵)

ڪنيزڪ ڪيچين جي، آءٌ ناتر نام سڏايان،
اکين ساڻ آتايان، پيراز پنهونءَ چام جي.

---

* ليلَ نہ جاڳيئن ليڪ سين، نفس، اڪل، نومٌ

# سُر حسيني

(١)

امڙ جي ڏنوءِ، مون جيئن هوت اکين سين،
چرخو ڇيهاڙيون ڪري، پيري هوند ڀڳوءِ،
مون جڏهن رت رنوءِ، تند نه ڪتينءَ هيڪڙي.

(٢)

تاڻيان تند نه نڪري، ڪتان نه پوڻي،
ويچي پيهه وچ ۾، ڪاڪيون ڪالهوڻي،
مڻيءَ سان ڇنوڻي، جيڏيون جت ڪري ويا.

(٣)

روئي ڪر مَ رت، چرخ چندن عاج جو، *
آيل ڪِن ارٿ، ڪتي ڪندين ڪيترو.

(٤)

ڪتي ڪين ڪتنديون، جن جو چرخو تيو چُور،
ستيس تان سهد ڇڻي، ڪيا سانگهارا سورَ،
پيئي جن پروڙ، تن ارٿ اولائي ڇڏيا.

(٥)

حجت ڇڏيم هوت، تيس نمائي نڪتي،
ٻاجهائا ٻروچ، پڻي ڏونگر ڏورييان.

(٦)

جي هت نه هوت پسن، ڪنهن پر ڪيچ پسنديون،
موڙهيون توءِ وڃن، نيئر جن ڪي نينهن جو.

---

* روئي ڪيم رت، چرخو چندن عاج جو

(٧)

سٽيس جان سيج تي، تان ڏيرن ڏک ڏنو،
اٺيس جان آه ڪري، ته پاسي ناهه پنهو،
سرتيون سڱ ڇنو، پيئر هن پنهور جو.

(٨)

نه مون سڱيٺا سڱ ۾، نه مون پاڏي پٽ،
سورن ڪارڻ سرتيون، هوت پيئم هٿ،
ور وڏي هو وٽ، پاروچو پانهن ڪي.

(٩)

ورهه جن وٺاڻ، سور سلامي تن جو،
جن لڳو تن لکيو، پاروچاڻو پاڻ،
جيڏيون هي جڀاڻ، مون سين نشورو نند ڪيو. *

(١٠)

سورَ مڙوئي سولها، نندو منجهن ناهه ڪو،
پٽ تني سين پيلها، ڪسڻ جن قبوليو.

(١١)

هيءَ هيءَ حادثو، هوت هلندي جو ڪيو،
هڙو ڪرٽ قلوب ۾، ڪڏهن ڪونه پيو،
مرڻ ماڳ ٿيو، نڌڪ ساهه نه نڪري.

(١٢)

الستي پرام، پڌڻ پاروچن جا،
پاڙي ري پنهونءَ جي، ڏکيا ڏينهن ٿيام،
سٽي ماءُ ڏنيام، سورن جي سيد چئي.

(١٣)

تو جو ڏنو پير، سجاتوءِ سيڻن جو، ٢
پيو نه پڇندوءِ ڪير، سونهون تو سو ٿيو.

---

* جڀاڻ = جڀانُ = زبان

٢ تو جو ڏنو پير، سجاتوءِ نه سيڻن جو

(١٤)

پڇي ڪنج پيرَ، سسئي سرواڻن جا،
ڏونگر ڇڏي ڏيرَ، جم وڃني نڪري.

(١٥)

پڇي پير پروڙ، سسئي سرواڻن جو،
ڏونگر ڏڏي ڏور، جم وڃني نڪري.

(١٦)

وَڻہ وَڻہ، لڳي پير، اوڏا جان لامن م،
جي پيٺا منجھ ويڙھ، گھٽا هٿندينءَ هتڙا.

(١٧)

آهٔ ڏوريين، شال م ملين، پري هئين بلوچَ،
لونءَ لونءَ منجهان لوچَ، تَنَ تنهنجي نہ لهي.

(١٨)

ڪو جو اُنس مينهن، آريءَ جي عشق جو،
راتيان روئي رت ڦڙا، سک نہ سارو ڏينهن،
ٻاروچاڻو نينهن، منان ماڻو نہ ٿئي.

(١٩)

ڪاتيءَ رت نہ نڪري، راڻي ڪيس رت،
سورن پيگم ست، هاڻ نہ جيان جيڏيون.

(٢٠)

اوٺين اڳ ڪيون، لَڪَ تنهنجون ڳالهيون،
پسي پشيمانيون، هاڙهو هيڪليون، *
والون ويھ ٿيون، ڪُھ ڇاڻان ڪيھيءَ ويا.

---

* پشيمانيون = پشيمان ٿيون

Gul Hayat Institute

(٢١)

ڀسان شال پٻ ڏٺي، ڀير جنهن جو ڀٽ،
تو نيپايا گهڻا، لالن ڪارڻ لٽ،
هوتن ڪارڻ هٽ، جان ڪي ڪاٺياريءَ ڪيا.

(٢٢)

مري ويندس ماءُ، ڇني ڀير ڇپن سين،
ڪوهياري جي ڪاءَ، ڳنهيو ڀٽان ڳالهڙي.

(٢٣)

مري رهندس ماءُ، لڪ لتاڙي لڪيون،
وڃي ڪيچ قراريا، جت پنهنجيءَ جاءِ،
روئي رت جڳاءِ، هوتن جيءَ هيڪاند ڪي.

(٢٤)

ڪهوڙن هنئين سيڪا، آءٌ ڪنواٽن ڪٽي،
نڪي ڳالهايوم هوت سين نڪي آءٌ رٺي،
مٿي بر ٻٺي، ته سسئيءَ جي سيد ڇٽي.

(٢٥)

ڏٺو جن هيڪار، آرياڻي اکين سين،
ويو تن نه وسري، ڀاروچو ٻيهار،
تني سندا ٻار، ڀرتي ۾ ڀڏرا.

(٢٦)

جوين جانب لاءِ، نيٺي وجهه نسار ۾، *
روئي روپ وڃاءِ، پسڻ ڪارڻ پنهونءَ جي.

(٢٧)

متهند ۾ ملان سڄڻين، ته مون وڏو ڀاڳ،
آيل آريچن جيي، وس نه منهنجي واڳ،
آڏيءَ ڏيئي آڳ، هاڻو هٿي هليا. ٢

---

* جوين جانب لاءِ نيٺي وجهه نِڪونجَ ۾

٢ آڏيءَ ڏيئي آڳ، هاڻو هاڙهي هليا

Gul Hayat Institute

(۲۸)

آيل سندن آهه، جا لوري لائي سڄڻين،
ڪئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن ڪي ڏيان ڏانهن!
منهنجي جهلي ٻانهن، ماريو هوت هڻن سين.

(۲۹)

الله آهين تون، اوئين تان ائين ڪيو،
جيئن گهوريو جت ري، مرڻ وس نه مون،
پيڙي ڪري پون، هاڙهي هوت هلي ويا.

(۳۰)

آڏيءَ آڏائي، سسئيءَ ٻـڌو سـنڌرو،
ڪنڪهي جئن ڪونجڙي، روهه چڙهي رائي،
سڳر سڄائي، هلي هـاڙهـي سامهين.

(۳۱)

وڃان تي وڻڪارَ، جِتو سگ پنهور جو،
مارَ ڪِٽ وسن مينهڙا، مٿان تي ملهارَ،
تيرڪي تڙ اوتڙ تان، ڪري مانَ قطارَ،
مـانَ ورمن وچ ۾، اولاڏي اوتـارَ،
صلح ڪر ستار، جنهن پر جدا نه ٿيان. *

(۳۲)

اڄ م آلهه سڄ، ته ڪو پيرين پنڌ ڪريان،
ٻهر لڪائي لَيلَ جو، ڏينهن پنهنجي ڏڄ،
ڪا منهنجي ڪِڄ، ته سورجَ ملان سڄڻين. ۲

---

* سو پَهه ڪر ستار، جنهن پَهه جدا نه ٿيان

۲ ڪام لهڻ جي ڪڄ، ته سورج ملان سڄڻين

Gul Hayat Institute

(٣٣)

سڄ لهي سانجهي ٿي، مٿان وري مهرَ،
رڻ ۾ پيئم راتڙي، ڪيئن پَسبا پيرَ،
آيل انهي ويرِ، آئون مون کي مَ جهليو. *

(٣٤)

ووهُ ووهُ ويا نڪري، هاڻي هٿ هٿان،
پٻ ۾ پنهونءَ چام جا، ڪُنديو پير ڪٿان،
گهڙيءِ سُور گهڻان، مون ڏي مُڪا سڄڻين.

(٣٥)

ووهُ ووهُ ويڙا نڪري، هاڻي هٿان هٿَ،
سُتيس پير ڏکيا ڪري، تيلاهه ويم وَتَ،
سپريان جي سَٿَ، مُند اِلاهي ميڙيين.

(٣٦)

ڪوميءَ ٽڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
لانچي هڏ لطيف چئي، ڪمر ڪيچين لاءِ،
اکيان آهه اونداهه، مٿان پير نه لهين پرينءَ جو!

(٣٧)

وجهه وراڪو ويڙهه ڪي، سسئي سڄ ويو،
آرياڻيءَ پنهونءَ جو، ڏونگرِ ڏس پيو،
مِٺن جو مِيون چئي، ڇپر پير پيو، ٢
آرس جن ڪيو، آٽ نه ٻيلي آن جا.

(٣٨)

مون سُتي ڪن پئي، ڇپر ٻُري ڇيرَ،
ڏوران اچن پلاڻيا، مان گهر ايندا هيرَ،
آئون مٿان آڙي، پلنگ ڏيندا پيرَ،
آءٌ تنهن ويرِ، ڪنديس ٻُڌا ٻروچن سين.

---

* آيل انهي ويرِ، مون کي آن منجهايو!
٢ (ن)

Gul Hayat Institute

(٣٩)

قربن ڪُٺياس، هيروڪي هلڻ سين،
دانهون ڪندي درد ۾، ساري لوڪ سُياس،
مون پانيو مُياس، پر نڏڪ ساهه نه نڪري.

(٤٠)

نه ڪٺيس قربن، نه ڪيس حبيبن حلال،
وصلَ مون وصال، آڏ مُٺڙي ڪئي آهيان.

(٤١)

قربن ڪُٺي، آڏ مٺي ڪئي آهيان،
ساٿ لئه سيڻن جي، ماڳهين آءٌ مُٺي،
هيءَ هيءَ مان نه هُئي، سرتيون مَتَ سيڻن جو.

(٤٢)

اڄ نه گوڙا گڏ، ولهيءَ جي وٿاڻ تي،
جان ڪي ڪريان سڏ، پاٿان پرانهان ويا.

(٤٣)

سڪن مٿي سورَ، ڪا مٺائيندي جيڏيون!
پيم جان پروڙ، ڪوڙين ڪتر نه ڏيان.

(٤٤)

سورائتي سڏ، ڪري سڏ سورن کي،
سورن پُڇس هڏ، سي پڻ سيڪي سور سين.

(٤٥)

سونهان مهند ٿيا، سورن ڀڏو سندرو،
هلو ته ڏوريون آن کي، ونڊر جي ويا،
ڪنديس ڪين پيا، هوت مٺائي اکيان.

(٤٦)

روئي ساري رات، پتهه پروڙج ساٿ جا،
هيٺي جي هيڪات، هُيم هٿي ڏينهڙا.

(٤٧)

مري رهنديس ماء، جتن ڪارڻ جيڏيون،
ويو ٻاروچو نڪري، سورَ چڪائي ساء،
هاڙهو هوتن لاء، رجائيندڀس رت سين.

(٤٨)

جان جان هنڙم سُڪ، تان تان هنڙيمَ سرتيون،
جڏهن ڏڪويمَ ڏڪَ، تڏهن اوڏي آيم ڪانه ڪا.

Gul Hayat Institute

# سُر سورٺ

(١)

آءٌ سوالي سِر جو، سو مون ڏانُ ڏيار،
مون کي وهلو وار، تہ پوين سين ٻورو رهان.

(٢)

راجائي رحم ڪري، منجهان نِيرت نهار،
مون کي وهلو وار، تہ ٻورو رهان پنڌ ۾.

(٣)

گل چنو گرنار جو، هيءَ هيءَ ٿيو هولُ،
وڃي سر ڏاتار ڏنو، پنو ٻيجل ٻولُ،
راجا ري رنولُ، سڄو سورٺ جو ٿيو.

(٤)

نڪي چلي چارڻ آيو، نڪي ڀڳڪيو ڀانُ،
نڪي چوريئين چنگ کي، نڪي تند وڄائين تانُ،
تنهن مٿي لڌو مانُ، جو ڪلمو چوندي ڪاٽيو.

(٥)

نڪي چلي چارڻ آيو، نڪي راڳ ڪيائين روئي،
نڪي چوريئين چنگ کي، نہ ڏياچ ڏني ڏهي،
سو سِرُ پڻ ٿيو صحي، جو ڪلمو چوندي ڪاٽيو.

(٦)

ڪڏي ڪيرت ڪينرو، ولايتي واڄو،
گنجي ۾ گرنار جي، ساز ڪهائين ساڄو،
ريڌو سٽي راڳ کي، راءِ تنهن راڄو،
ڳاءِ سنڌ ڳاڄو، تہ سر سينگاري تو ڏيان.

(٧)

ڪڏي ڪيرت ڪيترو، جاڳڪ هنيو جڙوھ،
صدائون سلطان کي، سٽايائين صبوح،
هنيون گڏي ۾ هوءِ، وڏائين ڪرت ڪپار ۾.

(٨)

ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، ٻيا ٻڻ مانجهي مٿل، *
جن ڳڙهان ٻاهر ڳايو، ڪري متن اچل،
هي منجهه پيتو مڳٹو، سو اٻر ٿيو امل،
لولاڪ لما خلقت الافلاڪ، شاهي ٿيا شغل،
وما محمد الا الرسل قد خلت، ٿيا هنگاما هل،
شافي شفاعت جا، ٻول ٻهون پيچل،
مان لڌا مرسل، اٻر عبداللطيف چوي.

(٩)

ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، مانجهي مٿيادار،
جن ڳڙهه ٻاهر ڳايو، تندن جري تنوار، ٢
هي منجهه پيتو مڳٹو، هيجان ٻڌي هار،
السلام عليڪ ايها النبي و رحمة الله، ڪلي
ڪيائين ڪيڪار،
فڪان قاب قوسين او ادنى، اهڙيءَ پت اپار،
لا اله الا الله محمد رسول الله، پٹن پتي پچار،
ڏنا ڏان ڏاتار، لالائيءَ جا لطيف چئي.

(١٠)

پرديسان پند ڪري، ٻلي آئين ٻيان،
اچڻ سان آجاريو، تو جهوناڳڙهه جوان،
ڪوهه ٿو ٻڌڪين ٻان، مات ڪر ته مٿو ڏيانءِ.

Gul Hayat Institute

---

* ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، ٻيا ٻڻ داتا دل
٢ جن ڳڙهان ٻاهر ڳايو، سهجان سپ جمار

(١١)

ڪوڙين ڪيرتما آيا، ٻيهر وڏي ٻانَ،
ڪي چورياڻون چنگ ڪي، ڪي ظاهر ساڻ زبانَ،
هي منجهه پيئو مڱڻو، ابر سين احسانَ،
التحيات لله وصلواة وطيّبات، ساراهي سبحان،
السلام عليڪم ايها النبي و رحمة الله بـرڪاته،
ٻروڙج ٻيان،
السلام علينا و عباد الله الصالحين، دل ۾ رکج ڏيان،
جهڙو پلو ٻانُ، تهڙا ڏان ڏياچ جا.

(١٢)

ڪتنجهي، ڪيرت، ڪينرو، ولايتي واجو،
هنيائين هتن سين، لاياڻين لاڄو،
ڪري سُر ساڄو، وڄائين ڪرت ڪپار ۾.

Gul Hayat Institute

# سُر برو سنڌي

(۱)

اچڻ جي اوطاق، مون سارينديَ سپرين،
مون جيهي مشتاق، ڏسي لاهي ڏُکڙا.

(۲)

سڄڻ سينگاري، ڪيائون مهاڙ مقام ڏي،
ڪڻي ڪتولا هلِيا، لوڪان نظاري،
لاٿائون لطيف چئي، قبر ڪناري،
سنڀون سهاري، ڏڙ لتياڙون ڏوڙ ۾. *

(۳)

جان وڃان مقام ۾، رهاڻ ناهي رس،
دفن ڏوڙ پڪليا، منهن ۾ سڪن مس، ۲
آيل اچي پس، جڏائي جيئري.

(۴)

دوست منهنجي دل جو، آهين تون عجيبَ،
ڏو بنان ڪو نہ ڪو، حامي هيو حبيب،
نماڻي نجيبؔ، ڪوجهي ڇڏيو ڪينڪي.

---

* سنڀون سهاري، نيئي ڏريندا ڏوڙ ۾

۲ ڪفن ڏوڙ پڪليا، منهن ۾ سڪن مس،
آيل اچي پس، جيءَ سين جيڏو ٿي ڏيو.

Gul Hayat Institute

(٥)

سُتي نہ سرندوءِ، ڪر پچار پرينءَ جي، *
اوراڻو ايندوءِ، جڏهن سينگاربا سپرين.

(٦)

جاني جيئين شال، هُونئِي حياتي سپرين،
جان متانئين جندڙو، مڏيون گھوريان مال،
ڪر پلايون پالَ، ڏي دلاسو دلگير کي.

(٧)

ڏي دلاسو دلگير کي، اچي اوکيءَ وير،
پلي اکِ آئيين، پرين پري پيرَ،
ساجن سيڪنهن ويرَ، هُئين سلامت سپرين.

(٨)

السلام عليڪم سپرين، وَعليڪم السلام،
ڪانَ وهاريازہ ڪٿ ني، جيءَ برابر جام،
ڪر وچڻ جي ڪام، موڪل گھر مَ منهنجا پرين.

(٩)

موڪل گھر مَ منهنجا پرين، مون وٽ ويھ ميان،
ساجن سھ ساعت ڪا، جانسين تي جيان،
دوست دم ڏيان، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين.

(١٠)

موڪل گھر مَ منهنجا پرين، وتان وڃ مَ مون،
تِنِ سريو سيڪي، جنِ ڏئيين تون، ٢
پيڙو ڪري پون، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين.

---

* رئي نہ سرندوءِ، آئي پرچ پرينءَ سين
احاطو ٿيندوءِ، جڏهن سينگاربا سپرين

٢ تنهن وٽ آهي سيڪي، جنهن وٽ آهين تون
پيڙي ٿيان پون، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين

(١١)
موڪل گهر م منهنجا پرين، جاني مون وٽ جٽ،
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، ڪي تون مون وٽ ڪٽ، *
لاڻ مون کي لٽ، پوءِ موڪل اٿي منهنجا پرين.

(١٢)
موڪل گهر م منهنجا پرين، هڏ نه ڇڏيان هاڻ،
آءٌ نه ڪريون پاڻ ۾، ريجهي روح رهاڻ،
مٺان تو ساڻ، موت ملڻ کان مهند ٿئي.

(١٣)
موڪل گهر م منهنجا پرين، هڏ نه ڇڏيان هيرَ،
اکين آئي پاڻيان، پرين تنهنجا پيرَ،
مٺان ڪنهن ويرَ، موتُ ملڻ کان مهند ٿئي.

(١٤)
موڪل منهنجي ناهه ڪا، تون پرين پاڻ سڃاڻ،
هنيو تو هٿن ساڻ، ٻنگا جهلي ٻاڻ،
مٺان تو ساڻ، موتُ ملڻ کان مهند ٿئي.

(١٥)
آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسي رات ۾ رَنڍ،
سڄڻ لٿي ڇَنڊ، اور تہ ڏرن اکيون.

(١٦)
آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسي رَنڍ ۾ رات،
اسين تابع تنهنجا، تون زوراور ذات،
سڄڻ گهڙي سات، اور نہ ڏرن اکيون. ٢

---

* ڏکيا سکيا ڏينهڙا، ٻہ ڏي مون وٽ ڪٽ
لوڙهہ مُٺيءَ جو لٽ، پوءِ موڪل اٿي منهنجا پرين

٢ سات = ساعت

(۱۷)

آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رسي گهڙي مَ گهار،
صباح ٿيندو سينگار، سورَ چڙندَم سپرين.

(۱۸)

رنا کهڙيءَ ريت، پرچندا پڙ کنهين،
دل ۾ کري ذيت، هل تہ سڄڻ ڳوليون. *

(۱۹)

جيکر رناسون، رُسي سڙي نہ سپرين،
پاڻهين پرناسون، ايءَ نرجائي نک جي. ۲

(۲۰)

رڻي آءٌ رنياس، پر مون کي سڙي نہ سپرين،
پاڻهين آءٌ پرچياس، ڏس نرجائي نک جي.

(۲۱)

جيکي لڳئي سو لاءِ، پرچائج پرينءَ کي،
مون ياران محبوب کي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ،
ڳالهه کئي ڳالهاءِ، تہ سورن کي سندو پوي.

(۲۲)

ليليءَ لاءِ م سپرين، جودان کر جواب،
هيئون جئي ۾ هيڪڙو، سو کسي ٿيو کباب،
دل ۾ رهيو داڳ، ڦوڙائي فراق جو.

(۲۳)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڇڏ خستائي خان،
تون جيارو جيءَ جو، تو ري ٽڳان ٽان نہ،
ساجن سرت سڄانَ، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

---

* من ۾ کري پريت، هل تہ سڄڻ کوليون.
ذيت = سوجهرو

۲ اجهي آياسون، ڏس نرجائي نک جي

(٢٤)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، داناءَ دلبر ڀار،
بخش ڪر بديءَ کي، بديون ۾ ڀلڪار،
مون ۾ عيب اپار، ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي.

(٢٥)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، ڪڻ ٻاجهه ٻرڻون ٻيٽي،
نيڻن سين ناز ڪري، ماريٽي مون کي ٽي،
جي هٿان مون ٻيٽي، ته ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي.

(٢٦)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، چڏ ڏاڍائي ڏمرُ،
سگ تنهنجو سپرين، مون کي سورَ ٿمرُ،
چڏي ڏوث ڏمرُ، ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي.

(٢٧)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، چڏ ڏمر ڏاڍائي،
لڳي لنءَ لطيف چٽي، وري ايءَ وائي،
لانن لالائي، ٻرج ٻرڻ ڏس پاڻ ڏي.

(٢٨)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، ڏي مريضن موڪل،
امان سک سرير ۾، تون ٻري وج مَ ٻل،
مالڪ ملهه امله، ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي.

(٢٩)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، ڪر موڪل مريدن،
ٻيو وسيلو ناهه ڪو، تنهنجي توهه تڪڻ،
جي موران مديون ڪن، ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي.

(٣٠)

ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي، ڏس هيٺين جو حال،
جڏو جيءُ جياريو، سيڻن جي سنڀال،
ڀلا ڪري ڀال، ٻرج ٻرڻ ٻس پاڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

(٣١)

ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي، ڪڻ اکيون ڪل ڪانَ،
ڪَڇُ، تہ ڪَسُ لاهين، جاني چور زبان،
عيب اوهان ۾ ناهہ ڪو، مون ۾ گيرگمان،
ساجن وڏي شان، ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي.

(٣٢)

ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي، ۽ ڪر ڏون ماڻو،
جاء ڪشادي جيءَ ۾، ٻرين ڏي ڀاڻو،
ڀلا ڀليءَ ڀت سين، ڪر اندر اولاڻو،
آءٌ ناقص نماڻو، ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي.

(٣٣)

ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي، ڪوه ٻن ٻهاڻي،
رهہ امان جي راڄ ۾، ٿئي ساهہ ڪي سرهائي،
اندر مون آڏي، ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي.

(٣٤)

ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي، تون نيڻ نماڻا ڪن،
جئن ڪوري ڪنبي ٽپايو، تئن ٽپائہ تن،
جئن وڏو سڏڪو وڻ، تئن ساهہ سڪايہ سپرين.

(٣٥)

ٻرڇ ٻرين ٻس ڀاڻ ڏي، ڪر الله لڳ احسان،
ڏون ڀلنئان ڀلو گهڻو، آءٌ ناقص ۽ نادان،
ڄو ٻچيہ بار برهہ جو، تنهن منجهين ڪيو مڪان،
دلبر تو لاء دلڙي، هميشه حيران،
ڪشي هڻ م ڪان، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان.

(٣٦)

اندر ٻرين، ٻاهر ٻرين، ٻرين حاضر منجهہ هڏ،
ساجن ساهہ ٻساهہ سان، آهين گڏوگڏ،
کهڙا ڪريان سڏ، ههڙن هيڪاندن کي!

Gul Hayat Institute

(٣٧)

چپ ڪر، چپات ڪر، ٻوٽ اکيون، ٻڌي ڪَنَ،
تہ محب منجهان ٿي مَنَ، ساجنُ سگهو ٿو ملي.

(٣٨)

اڄ نہ سڄڻَ اکيان، خوشيءَ نہ کليائون،
ڏمريا ڪنهن ڏوهہ تــي، محبت مٽيائون!
ٽيلانهن ڇنائــون، ٻاجهائــا ٻين ســيــن.

(٣٩)

دلبر دل کسي وئين، تنهنجي ڪل نہ پيئي ڪا،
جٺو جــان زبــون ٿيو، ميٺي ۾ مــاهہ،
بــاقــي ساهہ پساهہ، آهــي اکــڙيــن ۾.

(٤٠)

سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين، مون کي گڏيا ڪالهہ،
سچ ڪنان سهٺا، مــٺــي ســائــي سالَ،
لايائــون لبيس جــي، لالــي منجهان لال،
اهــي پلائــي پــال، سڄڻ آيــا سامهان.

(٤١)

سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين، مون کي گڏيا هيرَ،
ڪالهان ڪر ڪيڏانهن هٿا، وڏي لايان وَ ويرِ،
پــريــن آهنجا ٻير، اگهان اکڙيــن سين.

(٤٢)

اڇين شال عجيب، جاني منهنجي جيءَ جا،
وسين وير سڪنهين، هينئڙي منجهہ حبيب،
جي منجهين تَنَ طبيب، سي والي وار وطن ٿيي.

(۴۳)

اچين شال عجيب، آءٌ رويو راهه نهاريان،
صحي لوڙيم لکيو، جيڪي منجهه نصيب،
ملي اڄ حبيب، ته موڪل ٿئي موت کي.

(۴۴)

اچين شال عجيبَ، بلا ڪنهن ٻال پٽي،
وساريان نه وڃين، هينڙي منجهه حبيبَ،
نرت ٿيي طبيبَ، سالڪ انهيءَ سور جا.

(۴۵)

ساعت ساعت سپرين لحظي لحظي لوهه،
پيءَ بنان پرديس ۾، رين نه وهامي روهه،
پرينءَ جي پانوهه، صاف سينو ڪيو سور کان.

(۴۶)

ساعت ساعت سپرين، لحظي لحظي لٽ،
پيءَ بنان پرديس ۾، سورن ڏني سٽ،
سيڻن جي سهٽ، صاف هينئون ڪيو سور کان.

(۴۷)

ساعت ساعت سپرين، لحظي لحظي لِڪ،
سورن سنڌيون جهوريون، هڏ نه وري وڪ،
مٺي ٻٽان منهنجي پرين، وجهه پانوهي پڪ،
ساجن تنهنجي سڪ، صاف هينئون ڪيو سور جو.

(۴۸)

ساعت ساعت سپرين، هٿان دوسن ٻاسي دم،
تو ڦوڙائي سپرين، گوندر آيم غم،
اچي ڏيو اوچتو، توسين مونجو سنگ،
کهڙو سريئه ڪم، مون کي ماري سپرين!

(۴۹)

وڏي نيم نظر سين، سرتيون ڪيو سيٽن،
ڪڏهن گهر گهايل جي، مانَ هلي هيت اچن،
پسن ڪاڻ پرين، آ رهيو ساهہ رڳن ۾.

(۵۰)

مرن نہ معشوق عاشق تين نہ تورڙا،
جيئن شال جهان ۾، منهنجا محب ملوڪ،
تن جي ساهہ سلوڪ، جال جيان تني جڳ ۾.

Gul Hayat Institute

# سُر راڳُو

(۱)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، پرڀن آيو پاڻ،
اچي مير ميندري، ڪامل لاٿي ڪاڻ،
وڻ ٽڻ ولين ڇانيا، وٺا سڀ وٿاڻ،
ٻرچي آيو پاڻ، ڪاڪ قراريو ڪَٿهو.

(۲)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٻولي ڪئي ٻانگڙي،
ٻوڙي ٻوڙان در تي، ويڳاڻن وانگي،
ويٺي واٽ نهاريان، ڇنڪيو نه چانگي،
آءُ ڪنهن سانگي، نه ته مٽي سٽندين ميندرا.

(۳)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، هينئڙي پڳي هام،
اسان ڏي اچڻ جا، آديءَ هئا انجام،
سوڍا تنهنجي سام، لکيس جم لڄائيين.

(۴)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، هيٺا ٿيم حال،
اٿيو آتڻ وچ مون، ڦريو وڄهان ڦال،
پلا ڪري پال، آتڻ اورانگهي آءُ تون. *

---

* پانيان تنهنجا پال، عيب اورانگهي آءُ تون

Gul Hayat Institute

(٥)

ڪر موڙيندي ڪامڻي، مومل ڏني مون، *
آٿيس آهون ڪري، ڀري مٿي ڀون،
سا جي پسين تون، موٽين ڪين ميندرا.

(٦)

ڳجر ويٺي ڳمان ۾، جوڳيءَ ڏني جت، ٢
ساميءَ جو سيد چئي، تن اڏاٽو تت،
سا ڪاڪ پسبي ڪيٽ، جتي محل مومل جوا

(٧)

ڳجر ويٺي ڳمان ۾، جوڳيءَ ڏني جيٽن،
ساميءَ جو سيد چئي، تن اوڏهون تيٽن،
سا ڪاڪ پسبي ڪيٽن، جني محل مومل جو.

(٨)

لڏي لڏائي، رات رانڻجي آيون،
نڪا مومل ماڙيين، نڪا منجهه وٽين،
ويون پنڌ گهٽين، اڄ نه آنڻ واريون.

(٩)

لڪ لڏائي لتيا، ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪنار،
پونهه ۾ پئي پڪا تيا، ڪنڌيا جن ڪپار،
سامي سپ چمار، ويهي ماڪ مري ويا.

(١٠)

هزارين هتي هئا، ڏيٿ سنڌن ڏيهه،
ملوڪ اِت مري ويا، راٺا رتي ريهه،
ڪانَ ڳڏجي ڪيهه، پون ۾ پٿي پڪا تيا.

---

* ڪَرَ موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏني مون
آٿليس آهون ڪري، ڀري مٿي ڀون
٢ ڳجر ويٺي ڳونگ ۾، جوڳيءَ ڏني جيت

(١١)

سڀئي آئن آن جو، موتيا اچن مير، *
مومل جي محلان جي، هتي تن آڪير،
ويا تان نہ وير، تيا لڏائي ڪنديين.

(١٢)

سڀئي آئن آن جو، آيا ڪاڪ ڪنديِن، ٢
تيا ويچارَن، لوڙهہ لڏائي ڪنديين.

(١٣)

سڀئي آئن آن جو، آيا ڪاڪ ڪهي، ٤
تيا تن صحي، لوڙهہ لڏائي ڪنديين.

(١٤)

رائا پسان نہ راڄ ۾، هتي جني هاڪ،
محلين مير مقيم جي، متن آئي ماڪ،
هو پرهہ جا پياڪ، لوڏي وڃن لڏيو.

(١٥)

آيو قاصد ڪاڪ جو، توڙائين تو لاءِ،
چڙهہ مورَ ميندرا، پير پاڳوڙي پاءِ،
توکي گهوٽ گهرايو، جت نہ ڪنهن جي جاءِ،
تونِ سڀهائين جنهن کي، توکي سو سڀهاءِ،
خلقيو ڪونہ خداءِ، جهو تو جهان ۾.

---

* سڀئي آئن آن جا، موتيا اچن مير
مومل جي مجاس جي، هتي تن آڪير
وريا تان نہ وير، تين لوڙهہ لڏائي ڪنديين
٢ سڀئي آئن آن جا، آيا ڪاڪ ڪنديِن
ويندي ويچارن، تيا لوڙهہ لڏائي ڪنديين
٤ سڀئي آئن آن جا، آيا ڪاڪ ڪهي

Gul Hayat Institute

(١٦)

آيو قاصد ڪاڪ جو، تنهن صحي ڏنا سلام،
پريتن جا پريتن ڪي، پهچايئين پيغام،
آءٌ آدامي آهيان، جاني تو لاءِ جام،
جيڪي گهرين سو ٿئي، دوست اُن جي دام،
چڙهه چامن سدا چام، هل دوسان دائري.

(١٧)

آيو قاصد ڪاڪ جو، راڻي وٽ رات،
ڏي پيارا پرين جا، لنئين لطيفي لات،
چڙهه تون مير ميندرا، جت تنهنجي تات،
ڏٺيم ڏاتر ڏات، ڪٿيئي سوڍ سيد چئي.

(١٨)

ڪندي هيس ڪاڪ ۾، راڻي سين رهاڻ،
اچي پسو جيڏيون، پرين وڏو پاڻ،
هي هند پسيو هاڻ، واريءَ جئن ونجهلي هنيون.

(١٩)

راڻي جي رهاڻ لاءِ، روح ڪري ريهون،
باغ سڙي ٻسٽ ٿيا، وڻن جون ويهون،
ڪاڪ مٿي ڪيهون، پسو پرڏيهين جون.

(٢٠)

هنئي جي نه هنئي، ته به راڻو رنج رکي ويو،
ماريس تنهن ماري، سيڪنهن ڳالهه سئي،
ڪرڻ ساڻ ڪهي، ويو نهوڙي نند ۾.

(٢١)

الا سوڍل آئيين، جهوري اٿم جُوئي،
مور نه مٽيان ميندرو، سڪ منجهان سوئي،
راڻي سين روئي، قصا ڪنديس ڪاڪ جا.

(٢٢)

راڻو رنو ڪاڪ سين، تي قيامت ڪاري،
جيڻن چئني ميرَ ميندري، سا پٽر نه، مون پاري،
ڊوليي سين ڊاري، مُنهن متاهون نه ڪڍان.

(٢٣)

راڻو رنو ڪاڪ سين، ڪاري تي قيام،
ڊولي ڏٺُ چيتايو، ڪرَ هيٺم ڪام،
ماريُم تنهن مامَ، جا ڪاملُ ڪالهه ڪري ويو.

(٢٤)

راڻو رنو ڪاڪ سين، تي ڪاري قيامت،
اندر آڳون لائيون، سوڊي جي صحبت،
ماريس تنهن محبت، جو ڪامل ڪالهه، ڪري ويو.

(٢٥)

راڻا رسڻ ڇڏ، وار ڪرهو ڪاڪ تي،
حُب هينئين سين گڏ، وڃن سور سنڌو ڪيو.

(٢٦)

جهڙا جوڙا زربفت جا، پاڪيزا پوشاڪ، *
آڇيائون عنبير جا، مٿي تڙن تاڪ،
اڻيي چٽ ڇڳيرن کي، ٿيا حيرت ۾ حزناڪ، ٢
جي ڪامل مُنهن پيا ڪاڪ، سي وڃي
وريا ڪينڪي.

---

* جهڙا جوڙا زربفت جا، موتي ڳتيل ماڪ
٢ (ن)

Gul Hayat Institute

(٢٧)

جهڙا جوڙا زربفت جا، رَنائان روسالَ،
گل ڦل وڏا گُجريِن، لکين گُتائون لال،
مائڪ موتي تنهن ۾، جوتيِ جَڙيائون جال،
ڀسي صورت پُر ٿيا، مَنجهيِن حيرت حال،
نظر سين سپ نانهه ٿيا، مور نه ڪن مقال،
آن جي عبداللطيف چئي، ڪونهي جوڙَ جمالَ،
جي ڪاڪِ منهن ڀيا ڪالَ سيوري وريا ڪينڪي.

(٢٨)

سونَ ورنيون سوڊيون، سهسين ڪن سينگار،
چوٽَ مشڪ چندن سين، واسي ويڙهن وار،
اوتيِن عطر عنبير جا، متي ڪتُن خزار،
موتي مالهائن ۾، جَڙن هيرا لک هزار،
ابر الماس آن جا، جِئن ڪڪر مينگهه ملار،
جڙيائون جان سيئن، جوڙَن جا جنسار،
ابرو سياهه آن جا، جِئن پونئر ڪار پُلڪار،
لکين لوڙي لُٽيا، ڏن گُجريَن ڪيا غار،
ڀَڏن حماليِن هارَ، جي آڻ اچن آنِ جي.

(٢٩)

سون ورنيون سوڊيون، سهسين ڪن سامان،
چوڙا پيڙا ڀانهيون، ڀَنسَر بي بيان،
هٿ واڊيولا، هس ڳچين ۾، دهريون، دُ ر٭ دُوان، ٭
مڙهيائون مالهائن ۾، موتي ۽ مرجان،
ابرو سياهه آن جا مارن تا مڙگان،
ڪنواريون ڪاڪ ڪنڌيين، ڪشيو بيٺيون ڪان،
بڙچيون هٿن بانَ، جي آڻ اچن آن جي.

Gul Hayat Institute

٭ هٿ واڊيولا، هس ڳچين ۾، دهريون دُزدوان

(٣٠)

ڪوڙيون پٽيون قمر ڪان، آهن راڻيءَ ۾ رتيون،
ڏسندي ڏور ٿيون، مومل جون متيون،
سوڍو سرتيون، وساريان نه وسري.

(٣١)

راڻو آيو راڄ ۾، ٿي سوڍيءَ ڪي سار،
ڀري وينيون پڌريون، هزارن جا هار،
ڪانهي ٻي تنوار، ٿيو مڙوئي ميندرو.

(٣٢)

ڀلي ڪري آئيون، ڏولئا ميٿان ڏيٺ،
پائي ٽراڙي توريان، ملڪ نه تنهنجو مٽ،
ساجن سڀ ڪڪوريا، پکن رتو پٽ،
مومل ڪانهي مٽ، ملهه نه تنهنجو ميندرا.

(٣٣)

ڪو جو ڪٽر ڪاڪ ۾، راڻي ڪي رهيو،
مونکي سو محلن ۾، وري ڪين ويو، *
سوڍي شڪ پيو، توڙي مومل ٿئي مصري.

(٣٤)

ڪو جو ڪٽر ڪاڪ ماڻ، راڻي ڪي رهيو،
مونکي ماڳ نه آيو، ايڏو سور سهيو،
مومل محلاتن ۾، ڀونئي پاڻ پيو،
وهي قلم ويو، سو ڪين ميٽيان ميندرا.

---

* مونکي تنهن محلات ۾، وري ڪين ويو

(٣٥)

مون وٽ مير ميندرو، ايندو اڄ وري،
وهي مون وهه ٿيو، ڳڻيان ٻاهه ٻري،
سودي ڏاران سرتيون، هڏ نه ساهه سري، *
ڪانهي ٻي ڳري، ڪامل ڏٿيءَ ڪاڪ کان.

(٣٦)

راڻا رسي ڪاڪ سين، وڇوڙو وڌوءِ،
ڦوڙائي، فراق جو، قدر ڪونه لڌوءِ، ٢
دل تي داغ ڏنوءِ، سو مٽيي نه وسري ميندرا.

(٣٧)

مومل، سومل، سهڄان، مرادي منجهن،
چرخا چندن عاج جا، ڪيوڙي هيٺ ڪتن،
پينگهه وتايو پٽ جي، ليمي لام لڏن،
ٻيٺيون راجا ٽند جون، خون ڪلندي ڪن،
سامهون وڃ مَ تن، اکيان راڻا تو رڻ وهي. ٤

(٣٨)

آئي مٽان ڳجريين، اوچتو آيوس،
سر سيلا، گهر گوجرا، گهورن تن گهايوس، ٣
ڇهه مهينا ڇوهه مان، پاسي پير پيوس،
منجهه حيرت هوس، کهڙي ڪريان ڳالهڙي.

---

* راڻي ڏاران روح ڪي، سرتيون تان نه سري
ڪو ڦيرو ڪج ڦري، ڪامل ڏٿي ڪاڪ جا

٢ ڦوڙائي فراق جو، قدر ڪونه پيوءِ

٤ راڻو مٽان تن، اوچتو ئي آيو

٣ سير سيلا، ڳل ڪچوڙ، گهورن تن گهايوس

(۳۹)

راڻي جي رسَ جو، دل ۾ اٿم داڳ،
وٺي ويو ڀاڻ سين، سڀوئي سهاڳ،
مون کي ڏيئي ماڳ، ڪاهي ويو ڪرهو. *

(۴۰)

اڱڻ آئي ڪرهو، ويريءَ جيئن واري،
مون کي ڏي ماري، سوڍا سائي ڪاهڙي.

(۴۱)

اڱڻ آئي ڪرهو، جهليئي جيئن جهوڪي،
ساهه منهنجو سپرين، راڻا وٺين روڪي،
سڪان ٿي توکي، مهن ڏيکاريج ميندرا.

(۴۲)

ري راڻي، رت روءِ، ڳريون نهاري ڳوٺ جون،
ماڙيون محل مگر ٿيا، پرينءَ ڀڄاڻا پوءِ،
سوڍا سور سندوءِ، چوڻ ڪان چوڻو ٿيو.

(۴۳)

ڏيئي پاند پناهه جو، ڍَڪَ ڪي ڍولي،
ڏسيو عيب اکين سين، ڀاڄهه ڀريو نه ڀولي،
ڪچيون ڪميڻين جون، خاوند نه کولي،
راڻو نه رولي، دليون پسي داسڙو.

---

* مون کي ڏئي ڏهاڳ، ڍوليو ڍٽ قراريو

# سُر ڪاهوڙي

(۱)

وهائُو ويا، ڏوٿي ڏورا ڏٺ جا،
ٻچائُو پيا، ماڻهُ ڪاهوڙي مات ٿيِ.

(۲) •

مٿا ڪاهوڙي مات ٿي، ٿيو ڏٺ ڏڪار،
سنجٽا ۽ سينگار، پيو آهي پٽ ۾.

(۳)

ڪِجَهيا ڪاهوڙي، پسي پورهيت ويسرا،
ڏوٿين سا ڏوري، وڪ ورائي پنڌ جي. *

(۴)

ڏُسالا ڏونگر، پيربن آگهاڙا پب ۾،
ڏري سنڌ ڏٺ سين، هاڻي ڪياڻون پرِ،
ڪِي سانباهو ڪرِ، ويهي وڃاءِ مَ ڏينهڙا.

(۵)

ڏوري ڏنائُون، وڃي وڻ ڏٺ لڌ،
عمرِ اوڄاڳو اکين، ڏونگرِ ڏنائُون،
ان پر آنڌائُون، ڏٺ وڏي ڏڪ سين.

---

* ڏوٿيڙا ڏُوري، وڪ ورايو پنڌ جي

Gul Hayat Institute

(٦)

جُهد ڪيائون جبلين، لِڪي منجهه لَڪن، *
سجايا دم سڀ عمر جا، ڪنيا ڪاهوڙين،
پَر ۾ پساهن، هلايائون حق ڏي.

(٧)

ڪانيا ڪاهوڙين، هينئڙا جوش حق جي،
لَڇي پر لَڪن، پاڻ وڃايائون پاهنجو.

(٨)

ڏونگر ڏٺيون، صبح ڏٺم سڄ ۾،
سڀ وساڻي آيا، سنڌيون پب پٺيون،
جي گهميا حق گهٽيون، تن ڏسڻ ٿيو ڏوٿين.

(٩)

بَرَ ۾ ٻري باهه، ڪاهوڙڪيءَ ڪِير جي،
جت مرون ماڻهو ناهه ڪي، پير پکيان ناهه،
ڇپر ڇولاڪاءِ، ڪاڻي ڪاهوڙي ٿيا.

(١٠)

ڪُ ڏِسڻ ڪهي هليا، جت ڏسڻ ناهه ڏِسيڻ،
آٿي هليا اوڏهين، سير ڪُڇيريان ڪن،
انا الحق جتي جوءِ ۾، ڏنو منصورين، ٢
جت ذت بقا جو، اِي پاڪائي پس، ٤
حيرت ڏانهن هان، وڃي ملڪ معراج پيا.

---

* سجايا ... چٺي، ڪنيا ڪاهوڙين
... ۾ پساهن، هلايائون حق ڏي
٢ چٺي عين الحق، ڏٺو ملڪ منشورن
٤ فڪان تاب قوسين او ادنى، اِي پاڪائي پسن

(١١)

وڃي ملڪ معراج پيا، محب مشاهدو جن،
نه اوري نه پري، پسي پاڻ پهن،
ڪنتُ ڪنزاً مخفياً، عجب آهي آن،
ٻيون ڏيئي ٻن، پيئا ذات بحر ڏي.

(١٢)

جت ڪون مڪان نه ڪو، ات ڪياڻون سير،
عاقل عالم ڪيترا، وارن نه تهان پير،
ڳجهان ڳجهيون ڳالهيون، ڪهتر پاري ڪير،
آپيريءَ ۾ پير، ڪيئي پاتو پيرين.

(١٣)

لکين لک پيا، آت ڪوڙين مڙيا ڪيترا،
پسي پر پرين جي، وسان پاڻ ويا،
نڪا سار نه سُڌ ڪا، او حيرت منجهه هئا،
ڪنهن جنهن تک نيا، جئن وَهم ويساندان گذري.

(١٤)

جتي عقل نه علم ڪي، او تائين تيڏانهين،
جيلانهن وَهمُ وترو، وڃن اوڏانهين،
پيئا وحـــدت ويءَ ۾، سازاهين سائين،
تن وتا در وحدت جا، حاصل حضورائين،
جي اچن آتائين، ڏئن آهي اڳانجها گهٽو.

(١٥)

پاڻ ڇڏي، پرينءَ گڏيا، وهه پي وصل تيون،
تيا سانجارا سبحان، وڃان وڃ ويون،
محب سو مڙيون، جنهن کي سڪي سيڪو.

Gul Hayat Institute

(١٦)

طالب ٿي توڙان ٿيا، جي سدا ٿا سڪن،
ڪوڙيين ڏيهجَ ڪيترا، تونڊي تن ڏجن،
ري روئيت رَب جي، ڪجھ نه اچي تن،
طالب طلبئي ٿيو، وحدت منجھ وڃن،
ڪي نڱيا ناسوت ڏي، ڪي ملڪوت ڏي مُڙن،
ڪي وره پي وندريا، ڪي هليا هِمّت وجن،
آءُ تو پڇان پهيڙا، سدا سالڪن،
ڪهڙي حال هان، سيڪڙو سبحان جا.

(١٧)

ڏڪارو ڏونگر، ڏنم لڪ ڏوٿين،
پاڻ وڌائون پب ۾، انهي لاه اندر،
ڇورو ٿيو ڇپر، پيرو ڪاهوڙين ٻس ڪيو.

(١٨)

ڪاهوڙين ڪنيو، جيڏري سانگو ساه تان،
ٻت سڪاڻون ٻر ۾، تني ڏينهن ٿيو،
شرف المولیٰ ٻالڪين، پرو تن پيو،
ڏونگر ڏيج ڏنو، ڏوٿي گڏيا ڏت ڪي.

(١٩)

جت نه پکيان پترُ، تت تڪي ٻاهڙي،
تهان پري ورُ، ڏوٿين ڏنو ڏت ڪي.

(٢٠)

پيهي ڇپر ٻس، گنجي ۾ گن گهڻا،
توڪي ڏيندا ڏس، ڏوٿي انهيءَ ڏيهه جو.

Gul Hayat Institute

# سُر رامڪلي

(١)

ناڻگا نانيءَ هليا، ڪِينَرَ ڏرِي ڪنڌ،
پُڙبا پورب سامُهان، راول ٿيا رند،
هي جي هِتا هِن هنڌ، آءٌ نه جيئندي آنَ ري.

(٢)

ماءُ منهنجي جوڳيين، ڪَنين ڪَنيرَ لال،
آن ڪي ڏٺا ڪالَ، ويندا واٽڙيـن تان!

(٣)

ٽَڪين سي ٽوڙا، ويراڳين وٺي ڪين ڪِـي،
جَرَ جَرَاتيَن جِنڊُڙا، ڪارا ٿيـَن ڪوڙا،
آمَن آجوڙا، سَجوڙا سيين سڄڻين.

(٤)

جوڳي جتڳ نه وُڳُٽ، جتڳ نه ڏنو جوڳيين، *
آديسي عالـم ڪان، لاهي چُڙيا لڳُٽ،
سامي ٿيا سَرٰڳُٽ، هلو ٽڪيا ڀسون تن جا.

(٥)

نه مي جوڳي جُوه ۾، دونهين ڏَنڌَ نه لاٽَ،
ويراڳي ويا نڪري، چِيت جِني سين چاٽَ،
گهٽا نهاريم گهاٽَ، تن سامين جي صورت لاءِ.

---

* جتڳ = فقيرن کي ڪارائڻ لاءِ خيرات

(٦)

ڳرڀن ڏيئي ڳاٽ، جان مون ڳهڻو نهاريا،
مڙهيون مون مارين ٽيون، جوڳي ويا جاٽ،
ونجهلان انهيءَ واٽ، راول جنهن راهه ويا.

(٧)

مڙهه پوريائون مانڊ تي، نڪي ناهه ٽنوار،
آهي وٽ آن جي، نت ڏيامر نار،
سامي سپ چمار، ڏيئي ڏک ڏور ٿيا.

(٨)

پوري مڙهه متهيس، نيرت ويا نڪرا،
آنهي تي اڳي ڪيا، پنهنجا متي پرديس،
جوڳي جنبي هليا، ڪنهن ڏورائي ڏيس،
آنهي جا آديس، سارئان ڳهڻو سيد چئي.

(٩)

ڪوڙين پيتن جي، سهسين ڪري سلام،
ري محمّد جام، ڪم نه ايندو ڪو بيو.

(١٠)

ڪرين جي ڪوڙين جي، سائينءَ ري ساڄاهي،
ڪرڻ ڪو اچاڻ باهه، سيڪيو سيڪي هٿڙا.

(١١)

جي پانئين جوڳي ٿيان، رلي ڪٺي م رُل،
واري وجهه وجود م، هيڪڙائيءَ جو هَل،
آهين پاڻ امل، چئو پنهين پينار ڪان.

(١٢)

جي پانئين جوڳي ٿيان، رلي ڪيم رلاءِ،
ڏيئي پلِيتا پاڻ کي، پاري جان جلاءِ،
ته سامِيڙا سندياهه، ڳڙ وٽ ڳلا نه ٿئي.

Gul Hayat Institute

(١٣)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڌڙ کي ڌوڙ ۾ لاءِ،
ڇڏ ٿو ڪن ڪپائين، ۾ کي وارَ وڍاءِ،
صبر جي سيد چئي، دل ۾ دونهين دُکاءِ،
تہ ساميڙا سنديءِ، گر وٽ گلا نہ ٿئي.

(١٤)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪنا ڪيہ ٻهاءِ،
عشق جي اوطاق ۾، ويهي تند وڄاءِ، *
تہ ساميڙا سنديءِ، گر وٽ گلا نہ ٿئي.

(١٥)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، جهونو ٿي جهلُ،
وارِي ويهہ وجود ۾، آڻي پهر املُ، ٢
ماڻڪ تنهنجو مُلُ، جو ٻهائين بس ٿيو.

(١٦)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪندا ڪڍ ۾ ڪيچُ،
لوچيندي لاهوت ۾، ۾ هار مجاجي مچُ، ٨
هٿ سُپچي سچ، تون ڪوڙ ڪمائين ڪاپڙي!

(١٧)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، لاهہ ۾ لنگ ڀوتِ، π
تہ ساريڪا ڪاپڙي، ڀئا ۾ لاهوتِ،
جي پرت پريان سين پوت، تن ويس ورائي ڇڏيا.

* مڙهيءَ ۾ مات ڪري، ويهي تند وڄاءِ،
تہ سامي ساک سنديا، پورب ٿئي پڌري.

٢ وسائيج وجود ۾، انٿي پهر امل،
تہ سندو هانوءَ هل، ڪڏهن ڪنين نہ سڻين.

٨ مجاجي = مجازي

π تون ڀانئين جوڳي ٿيو، لائي لنگ ڀوت!

Gul Hayat Institute

(١٨)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪُڙهه ۾ ڪُني ڪار،
جهرا جگر ٻڪيون، ڦڦڙ ڦوڙي ڀار،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، واري ڏس وجود کي. *

(١٩)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ٿيءُ پيرن جي پٽي،
ڪڍي ڇڏ قلب مان، نانگا نِنڊ گهٽي،
مور م مڙهيج من ۾، ڪاوڙ جي ڪٽي،
انهي وير وٽي، جيم گروءُ جي گس ٿئين.

(٢٠)

جوڳي جلائي جل ٻتي، مٿهائيي مڙهويس،
دور ٿيا دنيا کان، مٿاري هليا ميس، ٢
ڏوري ڏورانا ڏيس، گُرَ گڏيا گرنار ۾.

(٢١)

نڪي رکياڻون رام کي، گُرُو نه گڏياڻون،
هٿ پڻ هلائون، آئين پوندیون آن جون.

(٢٢)

جي رکياڻون رام کي، پڻ گروءُ گڏياڻون،
هٿ پڻ آجهائون، جڙيون، جوڳيئڙن کي.

(٢٣)

مٿي کان مٿي وڃي، جوڳيءُ ڏٺي جوهه،
اوڏو ٿيو آلک کي، وڃي روبروهه،
باٻوءَ چکي ٻوهه، ڪا ليک لاهوت جي. ٤

---

* ته قادر تنهنجي ڪار، خالق خالي نه ڪري
٢ دور ڪياڻون دوارڪا، ماري هليا ميس
٤ باٻوءَ چکي ٻوءِ، منجهان باغ بقا جي

(٢٤)

ڪِيڏانهن ڪري نيتيان، ميڙيائي مسيت،
’انا احمد بلا ميم‘، راول اِهــا ريت، *
سچي ڪري پريت، ڪعبي ۾ ڪل ٿيا.

(٢٥)

وڃُئين ويراڳين جي، متي دونهين دُوسَ،
ساڙي سڪ سنها ڪيا، بيراڳي بيهُوسَ،
اِيءَ نانگن جي ناموسَ، پيٽ نہ ڪٽن پاڻ سان.

(٢٦)

آديسي سي ٿي، جي آدم ڪنان اڳي هئا،
اوريان اورين عام سين، پُرِيــان پري ٿي،
درست دلالت دين جي، هتان تن ويئي،
تني ڪــي ڏيئي، بــار وڃــايــم بيڪيا. ٢

(٢٧)

وَتون جن وڃايون، توڪَن هئي توڪَ،
سنڌا ڪچا لــوڪَ، ڪاپڙيــن قبوليا.

(٢٨)

نبي هــن نباهــہ ۾، هــڏهين نــہ هونــدو،
لِمن الملڪ اليوم لله الواحد القهار، پربن پاڻ پڙهندو،
راضي سو رهندو، سامي سچائج ڳالهڙي.

(٢٩)

جانسين پسين پاڻُ، تانسين محبت مڙيئي،
لٿو جــي گمانُ، تہ مڙيئي محبت تي.

---

* هليا وڃن حج تي، راولَ انهيءَ ريت
پکي ڪن پريت، ڪل ۾ ڪعبو ٿيو

٢ تني ڪي ڏيئي، بادر وڃايم بيڪيا

Gul Hayat Institute

(٣٠)

ٽانسين ٽون نہ فقير، جانسين سانگو ساهہ جو،
ماڻيو ٽـن ملير، جـن جڳو مباح ڪيو.

(٣١)

جتي هئي ڪانہ، آت آس آديسين جـا،
وڃائـي وات ٽـيـا، ساز سڳيون سامان،
اوڏيءَ مهل حوا ڪي، پٽي ڪل ڪـٿهي جي ڪانہ،
هو جوڳي ٽڪن نہ جوان، ڪنهن طعني لاءِ تيرٿ ويا.

(٣٢)

جوڳين ڪي جڳ ٿيا، ڪاهيندي ڪابول ڏي،
راهہ سڃاڻون رب جي، ورچي تان نہ ويا،
جيلانهن ڏٺيءَ ڏٺا، تيلانهن مڃياڻون محمد ﷺ ڪي.

(٣٣)

ڪيئن ڏنو ٿي ڏوهہ، جيئن رام ڪوئين رحمان کي،
جو هاديءَ چيو حق ٿي، سو ڪلمو ڪهن نہ ڪوهہ!
ٽن آديسين اندوهہ، ڪهڙو ڏينهن قيام جي.

(٣٤)

نانگا ننگا نڳيا، نـانگن ڪونهي ننگ،
نڪي وڃائين سڳيون، نڪي چورين چنگ،
گنگا ء ڪرنـار ڏي، سامين پـڏو سنگ،
راول پروڙين رنگ، ٿيا لاهوتي لطيف چئي.

(٣٥)

اصـل آ اوطاقَ، انـدرُ آديسين ڪـي،
پوربائون در دنيا جا، تاڙيون ڏيئي تاڪَ،
خوابن مٿي خوابَ، لذائون لطيف چئي.

(٣٦)

خيما جن کٽي، مٿي ڀورب مٿبيا،
آيل آديسين لٹہ، ڀسو ٿيان ٻٽي،
جيءَ ۾ جڙ هٽي، نانگا ويا نڪري.

(٣٧)

ويٺو گهٽڙين گهاٽ، تو تي ويس ويساهه جو،
ڪوڙ ڪمائين ڪاپڙي، نسورو نپاٽ،
لڳي اهڙي لڪئين، توکي چور چماٽ،
هڏ نہ ونهين واٽ، ڀڄهين ڀورب خبرون!

(٣٨)

بابو نہ بيکيا، نہ اسم اثباتي،
منجهان ارادي حق جو، ٿيو ظاهر عشق ذاتي،
صورت صفاتي، ڀوءِ ڪيائين ڀدري.

(٣٩)

ڀوءِ ڪيائين ڀدري، بابو بياني، *
پاڻي سِر صورت جو، آيو انساني،
صورت سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿي.

(٤٠)

ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو، صفتان سڀ جڳ،
آديسين الڳ، مشاهدو محبوب جو.

(٤١)

مشاهدو محبوب جو، سامي سڃاڻيج، ٢
احد جدا احمد کان، پورا ۾ پانئيج،
خالي ڪو ۾ ڪٿيج، گُر ري پساهه گودڙيا.

---

* ڀوءِ ڪيائين ڀدرو، بابو بياني،
وٺي صورت سبحان جي، آيو انساني،
هي سِرُ سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو.
٢ مشاهدو محبوب جو، صحيح سڃاڻيج

(۴۲)

گُرَ ري پساهه گودڙئي، خالي ڪونه ڪنيو،
بيراڳيءَ ٻڳوان جو، روح ۾ نام رهيو،
وڃان وَرُ ويو، گُرَ کي گڏيو ڪاپڙي.

(۴۳)

گر کي گڏيو ڪاپڙي، راول روبروءِ،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، اها جوڳيءَ جُوءِ،
حق کي گڏيو هُوءِ، لاهوتي لامڪان ۾.

(۴۴)

لاهوتيءَ لامڪان جو، ساميءَ سير ڪيو،
جتي رنگ نه روپ ڪو، راول تت رسيو،
ليس ڪمثله شيءٌ، حُسن هند نه ڪو،
گجهاندر ڳُرهيو، احد احمد پاڻ ۾.

(۴۵)

احد احمد پاڻ ۾، گجهو ڳُرهيو گجهه،
انا احمد بلا ميم، سناسي سمجهه،
آجهو هنڌ مَ آجهه، احد احمد هيڪڙو.

(۴۶)

احد احمد هيڪڙو، ڪانهي ٻيائي،
آهي لِڪ لطيف ۾ٿي، سامي سڄيائي،
جوڳي جدائي، متان ٻورا پائيين.

(۴۷)

جني جدا پائيو، سي آديسي اوري،
ڪاپڙي ڪفر جو، لڳو چڏ لوڙي،
ڏس اندرُ ڏوري، ٻيراڳي ٻڳوان کي.

Gul Hayat Institute

(۴۸)

ٻيراڳـي يڳـوان ڪـي ڏڍهاڙي ڏڻ،
مشاهدو محبوب جـو، اندر آديسين،
خالي ڪونه ڪڻن، ڳر ري پساهہ گودڙيا.

(۴۹)

ڪر سين گودڙين جو، ٻوٽو آهہ پساهہ،
تڪا سڌ ثواب جي، نڪو ڪن گناهہ،
آديسين ارواح، ٻوٽو آهہ پرين سان. *

(۵۰)

ٻيراڳـي يڳـوان جـو، سـدا ڪن ثناهہ،
ويٺا ڪن الله، پر ۾ ٻوٽا پرين* سان.

(۵۱)

ٻيراڳي يڳوان جـو، ويـٺـا ڪن ثناهہ،
راول ريجهائين رام کي، لڪائـي لوڪاهہ،
الک جـو آهـاهہ، ويراڳين وجـود ۾.

(۵۲)

ٻيراڳي يڳوان جـو، سـدا ڪن سلام،
ويراڳـي وجـود ۾، هر هر ڪن هرنام،
آديسي امـر ري، ڪهن ڪونہ ڪلام،
ٻهيسي مـدام، تـيـا رسيلا رحمان سين.

(۵۳)

اڳـي احـد هـو، احـدان عـبـد ٿيو،
راول روپ ٻـهـو، تو صفاتـي سڌجي.

---

* آديسين ارواح، نيٺي نماڻو نات کي.

(۵۴)

'هو' جيءَ صدا هيڪڙي، ڪا ڪياڻون ڪَن،
رام سنڌي روح ۾، جڏهين جاڳي جن،
ڇڄو پورب خبرون، آديسي اچن،
مام رکياڻون من، ني نانگا ناٿ نوازيا. *

(۵۵)

رام جني جي روح ۾ سنياسي سيئي،
آتِڻ گهڻي ادب سين، اَنِ جي عادت ايئي،
تني کان تمر چئي، پسڌر نه پيئي، ۲
سالڪ سيئي، ڳنهيو پٽن ڳالهڙي.

(۵۶)

ڳنهيو پٽن ڳالهڙي، سيئي سالڪَ،
پورب ۾ پيهي ويا، سامي ڇڏي سنڪَ،
ڏسندي لک الک، نانگا نسوزا ٿيا.

(۵۷)

وبراڳ ويهاڻيچ، هاويچ هنِ پار ڏي،
چگو چرخو پاڻهنجو، ويل ۾ وساريچ،
آتيو آڏيءَ رات جو، پنيءَ سين پيريچ،
سٽ جو سراڻن جو، ڪنبيو سو ڪتيچ،
پنج پٽو ڪڻ پاڻ سين، ڏيهه ۾ ڏاريچ،
ان پر ٿي اچيچ، نه ڳُر ڪي ڳڏجين ڪاپڙي.

(۵۸)

هڻي ڳس هنگلاچ ڏي، تيا هيڪاندا،
ورسورسا واندا، ويا وڏراڳين وسري.

---

* ميم رکياڻون من، ني نانگا ناٿ نوازيا
۲ (ن)

Gul Hayat Institute

(٥٩)

ويا ويراڳين وسري، واندا وسوسا،
لاهي ڪس ڪسا، نظر چڙهيا نات جي.

(٦٠)

نظر چڙهيا نات جي، لنگهيو تن لاهوت،
نانگا ننگان چڙهيا، جوڳي ويا جبروت،
'هو' ۾ ڪذجي 'هو' ٿيا، ماٺيائون ملڪوت،
سريُن سڀ سڪوت، وڃي ڪاله ڪل ٿيا.

(٦١)

اڄ نه اوطاقن ۾، ڪرڪل ڪاپڙين،
نه سي ذاڪر ذڪرين، نه سي ذڪر ذاڪرن،
سڱا جن سونهن، سي مڙهه پورياڻون مات سين.

(٦٢)

واڇٽ ڪين وڃن، اڄ سي اوطقن ۾،
لاڄو لاهوتن، جوڙي ڏنو جان ڪي.

(٦٣)

هن جڳ جا جوڳي ٿيا، رکن آڌي سين آرو،
مارو سندن مانڍهن، رکو کن ٻيٽ ٻارو،
صبر جن سڀارو، سي آديسي اڳ هليا.

(٦٤)

هن جڳ جا جوڳي ٿيا، ڪين ڪندون ۽ ڪمرَ،
سنجهي سهن سوزنهن، ٻره چاڙهن ٻيرَ،
اندر جن آڪيرَ، سي آديسي اڳ هليا.

(٦٥)

جا پر هندو ڪن، مٿي ٻچاٿا مٿيت سين،
سا پر سهرٻن، مون سين ڪاله، ڪري ويا.

Gul Hayat Institute

(٦٦)

ڀت ڇڏيائون ڀٽ ۾، ڏنڊ ڇڏيائون ڏور،
تي مهيسر ماڻُون، وڃي ڪاله ڪل ٿيا. *

(٦٧)

هيڪلائي هٿن جي، ويتا واجهائين،
سامي اُنهيءَ سور جو، مانجهي منجهه نه ڏين،
ويڻا نباهين، نازڪ ڏاڪو نيهن جو.

(٦٨)

گنجي گنگا ڪنڌيا، پورب پنا جهي،
اهڃائيون الماس جون تن کي تمر ڇهي، ٢
سامي آهين سهي، لکا ڀڳن لوڪ ۾.

(٦٩)

رهن حقيقي راز ۾، شرع نه سنڀارين،
ڪفر ۽ اسلام کان، ڀاسا ڀاسارين،
آني ٿا گهارين، جت مپ نه هوءِ ملائڪين.

(٧٠)

هيڪڙائي حق ڀسين، نه ورق ڀانئيءَ وار،
ڇڳيءَ يت ڇوڙهن کي، سامي ساريو سار،
ڀنجن مان ڀاتار، ڀسندين ورق وصال جو.

(٧١)

ڀسندين ورق وصال جو، آڏوتي عددن،
حسابي حساب جا ٻارهن ياد نه ڪن،
جي ٻارهن کي ٻجهن، آهه پڻ کهوري آن جي.

---

* مهيسي ماڻُون، وڃي ڪاله ڪل ٿيا
٢ (ن)

Gul Hayat Institute

(٧٢)

طالب مٿي تاڻ، کهڙو سُنّتَ پارڻ جو،
پرڙو ڦاهي جندڙي، منجهه منجهائي ساهه،
هو جو گهري الله، سو هينئون هول نه ڪڍيو.

(٧٣)

جڏهن رب جليل، ڏنو ڏيجُ رسول کي،
نڪو عرش نه ڪرسي، جاءِ نه جبرئيل،
نڪو سج نه چنڊ ڪو، نڪو ميڪائيل،
منجهان سڪ سبيل، پرين پاڻهو هيا پاڻ ۾.

(٧٤)

ڪَرَ جا ڏني ڪوڏڙي، ڏوتاڏون ڏاڍا،
کهندا ويا ڪابول ڏي، سائين جا ساڳا،
سيڻ سياڳا، ڳڪا تي ڳڏ ٿيا.

(٧٥)

جن کي عشق اندر ۾ تن کي آج نه بک،
وحدت جي وصال ۾، سيڏ چئي تن سک،
ڏور ٿينهوڻ ڏک، جي رتا وتن روح ۾.

(٧٦)

اندرُ نه ريڏءِ رام سين، ٻاهر ڦرين ٻاڻون، *
مٿا مُنين پاڻ کي، چائين آديسي آڏون،
لاهي چڏ لطيف چئي، ٻوڙا سڀ ٻانهون،
اُو پنڌ اڳاهون، جت نانگا گڏيا نات کي.

---

* ٻاڻون = حيران، پريشان، ششدر

## سُر رپ

گوندرَ وڏو وَر، مون کي مون پرين جي،
اچي دوست ڏَر، مٿي مُئين، هٿڙا.

## سُر گهاتو

اڏيون اڄ آئان، روئو رڄ نهاريان،
سڙيا ساڄ سندان، ويو لوه لکون ٿي.

Gul Hayat Institute

# سُر ڏهر

(١)

پلئو آهين مڃ، جيئن تون هڏ نہ موڙيو،
جا تو ڏني اڄ، تنهن پالڻ پنا ڏينهڙا.

(٢)

ڪنڌا ڙي ڪاڪا، توکي سمجهہ نہ سُور جي،
سمجهڙيائي نہ سا ڪا، جيئن ميڙين بہ چئن پيا. *

(٣)

ڪنڌا توکي ڪا، ڪپالهہ، لڳهي ڳن جي،
سمجهي تو سا ڪا، هوند سگر پٽن چٽي پٽي.

(٤)

جو تو هٽڙو گهاءُ، ڪنڌا ڊور ڏٿين جو،
هوند نہ ڏوڪياهہ، موري مچر تاريون.

(٥)

مديني واليءَ، سڻ منهنجا سڏڙا،
آجهو تون عالي، ٻي ڪنڌي ساربان ڪانہ ڪا.

(٦)

مديني جا ماهہ، سڻ منهنجا سڏڙا،
پيو وسيلو نہ واهہ، عاصي تنهنجي آسري.

(٧)

مديني جا امين، سڻ منهنجا سڏڙا،
ترهو چنو تار ۾، چڙهو ساڻ زمين،
ڪک جهليندا ڪين، آڏارين تہ آڪران.

---

* 'ن'

Gul Hayat Institute

(٨)

آيــريــا چنڊ آسُور جـــا، نڪتڻ نوراني،
پهرُ رحمتي رات جـو، اٿـي اوڳاڙي،
ڦِٽي هيءَ فاني، جنهن دنيا سان تو دوستي.

(٩)

آيــريــا چنڊ اسُور جـــا، نوراني نڪتڻ،
سوجهرو تن سين جـو، ٻهريـو متي پٽ،
وڃـائج ڪا وٿ، صبح سان سيد چئي.

(١٠)

آيريا چنڊ اسور جـــا، نڪتڻ پريا نور،
جاڳ تہ ملين جنت ڪي، چڙهي ٻهرئين پور،
هتي جا حضور، سا حاصل تئي هتهين.

(١١)

آيريا چنڊ اسُور جا، ڪر نڪتڻ ڏي نظر،
ڏس تہ ڏوهن ڏون پاڪ ٿئين، اپر تئي اجر،
صبح جـــو ثمر، جاڳندن جهجهو ڪيو.

(١٢)

آيريا چنڊ اسُور جـــا، نڪتڻ سڀ نهار،
املهہ پساهہ عمر جا، هاريا ائين م هار،
ورق جـي وصال جـــا، سي سيوئي سار،
ڪرين ڪوهہ قرار، توکي قبر ڇڏيندي ڪينڪي.

(١٣)

جني ٻڙد نہ ٻج، تني تاري تنهنجي، *
ٻـوءِ ايـاريـن سج، اول ڏئين آن ڪي.

---

* جني ٻڙد نہ ٻج، تن پہ تنهنجو آسرو

(١٤)

بندا وتين وېسرو، پٺيءَ موتُ تـو مارو،
تو ڪٿي وِسـرِيو، تنهنجي وجود جو وارو،
زم زمـان زارو، رُونـدا ڏسـي رت ويـا.

(١٥)

بندا وتين وېسرو، پٺيءَ موتُ مـارو تو،
لکين هتان لڏي ويا، جني هٿن حڪم هو،
ري ٻيلپي رب جي، ڪم نہ ايندو ڪو،
سهٽيءَ وانگر سو، جين نہ هن جهان ۾!

(١٦)

ڪات تنهنجي ڪنڌ تـي، آيو ڏسـي آهي،
ڏيهاڙي هيڪڙو، لِکٿي مـان نہ لاهي،
ايندو جي ڪاهي، وٺـي ويندو هيڪلو.

(١٧)

ڪونجون ڪـرَ ڪٿي، رات اَڏائيون روهہ ڏي،
ميڙيندون ڏڪـي، ٻاجهائـي ٻچن سان.

(١٨)

رات اڏائيون روهہ ڏي، ڪونجون ڪٿي ڪـرَ،
چـاڙـاري چـڀـر، وري وطن آڏيـون.

(١٩)

مَ لَـنءُ ڪونجي، ماٺ ڪر، چاڪ مَ هيين چور،
ساريو سپيرين کي، هنيين وجهہ مَ هور،
مـتـان پويٺي ڏور، پـُرنـدي پرڏيهہ ۾.

Gul Hayat Institute

(٢٠)

لاڪـو نہ لوڙيون، نـہ اڳيون اوسيئڙو، *
سک پٺي ستيون سنگهاريون، سري اوڏي سوڙيون،
ڪاڇي ۾ ڪوڙيون، رهي ريہاري ويـا.

(٢١)

هـالـو تـــو هـلي، وڳ وهاريــن ويسرل،
پنهنجي ڪين پلي، لاڪو لوڙائــن سان.

(٢٢)

هيٺ ڪٺو، سيرو متو، لڳ پڪليا ڏوڙ،
آڻن جـــي اـور، سي لاڪا جيم لڄائيين.

(٢٣)

چاري جو چيو ڪري، وڳ نہ واريائون،
مـڻـي هـر هليا، ميس نـہ مارياڻــون،
تڏهن سارياڻون، جڏهن هـيـٺ جو هـل ٿيو.

(٢٤)

جتي چمر چڪيائين، تتي ڪچ ڪارو،
جتي راڪ روپ هـو، تتي روڻق رونگارو،
لاڪـــو لاڪارو، آهـــي هيٺي ڏيـنـهڙا.

(٢٥)

جهـليو چـرين جـوءِ، وليون پسيو وهہ جون، ٢
سائو تـو صبوح، جاڻون ڪندو جان ۾.

(٢٦)

ڏونگر لڳن ڏينهن، مان نہ ور ڪن سپرين،
ڦوڙائي جـــو مينهن، هـوت وسائي هليو.

---

* لاڪـو نـہ لـوڙ، نہ آهـي اوسيئڙو،
سک پٺي سمهو سنگهاريون، سري اوڏي سوڙ،
ڪاڇي ۾ ڪوڙ، رهي ريہاري ويا.

٢ جدا چرين جـوءِ، وليون پسيو وهہ جون

Gul Hayat Institute

(٢٧)

وڙڪيو ولهارن ۾، ڇرڪيو اچين ويءِ،
سنجهي ڀانئين سيءَ، آسُور آئون ڪينڪيءَ.

(٢٨)

سائي سڪايون، روجهڙيون رڻ ڪنڊئين،
سورن سِجهايون، ڪا ول ڇنائون وهه جي.

(٢٩)

سائو ڪنڊ ءِ سور، چوريءَ ڇيڻي جو گهٽو،
مٺي وڃايوءِ مور، وليون ڇَريون وِهه جون.

(٣٠)

جهُليو چرين جهنگ، واڙي ڀسيو وهه جي،
رات تنهنجو رنگ، هاري هيري ڇڏيو.

(٣١)

روجهَ مَ ڇَرَ ڪَرِ، واڙيون ڀسي وهه جون، *
سندي ولين ڦرِ، گهٽا وهه، وهاٽيا.

(٣٢)

سڳو چرين سيج جو، ڦرِي وساري، ٢
لطف سائن لطيف چئي، تي اندي اتاري،
نه ڀڃا تو ڀاري، ڪڏهن تئي ڪانڪا.

(٣٣)

دوست رک ڏيان، ان اڳاهينءَ جنوه جو،
وري وراڪي ڇڏيا، ڀاڳيا ڏي بيران،
ويا ڪٺي ڀاڻ سين، سورن جو سامان،
هلي تيا حمران، ورق وين وسري.

Gul Hayat Institute

---

* روجهه م رڻ جهڻ ڪرِ، واڙيون ڀسي وهه جون
سندي ولين ڦرِ، وهه وهاليندءِ گهٽو

٢ سڳو چر سيج جو، ويهه ويءَ وساري
لطف سانءُ لطيف چئي، تي اندر اتاري

# سُر ليلان

(١)

ڪٿوري ڇٽين پٽئين، توڙي ڌاڳن هوءِ،
توڙي مُنهن نہ ڏوءِ، تہ ٻن سهاڳن اڳري.

(٢)

ڪَرَهہ ڳنيجا، ليلان لَاهہ م هامَ،
هت ٻڌي حاضر ٿي، ڇڄي ڇنيسر ڄام،
مانَ ٻروڙي مامَ، ڏٺي تنهنجو داسڙو.

(٣)

سوٻي شان سڄاڻ، ليلان جم لڄائيين،
آهين گهڻو اڄاڻ، مڇڻ ٻوري نہ ٻُٽين.

Gul Hayat Institute

# سُر بلاول

(۱)

سمي سامائي، ٿمر ڪٿو مَ ساٿيا،
منٿهن مهمائي، ڇنا ڇائين ڇڏيا.

(۲)

سمي سامائي، ڇنتا لٿي ڇارٿين،
هلبو هائي، جت وحدت جو ويءُ وهي.

(۳)

اڇي پيٿي ابڙي، هل هگا هالا، *
منداڻي مينهن جيٿن، جهڙ سندا جهالا،
سمون سنيالا، سڌ ڪيو سُرٽن لهي.

(۴)

جٿان گهڙيو جڪرو، تٿان مٿيءَ ڪونهي مُلُ،
اهڙو گوهر گل، پاڻ ڏٿيءَ پيدا ڪيو.

(۵)

ڪوهه نه جُهارين جڪرو، جو ولهن جو وارث،
سونهون سڀ آمت جو، پاڳارو پارس،
سي ڏڪيا وڃي ڏس، جن گنگا جر گڏيو.

(۶)

ڪوهه نه جُهارين جڪرو، جو ولهن ڏي ويلا،
ڪنين مائڪ موڙيا، ڪن تازي طبيلا،
سمي سويلا، طامائو تار ڪيا.

---

* نُ'

Gul Hayat Institute

(٨)

جن گنگا جر گڏيو، سي ٿيا ڌڻ ڌڻي،
عزت آسائن کي، ڏني گهوٽ گهڻي،
طاماعن ٽڻي، پسو جا پيدا ٿي.

(٩)

سير تان سي نہ ڏيان، هميراڻا ٻار،
مون وٽ مٿهاڻي گهڻا، تون ڪر مير نهار،
اڇلي عراقين سين، ڌڙ ڪندوسين ڌار،
رڻمل رب آهار، سمون سونهريون هڻي.

(١٠)

پسنديءِ پيتوءَ، جڪرو جاجڪ،
ٿنان ڏني تن کي، طهورا مان تِڪ،
سمي يڳين سڪ، واصل ٿيا وصال ۾.

(١١)

آيريو آس ڪري، سمون سورج جيئن،
جُنگ ساماڻي جکري، قرض ڪٽيهن ٿو ڪيئن،
وچ گنگا جر سيمن، اوري ڪوهہ آڏارئين.

(١٢)

جُود جکري جيهو، نڪو سنڌ سمن ۾،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
الا آڇي ڪو، ڏڏ وڏو ڏان گهري.

(١٣)

ڏڏ وڏو ڏانُ گهري، هوتالن هٿاءِ،
سمي جي سخاوت ۾، گيرب نہ گاءِ،
آءِ وهلو آءِ، ڏني ڏانُ ڏڏن کي.

(١٤)

آهو ابڙو اڙِينگ، او ڏونگرُ ئي ڏيهه پيو، ●
هيءُ جوڻيجالو جنگ، سرڻين سُونا ڪين ڪئي.

(١٥)

ايندي لٿي آج، پير پريندي نرڀا،
ويري منجهه سيج، ڏني رڻ آڪارڻين. ٢

Gul Hayat Institute

---

● او ابڙو ئي آپڳ، او ڏونگر ئي ڏيهه پيو
اي جوڻيجالو جڳ، سرلين سُونا ڪين ڪئي

٢ منجهه ويري سيج، ڪر لڌي رڻ آڪارڻين

# سُر پورب

( ۱ )

ڪانگل آنديئي ڪا، مون وٽ ڳجهي ڳال،
قاصد ڦريبن جا، جاني جيئڻ شال،
تو سين ڪيم تڏهين، جيئن هنئين ڀانئي حال،
سڄڻ جي سنڀال، جڏو جيءُ جياريو.

( ۲ )

ڪانگل ڪنهن ساڻ، سڻ منهنجا سنيهڙا،
نيئي ڏج محبوب کي، روئي منجهه رهاڻ،
ڀالَ ڀلائي پنهنجو، جيڪر پڇن پاڻ،
منهنجو مون پرين کي، حال سڻائج هاڻ،
آلج ڪو اميان، جنهن سان چت چڱو ٿئي.

( ۳ )

ڪانگل ساڻ ڪنن، سڻ منهنجو سنيهڙو،
منهنجو چمي چائنٺ کي، چنج ڀارائيو پرين،
ڀال ڀلائي سپرين، مون ڪر جي پڇن،
ته ڪيج حقيقت حال جي، سيئي ڪي سيڻ،
آءُ آب اکين، وهئي ڳوڙها ڳاڙيان.

( ۴ )

ڪانگل ڦريبن جا، اکين مٿي آ،
ويهي تون وصال جي، ڪر مون وائي ڪا،
متَن اچن سنجهه سُپا، آسر پري آهيان.

Gul Hayat Institute

(٥)

ڪانگل قريبن جا، اڳُون مٿي اچ،
مون وٽ مون پرين جون، ڪر ڪي ڳالهيون ڳچ،
من ۾ ماري مچ، وڃ آڏامي اوڏهين.

(٦)

ڪانگل قريبن جا، ولن مٿي ويهه،
تون تيئائين آئين، جت سڄڻ جو ساڏهه،
پاڙي پاڙي پيهه، ڏي پارانيا پرين جا.

(٧)

ڪانگل قريبن ڏي، وهلو ٿي وڃيج،
سنيها ڪي سڄڻين، چڙهي چانڊوڪ چيج،
جيڪو چُونئي سپرين، ونئي سو وريج،
ڏينهڪ آئي ڏيج، مون ڪَرَ پريتن خبرون.

(٨)

ڪانگل قريبن کي، وڃي آڏائي آڻ،
گهنگهر ڏينهن گذاريان، هت جني لاءِ هاڻ،
سي پرين اچن پاڻ، ته ڳڏجي گوندر لاهيان.

(٩)

آڏر لڳ الله، ويلو ڪر مَ وڃ ۾،
آءٌ جو ڏيانءِ سنيهو، سو سانڍي برابر ساهه،
ڳجهه اندر جي ڳاهه، ڪهج مَ قريب ري.

Gul Hayat Institute

# سُر آسا

(۱)

لا لا ڪانهي ڪٿهين، لا موراهين نان، *
بالله ريءَ پرڀان، ناهه پسڻ ڪي ٻيو.

(۲)

لا لاءِ مَ الف سين، لا ڪي لوڏي ڪڍ،
تنهن ڪي وڃي وَڍ، مظهر جو ماڻهن جو.

(۳)

ڀُرڻ جت ڀُورُ وهي، وحدتَ ويو وجودُ،
سجدي ري سجودُ، سبحانــي سڀ ٿيو.

(۴)

جت نماز نيتين، سجدي ريءِ سلامُ،
هنيون آت هڄي ويو، ڪُٺو تنهن ڪلامُ،
ايَ اتي جي مامُ، لکي لکندين ڪيترو.

(۵)

ڪي جي پيرَن پيرَ، محبت سندا من ۾،
ڪيڏانهن ڪندي پير، جا سُتي ڪعبي وچ ۾.

(۶)

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوڏيو تن جو،
ڪنهن ڪي ڪن سجود، جن من اندر مڪو ٿيو.

---

* نان = نه، ناهي

(٧)

پاڻ نہ ٿئي پاڻ کان، پاڻان ٿئي نہ پاڻ،
و لقد خيرہٖ و شرہٖ مِن اللہ تعاليٰ، ڄاڻي ڏِسج ڄاڻ،
سچو سو پرياڻ، جو لکيو لوح قلم ۾.

(٨)

جت نهايت نـاهہ کا، نکو آئي ڇيھ،
سو کوڙئين پسي کو کو، اي ڏوراڻو ڏيھ،
اوري کر مَ آسرو، واديءَ وڃ مَ وِيھ،
ثابت ٿي سبحان مان، منجهہ حقيقت پيھ،
تہ سو ٿي پسين ڏيھ، جنهن کي سڪي سيڪو.

(٩)

تـان کو ڏيـو ڀَـهـَـڙا، سنيھو سندون،
ڪيئن پانڊيڙا پند ۾، ڪنهن پر امچائون،
ڪنهن پر هلن حق ڏانهن، ڪنهن پر وصالون،
ڪيئن فاني ٿيا في اللہ ۾، ڪنهن پر مشاهدون،
لا يعلم تاويلہ اِلاّ هـُو، اونهو انت سندون،
کونہ ڄاڻي منجهون، ٻُجهڻا ٿي ٻـَهر ٿيا.

(١٠)

لا سين لـَـٺـُـن ٿيون، ڀـيـا پيار اللہ جي،
ڪين ڪنيائون پـاڻ سين، سچو ٻهہ پيون،
وجـي سير ڪيون، سبحانـي سبحان سين.

(١١)

ڀنيون هـڏ مَ پير، ڪڻ سبٽيون سپرين،
تو جي چاهہ چلائيون، تن وڏو جيءَ سين وير،
ڪجل اکين مَ قير، تنهنجي رُکين ٿي رڻ ڪيو.

Gul Hayat Institute

(١٢)

سڄي ڇوڙڻ سڻري، ڇوڙين جي اڌ ڪڍي،
تہ ڪر ڪڙو لاهي ڪنڌ، سپيريان جي سير جو. *

(١٣)

پيتائون پُر ٿيون، ارتو اکڙين،
ساقي جي شراب جا، تن پيارئو پرين،
خماريون نہ ڪڇن، ڪن درسن دوست جو.

(١٤)

ڪن درسن دوست جو، پيو محبت منڊ،
سي ڪيئن ڪنڌيون ڪنڊ، جي منجهان ٿي منجهہ ٿيون.

(١٥)

جي منجهان ٿي منجهہ ٿيون، سي پسن ڪين پيو،
ڪفر ۽ اسلام کان، تن پري پير پيو،
و في انفسڪم افلا تبصرون، پاڻهي پاڻ رهيو،
پساهہ ۾ پسيو، ڪن درسن دوست جو.

(١٦)

ڪن درسن دوست جو، حالان وڌي هڪ،
شرابا طهورا جي، تنان ڏنائون تڪ،
لوڪان ڪريو لڪ، ڪن درسن دوست جو.

(١٧)

پوريون پرين پسن، اکيون تہ انڌيون،
وڃيو روز رسن، حبيبائي حجري.

(١٨)

حبيبائي حجري، ڪيا اکين اوتارا،
پيو پسن ڪين ڪي، ري دوستن ڏاران،
پرينءَ جي پارا، رات رڳجي آهيون.

---

تہ ڪر ڪڙو لاهين ڪنڌ، سپيريان جي سير جو

(١٩)

جان ڪِي ٻَسج ٻان، جان ڪِي وسهج ٻسٽي، *
ٽئان ٻري ڪان، عالم چون ڪفر جڙي.

(٢٠)

ڇـڏي خـود خيال، ٻيو ٻرائي ڏيهه ۾،
ملڪ هـي مثال، سُهڻو ٿئي سريـر سين.

(٢١)

رات رڳجي آيـون، ٻـاران ٻـريـن جڙي،
ٻيو ٻسن ڪين ڪي، حسن ڌاران هـي،
سيئي ٻه ڪنديون سي، مورت جن جي موهيون.

(٢٢)

مورت جن جي موهيون، ڪنديون سيئي صحي،
سي حبيبائي حجري، ويٺابيون ڪوڏ ڪهي،
جن ڪي مورت من رهي، سي آرامان ارڳ ٿيون.

(٢٣)

آراسان ارڳ ٿيون، ڪونهي تن قـرار،
طلب جـي تـرار، وڍي واڍوڙيون ڪيون.

(٢٤)

وڍي واڍوڙيون ڪيون، ڪنهن جنهن گها گهائي،
سيڻن جي ساهي، چنڊائين ڇڙيون ٿيون. ٢

(٢٥)

اسر ايـن ڏانهن، مڇن رهـمـن رحيم،
جزيءَ جائز ناهه، ڪل ري ڪتق ڏينهڙا.

---

* ٻان = ٻاڻ

٢ ساهي = سُهائي، سوجهري سان

Gul Hayat Institute

(٢٦)
صورت معنيٰ وچ ۾، ڪونهي وچ وچا،
هو نه سجاڻي هن ري، هو مور نه موجودا،
حقيقت هيڪاندا، پر نالن مٿو ناھ ڪو.

(٢٧)
ڇڏيان هيءَ جهان، هو پڻ گهوربو گهوريان،
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سٺري جيڏيون.

(٢٨)
جني ڏٺو پاڻ، تني ڏٺو سپرين،
غلط اي گمان، جيئن عارفَ پسين آرسي.

(٢٩)
تنهنجي وات وجود، پاهر پچ مَ پهيتڙا،
تن مڙوئي معبود، جي ڪنديءَ رهن ڪين جي.

(٣٠)
عجب جهڙي آ، حقيقت حبيب جي،
نڪي ڇٻو سو ڏٺي، نڪو مخلوقا،
شفق جي سانجها، جا ملي ليل نهار کي.

(٣١)
آهي عاشقن، مُنجهان مشتاقن جي،
ڪڏهن ڪين پسن، هنئين سين حبيب ري.

Gul Hayat Institute

(٣٢)
ڪيچ ڪٺي سين ڪينڪي، مات سين ماريئس،
وجهي گهٽ گهچيءَ ۾، ڪنهن ڳالهه سين ڳاريئس،
سا پر سينگاريئس، جو ٻهڻ ڪان بس ڪري.

(٣٣)
ڪر ستريئي جوءِ، وانديو ٿئين ورهين ڪي،
گهچيءَ ڳارو پوءِ، پيهين پوڙهيءَ رن جيئن.

(٣٤)

پـاڻهي ڪنئي پـــاڻ تمي، مُلان مصيبت،
جيڏانهن ڪـئـيون سانيون، تيڏانهن رکن مت،
خاص اڻن خصلت، وَتبائي ڪن وندن تي.

(٣٥)

مُلا ئي مجاز، مُلان رکـن نـہ واعـدو،
خمسون تڙيـا خارجي، سڀ وڄايئون ساز،
آنهي سندو ماڳ، وڃي حاويءَ سندو هيٺ ٿيو.

(٣٦)

هـِتي ڪين هئا، هِت ويٺيون ڪن وڏيون،
ٻـڌي ڪين مئا، ٻاڻي ٻاڻي ٻـاٽ ۾. *

(٣٧)

ماري ڪـُتي مون، وهٽ سين وس ڪيو،
توءِ سـُوڌو سراڙو نہ ڏي، ٻو^رو متي ٻون،
ڪا نات ڏئينس تون، منهنجي سواريءَ سنئون نہ ڪيو.

(٣٨)

اڏوڪارو ان جـو، تـــورو گاهہ چارينس،
آڏيءَ استغفار جو، ڪرڪنو ڪوب هڻينس، ٢
توبہ، تل تـارتـلا، توڪل تنگ ڪـيڊينس،
ان الله مع الصّابرين، اِها واتَ ڪـرڙي ڏينس،
لاحـول ولا قوة الا بالله العظيم، چهبڪ چڪائينس،
پـوءِ محبت جـي ميدان ۾ لليو ٽلائينس،
ان پر آڻينس، تہ سوڌو اڇي سيد چئي.

---

* ٻڌي ڪين مئا، ڍڪن ۾ ڍڪ ٻري

٢ ڪـُوب = خوب

Gul Hayat Institute

# سَر ڪارايل

(١)

سَتَرَ سَڪڙي سال ٿيا، هنج هريو ڏي پير،
ڏيندو بانگ پلير، سَتَرَ ۾ ٽيندو سوجهرو.

(٢)

وسريو تن ڪتاب، ڏٺو جن ڪتاب کي،
هُوَ الاول والآخر، آهي روحَ رباب،
ٽيڙا سي ڪباب، جي هجي ويا هوءَ ۾.

(٣)

چاڙ چڙدي چڙي، ونءُ آڏاسي آچڙا،
سَتَرَ ڏانهن وڃ سُري، جت هيرو چڻن هنجڙا.

(٤)

ٻگها ٻڏي ويا، لڪين لهرن ۾،
وڃي چاڙ ڪندڏين، ٻاڻان ٻوت ٻيا،
اصلَ تن پيا، جن چڙدي طلب ٽانگهي جي.

(٥)

چڻندي چاڙ ۾، جاڻون پيم جي، *
منهنجو تان ٻاڻ سين، ساهه وٺي ويا سي،
لالون لٽن ري، ڪونه ڏيندم کو ٻيو.

---

* جاڻون = زهريلا جيت

Gul Hayat Institute

(٦)

ڪونه ڏينڊم ڪو ڏيو، لَٽَن ري لالون،
تن لاءِ تمر ڇِڻي، ٿيون جاڻيون زواليون، *
ساريو سنڀالون، ٿو آئي جون اڄ ڪري.

(٧)

اڄ ٻڻ لڳيس اداس، آيو ڇَنڊي ڦڪڙا،
ويا سڀ وڻانس، هنج هينياري جن سين.

(٨)

سر ۾ پکي ڪيترا، تُوڙي هُون ِ هزارَ،
هيرو هنجاڻ ِ ڏار، جُڙي نہ ٻيءَ جات ڪي.

(٩)

ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، منجهہ چُڻيو چانگاري، ٢
قضا جا ڪريم جي، پکيئڙو پاري،
وڻان ويچاري، وڳر سڀ وهي ويا.

(١٠)

اڇا پکهہ م ٻس، مَتَرُ مهرائي هنجڙا،
تني لڳي نہ ڪَسُ، رتا جي رحمان سان.

(١١)

سڻي سڌ سموند جي، هنجان هنج هلن،
ناريون جي نڪونج جون، تتائين تـرن،
موتي جي مهراڻ جا، ڀورا ٻنج چڻن،
تـوڙا تـري تـن، آڻي اماهہ اولـيا.

---

* نُ ْ

٢ سر ۾ پکي هيڪڙو، منجهہ چڻيو چانگاري،
جيڪا رضا رب جي، پکيئڙو پاري،
وڻان ويچاري، لاشڪ هنج لـڏي ويا.

Gul Hayat Institute

(١٢)

پکي سپ مڇن، هنج سدائين ڏهرا،
ماريءَ سنڌو من ۾، ورهه ويچارن،
چيتاريو چڳن، موتي جي مهراڻ جا.

(١٣)

سج الهي سانجهي ٿي، وڻن هنئي وٺڪ،
سجڻ ٿنهنجي سڪ، مرڻيو ماڪ نهاريان.

(١٤)

سج الهي سانجهي ٿي، وڻي هيءَ ويرَ، *
ڪٿي هوندا هيرَ، صاحب منهنجا سپرين!

(١٥)

اڇڻ وير ٿشانِ، ڪنيو نيڻ نهاريان،
سون ورنا سپرين، لاڪيئي لسوڏانِ،
موتيڙا مٿانِ، آهٔ ڦاندو ڪيو ڦگيان.

(١٦)

ڪُڇن ڪين مُٺا، اوت ڏين اکين سين،
انهيءَ وات ويا، پاڻوندر ماڻڪ پرين.

(١٧)

پاڻوندر ماڻڪ پرين، عطر سپ امل، ٢
ڏن گندي منهن کل، پوري لوڪ نه لڪنا.

(١٨)

پالوندر مالڪ پرين، عطر سين آهين،
گهُنڊڙي نه لاهين، سڄڻ ڀنيي وار جيئن.

---

* سج لهي سانجهي ٿي، وڻن ڪيائون ويرَ
٢ پاڻوندر ماڻڪ پرين، عطر سي امل
گهُنڊي ڏن کل، پوري لوڪ نه لڪنا

Gul Hayat Institute

(١٩)

چارو هنيو ڪارو ڪري، لڙ ڪان لاشڪ ٿيءُ،
اڏاڻو اڇي ساهون، پاڪ نهاري پيءُ، •
چلڙ ۾ چنج هڻي، جوکي وجهه مَ جيءُ،
هنج حضوري ٿيءُ، ته ماڻيين گوڙنر گلاب جا.

(٢٠)

چارو هنيو ڪارو ڪري، لڙ ڪان ٿي لاشڪ،
معرفت جو من ۾، سوڏو پڙهه سبق،
آڏامي عميق جو، وراڻج ورق،
هنج سچاڻج حق، ته ماڻيين گوڙنر گلاب جا. γ

(٢١)

چارو هنيو ڪارو ڪري، چلڙ ڏيج م چس،
ٻگهن سين ٻيله ٻڌي، گنب نهار م گس، 8
ٻکي سي ٿي ٻس، جن ماڻيا گوڙنر گلاب جا.

(٢٢)

اوطاق جن اريج ۾، مٺيا تن مٿن، π
ماڻو مرتبو تن جو، ڪڇيا ڪين ڪڇن،
اوڏو وڃي آن، جوکو ٿئي جيءُ کي.

---

• آڏر اڇي ساهون، پاڪ نهاري پيءُ
ٻگهل سين ٻيل ٻڌي، جوکي وجهه مَ جيءُ
هنج حضوري ٿيءُ، ته ماڻيين ڪوڙنر ڪلاب جا
γ هنج پروڙج حق، ته ماڻيين ڪوڙنر ڪلاب جا
8 ٻگهن سين ٻيله ٻڌي، ڪنب نهار مَ ڪَسُ
ٻکي سي ٿي ٻَسُ، جن ماڻيا ڪوڙنر ڪلاب جا
π اوطاق جن اريج ۾، مٺيون تن مٿن
ماڻو مرتبو تن جو، وسان ڪين ڪڇن

Gul Hayat Institute

(٢٣)

اوطاق جن اريج ۾، تن سڀني ۾ صورت،
آيا جي اري ۾، من ڪياڻون مٽ، *
ڪاري جي قوت، جوڪو ٽئي جيءَ ڪي.

(٢٤)

اوطاق جن اريج ۾، تن جي وهه، جو ورن ٻيو، ٢
تن جا مُنهن ملائڪن جهڙا، ٽڪو ڪن ڏريو،
واعدو جن وريو، اوڏو وڃ ۾ ان ڪي.

(٢٥)

نير ورنا نانگڙا، اڇا پيٽ سندان،
جي ٻيو ٻير مٿان، نه جوڪو جنگن ڪي ٽئي. ٤

(٢٦)

نير ورنا نانگڙا، ڪارا جني پيٽ،
تني جي جهپيٽ، جوڪو جنگن ڪي ٽئي.

(٢٧)

ڀهرين ڪاري سپ تي، جيڪو رکي پير، π
ڪٽي ڪر قصد مان، ڊونڊ ڪري تنهن ڏير،
جانسين نه وٺي وير، تان ڪاري ڪُر لڄائي.

(٢٨)

ستي ڪاري سپ تي، جيڪو ٻاري ٻاهه، +
جانسين نه ڪاري دانهن، تان ڪاري جي ڪُر لڄي.

---

* آيا جي نه آڻ ۾، سي منٽ ٿين نه مٽ
٢ اوطاق جنهن اريج ۾، تنهن جي وهه، جو ورن ڪرو
منهن ملائڪ جهڙو، ٽڪر ڪين ٽريو
واعدي جو نه وريو، اوڏو وڃ ۾ ان ڪي
٤ جي ٻيو ٻير مٿان، نه آن جي ڪندي مان ڪم ٽئي
π سُتي آن سپ تي، جيڪو رکي پير
+ ستي ڪاري سپ تي، جيڪو رکي ٻانهن
جانسين نه ڪاري دانهن، تان ڪاراٻل ڪُر لڄي

Gul Hayat Institute

# سُرُ مارئي

(١)

عمر ماڙي مون، ڪين نيئيندءَ سومرا،
نيئي ڊرينده ڌوڙ ۾، ڏيهان ڪري ڏور،
ڪل نفسٍ ذائقة الموت، ڪرِ اڻائين پروڙ،
جا اندر جي اروڙ، تنهن بنديائيءَ بِدا ڏي. *

(٢)

اوٺيي ڏي اچن، ڳوٺيي اچي ڪونه ڪو،
آءٌ هُن جهليس سومري، مارو ٻوهيا ڪن،
پکا پنهوارن، ڪيوندي ڪنهن ڪيوڻِ ويا.

(٣)

اڄ پڻ اوٺي آيو، پارڪران پري،
ساريو سانبيڙن کي، ڳوڙها ڳل ڳري،
اڄ ڪرِ ڪالهه مري، جنهن جو وچن ويڙهيچن سين.

(٤)

اڄ اوٺي آئيو، پارڪران پانڌي،
سندي خبر خير جي، تنهن آتاهين آندي،
هيڪر هيڪاندي، ميان ڪج ملير ۾.

---

* جا آندئي ازور، تنهن بندياڻيءَ بدا ڏي

Gul Hayat Institute

(۵)

اڄ پڻ اوني آيو، ماڙيان ماڙهو، *
پاڻ سڀ پڇي پيو، ڏيهه، ڏاڏاڻو،
عمر آماڻو، ثابت ڏيج سومرا.

(٦)

اڄ پڻ اوني آيو، ٺاريلو ٺران،
عمر آنديس آڻ تي، گهرائي گهران،
پنوهارن پران، حرف نه آهي هيڪڙو.

(٧)

عمر اوني آيو، ڏيهي سانيهي،
مارن منٿون آڏيا، نئين سر نيٺي،
پکن منجهه پيهي، ڏسان ملڪ ملير جو.

(٨)

آءُ بندياڻي بند ۾، ڪِ ڪي بند پيا،
مون کي ملڪيران نڪتي، ٻئي پهر ٺيا، ۲
جهڪس مون ڪيا، اوڳن آباڻن سين.

(٩)

اوڳڻ اباڻن سين، جيڪس مون ڪيا،
سڳ چني سيڄ ڪري، ويڙهيچا ويا،
تهان پوءِ ٺيا، سڪنئون سور ڪهٺا.

---

* عمر اوني آيو، ملڪيران ماڙهو
پاڻ سڀ پڇي پيو، ڏيهه، سڀ ڏاڏاڻو
عمر آماڻو، ثابت رکج سومرا.

۲ مون کي ملڪيران نڪتي، ٻئي ڏينهن ٺيا
هڪ مارو ٺر ٺيا، ٻيو عمر منڊيو مامرو

Gul Hayat Institute

(١٠)

مُندون مَند تسام، ڏني ڏوتڙن کي،
ھھڙا باندي بند ۾، کڏھين ڪين ٻڌام،
ھتيِن ھِن وڏام، ھينئڙي ڀِرَم ھُنَ جا.

(١١)

ھتين پيم زنجير، ھينئڙي ڀِرَم ھُنَ جا،
مارو منجھ، ملير، آھ اکندي ڪوٽ ۾.

(١٢)

مَتيندي موھر جا، جُنَ جنَ ونڻ ويا،
ونھين ورڙھيچن جا، نتن نتن ڀور پيا،
ڪنديس ڪين ٻيا، جي اکين کان آجي ٿيان.

(١٣)

سڪان، ساريان، سڏ ڪريان، ماڙيچن مٿي،
پيتون مينھَن پيچايون، پٽي چنن رات ڇٽي،
نٿين سج نيڻ نھاريان، ڪاھڙ ڏانھن ڪٿي،
تن ڦوڪن ھيٺ ڦٽي، واسي ڏيان وارن کي.

(١٤)

ماندي ٿيءُ م مارئي، ورق ورندا پَسُ،
جڻو زنجيرن ۾، جال نہ آھي جَسُ، *
مارو آئي مَسُ، ڪندءِ آجي ڪوٽ کان.

(١٥)

ماندي ٿيءُ م مارئي، وطن ڪيم وسار،
ٻانھين وَرُ ٻنوھار، م سَھيءَ آرَ عمر جا.

---

* جڻو زنجيرن ۾ جالق آھي جمس
مارو آئي مَتَسُ، ڪندءِ آجي آڳ سين

(١٦)

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، پڱڪي پنيءَ رات *
ساريو وڻ سانيهه جا، آئي آڌيءَ رات،
وهائيءَ پرڀات، الله اوڏي آئين.

(١٧)

سيلُ م ڀيج ستين جو، عمر ڪنهن ضرورَ،
ڏينهن ڏهلا مون ٿيا، پهس پريان جا پور،
مون ڪي مور نه وسري، مارن ماهيت مور،
ڏيهي جي مون ڏور، هو پڪا پرنئي سومرا.

(١٨)

واجهائي وطن ڪي، آهه جي هت مران،
سيري منهنجي سومرا، پهچائج ٿران،
آهه ميائي جيان، جي وجي مڙهه ملير ڏي.

(١٩)

واجهائي وطن ڪي، آهه جي مران ايئن،
پاسا پولڙين م، مٿان وڃن مينهن،
ته ڪرَ منهنجي نيهن، تازيون لائون لڏيون.

(٢٠)

ٻانهن ٻنهي ٻيڙيون، مٿي ڪانن ڪنڌ،
ميان آهه ملير جو، وڃي ڀچان پنڌ، ٢
هوند نه ساريم ٻند، جي ڪر لڏائون ڪڏهين.

---

* ماڙيءَ مٿي مارئي، پڱڪي پنيءَ رات
ڏهاري نيڻ ڪنيو، آئي آڌيءَ رات

٢ مامن سين ملير جو، ويني ڀچان پنڌ

Gul Hayat Institute

(٢١)

ڪتي پلي ڪيئن جي، ڪوه جلم جا جورا،
ساڪيان مٺا پانئيان، ڏيهه سندا ڏورا،
گهوريان پٽ پٽيهر ٻانڌيون، ڪپڙ تو ڪورا،
ٿر وڃي ٿورا، سپ مڃيندس سومرا.

(٢٢)

ڇڙن ڇڙڪن ڇت ۾، هڙن منجهه هنيان،
ونهين وڙهيچن ڏي، موڪل ڏي ميان، *
تہ پاڻي پاڪي پٽڙي، پرڏيهن ساڻ پيان،
وڃي ڏيهه ڏيان، ڪيرون ڪٽيرن کي.

(٢٣)

ڇڙن ڇڙڪن ڇت ۾، سڄڻ سڏائين،
آلا مَ سٽان آنِ جي، نير نِلائين، ٢
مون کي ملائين، مارو ڇام ملير جو.

(٢٤)

مارُئيءَ مُڪا مارئين، ڏوراپا ۽ ڏک،
آن جي سانگ سُک، منهنجي بابِ بندُ ٿيو.

(٢٥)

مارُئيءَ مُڪا مارئين، ڏکيا ڏوراپا،
منهنجي موٽي ڪانہ ڪئي، پنوهارن پڇا،
ماريس انهيءَ مامري، منهنجي ڪانڪا،
سارپو سانبيڙا، وڃي گوڙها ڳاڙيان.

(٢٦)

مارُئيءَ مُڪا مارئين، ڏوراپا ڏيئي،
ڪٿي آيا ڪوهه تان، وٺان آن ويئي،
آئين گذ سيئي، آءٌ هت بنديائي بند ۾.

---

* ڪڍ بنديائي بند مان، موڪل ڏي ميان
٢ عمر مَ سٽان آن جي، نير نلائين

(٢٧)

ڪيم عرض الله کي، پرھ پاند ڪٽي،
تہ مارو جي ملير جا، مون کي ميڙ ڏٽي،
اندر آس گھٽي، تن ونھين ويڙھيچن جي.

(٢٨)

ڀينيءَ ٿا ڀٽن، اوڙڪ اباڻن جا،
تَساريون تڙن تي، پاھو ڳيند گڙن،
سوڍريون سھڙن، ڪينءَ سي ڪٽيرن جون.

(٢٩)

عمر آيو اوچتو، ڪرڻ نہ ڏنائين ڪُڇ،
ويندي ڏٺم ويڙھ جا، مارو مُنھن ملوڪ،
ھيءَ ھيءَ پيٽي ھُوڪ، وٺي ويو وطن مان.

(٣٠)

عمر آيو اوچتو، جڏھن ڏٺو جوھ، *
ويڙس ورت ھٿن مان، روح ۾ آيي روءِ،
سومرا سندوھ، ڪو عڪس عاجزن سين! ٢

(٣١)

عمر آنديئي مارئـي، مٿان تڙ تڙي،
جٿو زنجيرن ۾، راتو ڏينھن رڙي،
عمر اڪـڙيـن کي، پادر پند پڙي،
قيدن ۾ ڪڙي، سگ نہ ونجن سومرا.

(٣٢)

عمر آنديئي مارئـي، مٿان تڙ تڙي،
ويندس وطن سامھين، ملير منھن ڪري،
ھنيون منھنجو ھُن لاءِ، ڳوڙھا ڪيو ڳري،
بي زوري بند ڪري، سيلُ ۾ پيچجي سومرا.

---

* عمر آيو اوچتو، جيڪس ڏٺو جوھ
٢ سومرا سندوھ، ڪو عڪس آجڙين

Gul Hayat Institute

(٣٣)

عمر آنديئي مارئي، مٿان ڪوهه ڪٺي،
چلهيون آن نه چاڙهيون، جني ايءَ چٺي،
ڏڪيندءِ ڏٺي، پوهه شرع پڇندين سومرا.

(٣٤)

عمر آنديئي مارئي، مٿان ڪوهه ڪٺي،
هاڃي منجهه هٿي، بي زوري بند ڪيئي.

(٣٥)

عمر ارڏايون ڪرئين، چڙهيو مٿي ڪٽ،
اينديئي عزازيل جي، وڻيءَ منجهان وٽ،
بازارئون ۾ هٽ، ساڻ نه هلندءِ سومرا.

(٣٦)

سهڻو لڏم سومرا، چاڪ ڪتان ويئي ڪالَ،
حيف منهنجي حالَ، جيئن وچڙيس ويڙهيچن ڪان.

(٣٧)

خواب لهان تي سومرا، اباڻن لئه اڄ،
مٿي مڪ ملير جي، چاڙهيو پريان ڇڄ،
ميندا ملير چانئين، ڏوتم ڪارڻ ڏڄ، ●
ڏورن ۾ پسيءَ جو، سانئم ڪن سهڄ،
عمر ڀانيم اڄ، ته مليس مارن کي.

(٣٨)

مارو مليرِ ڪنڌئين، الله واري آڻ،
آت آڪنبي آهيان، سرتين جي سانجاڻ،
مان ڏي ڪونه موڪليو، ڪو اباڻن اهڃاڻ،
وڃي وينا ويڙهه ۾، ڪري ويڙهيچا وٺاڻ،
هيڪر ڏسان هاڻ، پکا پنوهارن جا.

Gul Hayat Institute

---

● ميندا ملير چانئين، ڏوتم وانگر ڏڄ

(٣٩)

مينهن ڪڇاڙو ڪن، مون هان پوءِ ملير ۾، *
ماريس ان ماري، جاد نه ڪيس جيڏن،
ڪر نه لڌي ڪڏهين، منهنجي ماڙيچن،
وڃون پوءِ وسن، آءٌ اباڻن اڪ وڃان.

(٤٠)

واري وڄڙين، عمر اڄ آداس ڪيو،
وٺا مينهن، وس ٿي، سائيهه ۾ سڄن،
ڪينوري ڪيونئين، پدا موڙ ملير ڪي.

(٤١)

وڄڙين واري، پدا موڙ ملير ڪي،
ڦوڙائو فقير ڪي، مارن جو ماري،
ڏاٿر ڏيکاري، مٿهن ماروءَ چام جو.

(٤٢)

مٿهن ماروءَ چام جو، وڃي ڏيهه ڏسان،
ڏوٿيڙا ڏور ٿيا، ڪنهن سان آءٌ ڪڇان،
ساريو سانبيڙن ڪي، لوهن منجهه لڇان،
ويٺي پڇي پڇان، اوني اباڻن جا.

(٤٣)

اوني اباڻي پار جا، الله ڪي آڻ!
ڦالي ڦارون ٿيو، هينئڙو منهنجو هاڻ،
ساهه منهنجو سومرا، جڙيو جيڏن ساڻ،
نيئي راڄ رساڻ، متان ماڙين ۾ مري وڃان.

---

* مر تا مينهن وسن، مون هان پوءِ ملير ۾

(٤٤)

متان ماڙين ۾ مري وڃان، عمر لاهه اڙڪل،
ڪانه ٻڌيسون ڪڏهين، مٿي جهانگين جهل،
سيل پچڻ جي سومرا، حاڪم لاهه هڪل،
مون کي ڏي موڪل، ماڻهه جي سيد چئي.

(٤٥)

جا پر ڪن پنوهار، وڙهيچا وڻن سين،
ڪپي کهاڙن سين، ڏور ڪترن ڏار، *
مي نه مورن مينهن تي، نه ڪنهن ريج لغار،
تن سڪن کهڙي سار، ته اُنا مينهن ملير تي.

(٤٦)

وڻا، ڪي وسندا، مينهن نه مارن تي،
ڪين جهليندم ڪوٽيون، جيڏري هونديس جي،
ملي مارن کي، سک لاهينديس سومرا.

(٤٧)

پانڌي پرينءَ پنوهار کي، چئج چڱيءَ چال،
آن جي عمر سومري، ضبط ڪئي زال،
سا ثابت آهي سيل سان، چڱيءَ چانئت چال،
ونئي وڃجا نال، نه ته ماڙين ۾ مريو وڃي.

Gul Hayat Institute

(٤٨)

وڃي هيت واجهايان، ساريو سانگين سڪ،
مهر سندا ڏي ميڙين، لاهيندي لڪ،
آن آپر آجڪو، قيمت پيانو ڪڪ،
سندا پيرين ٻڪ، ماروءَ ڏيکاري مران.

---

* کپي کهاڙن سين ڏاريو رکن ڏار

(٤٩)

عمر اوٺــي آيــو، ڪاڪوٺيا ڪال،
آئا مينهن ملير تي، جر تر پريا جال،
حيف منهنجي حال، مند ساريو نه مران.

(٥٠)

عمر اوٺــي آيــو، مليران مـاڻـهـو،
وٺـا مينهن ملير تــي، سائــون ساماڻو،
لوئيءَ جــو لطيف چئي، پلئہ پاراڻو،
عمر ابــاڻــو، ڪٿو بي خوش ٿيان.

(٥١)

عمر اوٺــي آيــو، ماڻـهـو مليران، *
جنهن ڪر پڇان خبرون، آئــي آڪـمران،
جڻو زنجيران، فــارغ ٿــيــو فقير جو.

(٥٢)

پکي ٨ پرياڻ، مــارن ميڙي جو ڪيو،
ڪالهہ پنوهـارن لڏيو، وريو ڪونہ وٺان،
عمر انهين ساڻ، منهنجو وڃي روح رهون ڪيو.

(٥٣)

تر تاڏيليون ٿيون، پهريــو چران پن، ٢
هينئڙي رات آڪـيريو، ماروءَ ڪارڻ من،
زبريون لاهہ ضعيف تان، الله ساڻ امن، ٤
سرتـيـن ســـاڻ سمن، آئـي ولهارن ٨.

---

* اوهير اوٺي آيو، ماڻهو مليران
٢ تر وٺا تاڏيل تي، پهريو چران پن
٤ زبريون لاهہ ضعيف تان، عمر ساڻ امن

(٥٤)

ٽرن ٽيلهي نہ مران، مــارو نہ، ٽيلهين،
پٽ پرٺي پنوهار جا، مر تا ڏونگها ڏين، *
امر جي نہ مڃين، سي ڏوٿي ڏولائي پيا.

(٥٥)

ڪنهن لب لڏيائون، سندن ڪو سانگ پيو،
وڃي ويـنـا ويـڙهـ ۾، اڏي آجهائون،
ڪو ڏورائي ڏيهہ جو، سانوڻ سارياؤن،
ماروئـــڙن آئون، جيڪس ويـّس وسري.

(٥٦)

عمر اسان جي ڏيهہ ۾، ڪهڙيون ڪاريون، ٢
سي ڪيئن وڃن وسـّري، پاڙر پنوهاريون،
آنهين لاءِ آريون، هنيون تو هـِت ڪري.

(٥٧)

عمر اسان جي ڏيهہ ۾، ڪاريون ڪهڙيون،
مــون جيڏيـون ملير ۾، ميڙين مڪڙيون،
عمر اڪڙيـون، سـڪن ٿيون سائيهہ ڪي.

(٥٨)

عمر اسان جي ڏيهہ ۾، ڪـــولاڙا گولون،
مون جيڏيون ملير ۾، جهاڻيو ڪن جهولون،
انــــان آئي سومرا، عمر ڪير اولون، ٤
راڳا رتـولـون، پيپون پـائـر وٽ ۾.

---

* پٽ پرٺي پنوهار جا، مر تا ڏونگها ڏين

٢ عمر اسان جي ڏيهہ ڏي، ڪهڙيون ڪاريون

٤ آنان آئي سومرا، عمر ڪـّيئي اولون
ور رنگ راتولون، پپون پاڙر وٽ ۾

Gul Hayat Institute

(٥٩)

چيلا ۽ چارا، مارن جا ملير ۾،
اتهو پرين اسور جو، ويڙهيچون وارا، *
چڙي ڪوهه ڪارا، متي مٿي موتيا.

(٦٠)

مارو رهڻ مٿهي، ڪڙي رهن نه، ڪڏهين،
عمر ابانڻ ڪسي، تيم ڏينهن ڏئي،
انهين ساڻ اٿي، گذري ته گوندر نه پٿان. γ

(٦١)

آمان پانهان آڪ، ڪهڙ ڪٿوريان وترا،
ڪٿا پيتا پتنگين، ماڪيان ميٺي تڪ، ४
ڪوڪڙ ڪوڊيرن جا، ڦوڪيو پريان ڦنڪ،
ور ملان سين حق، ڪوءِ واڏايون وڙن جون. π

(٦٢)

چسا چانور چورمان، ڪي موڪليان آن، +
جيڪي آڇي سومرو، مور نه باسي مَن،
پوئين رات پنوهارن جي، جي پيڙ پئي مون ڪن، β
تاجو پانيان تَنُ، سانبيڙان ساڏوهيون.

---

* اتهو پرين اسور جو وَرتَنڙ سين وارا
γ انهين ساڻ اٿي، گذ گذاريم ڏينهڙا
४ ڪتيان پٽيان پيٽ ڪي، ماڪيان ميٺي مَڪ
π ور هلاڪي سين حق، ڪوءِ وڏايون وڙن سين
+ چسا چانور چورمان، ڦيمون قلمو آن
β پوئين رات پڙ پئي، جي مون مانيءَ ڪن،
تاجو پانيان تن، سؤ پيرا سانيهه ۾

Gul Hayat Institute

(٦٣)

کيما ڪاڏم ڪيت سين، ماني ماڳ ميسي، *
پائم تنهنجا بنگلا ڏکيم ڏيل ڏيي،
ڦاڙي هنيون ڦارون ٿيو، ڦوڙائي ڪان ڦيسي،
جي هونديم سان ميسي، ته ونديم نه ويڙهه ورِي.

(٦٤)

دل داليون ۾ سومرا، منهنجي راز نه رضامند،
آڏي امر واڙئين، ڪيئي بنديائي بند، ٢
روح رهيو هتِ هند، سو وطن وساريان ڪينڪي.

(٦٥)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي غريبن گذران،
آن اوڏڻ آن جو، ڪن سائوڻ جو سامان،
آگا ڪر احسان، ته ويناهون ويڙهه ۾.

(٦٦)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي گذر غريبن،
اول ۽ آخر جو قوت ڏهاڙي ڪن،
الله ڪر امن، ته ويناهون ويڙهه ۾.

(٦٧)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، مارو ڪاهين مالَ،
آئيو روز رسول کي، سانگي ڪن سوالَ،
ههڙا جني حالَ، تن سان سڱ ڪرين تو سومرا.

(٦٨)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي مارواڙن مرڪ،
کوکڙ جو ڪنڊن ۾، ڏهاڙي ڏرڪ،
جي ڪرين غير عرق، ته ويناهون ويڙهه ۾. ٥

---

* کيما ڪاڏم ڪيت سين، ماني ماڙ ميسي
٢ آڏي اوجهڙوال کي، ڪيئي بنديائي بند
٥ والي وار ورق، ته ويناهون ويڙهه ۾

Gul Hayat Institute

(٦٩)

جهڙ ڀيڻ جهنگل رهڻ، اي مارن جو ميڻ،
ڏونـي ڀهرن ڏٺ ڪـي، نسوري نهان،
آءٌ هت ٻنديائي ٻند ۾، هت ويڙهيچن وهاڻ،
ڪڻهن ڪي ڏوهه ڏيان، قضا آنديس ڪوٽ ۾.

(٧٠)

جهڙ ڀيڻ جهنگل رهڻ، آهن ڏڻ ڏٿي،
مون کي ماروئڙن جي، آهي گهرج گهڻي،
وهان اڏي وڻن گڏي، ڀَر ۾ ڀت هٿي،
مون کي واهه وڻي، مجلس ماروئڙن جي.

(٧١)

جهڙ ڀيڻ جهنگل رهڻ، ايءَ پنوهارن جي ڀَر،
سُونهن سنگهارن جـا، ٿالـا ٿـروٿـر،
ڪر الاهـي امر، نه وڃائون ويڙهه ۾.

(٧٢)

آءٌ ڪوهه ڪريان ڪوٽ ڪي، منهنجا پرين پنوهار،
مور نه آڇيان من ڪي، هندورا ۽ هـار،
ڀٽي ساڻ ڀتار، پـاڙر پيرون چونديـان.

(٧٣)

ڀَڏَ ڀـرائـا وسيا، اڃـي چيائـون،
ڏؤنڌرا ڀسي ڏٻهه ۾، ساماڻـو سائـون،
هِت هيڪلي آئون، هُت سِڱر ساهوڙين جا.

(٧٤)

ڏَهَرَ ڪتين، ڏيريون وڻين، ڏاس جني ڏاجو،
پين ڀس پنوهـاريـون، تلين ۾ تاجـو،
الله ڪر آجـو، وطن ويـڙهيچن جو. *

---

* الله ڪر آجو، ملڪ ماروءَ چام جو

(٧٥)

ڏڀر ڪتين، ڍيريون وٽين، اوچو جني آنَ،
ڪٿيريون ڪٿين ۾، تناليو وجهن تُن،
سرتين ساڻ سمُن، آهن آئي مينهڙين.

(٧٦)

ويڙهيون جن هٿن ۾، ڍيريون سي ڍيرين، •
ڪوڪڙ پنهنجي قُوت لاءِ، ويڙهين مان ميڙين،
ٻي پيل نہ ڪا پيلين، تن جي سام پرتيئي سومرا.

(٧٧)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ آل عيالُ،
ههڙو جني حال، تن جي سام پرتيئي سومرا!

(٧٨)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ گوڏن تي گَسي،
سگ نہ ونجن سومرا، ڪوهن تا ڪَسي،
سا مترُ راڄ رَسي، هيءَ سام پرتيئي سومرا.

(٧٩) •

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ ٻچا ٻار،
مت رڇيءَ جي رنگ ۾، ٻرچن شال پنوهار،
وِهڻ جن جو واريءَ ۾، ويڙهين ۾ واپار،
چونڊيو آڻيو چاڙهين، سندا ڏونرن ڏار،
لاڪيئا لطيف چئي، سهن ڪين سنگهار،
ٻاهي پاڪي پتڙي، ٻين پرچ پنوهار،
اهڙا جن آچار، تن جي سام پرتيئي سومرا.

---

• ويڙهيون جن ٻانهن ۾، ڍيريون تا ڍيرين
ڪوڪڙ پنهنجي قوت لاءِ، وٽن ۾ ووڙين

(٨٠)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ پاڪ ٻڙيون،
سگر جون سيد چئي، آئين ڪوٽ ڳڙيون،
جن سان جيءُ جڙيون، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨١)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ پاڪ پڙا،
کلن خوش ڪتيريون، وڏي مُنهن وڙا،
مگر جا سيد چئي آلين ڳوٺ ڳڙا،
جن سان جيءُ جڙا، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨٢)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ پرهڻ پاڪَ،
ستيءُ جي سيد چئي، سچي رکج ساک،
ٽر جني جا ٽاک، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨٣)

لاکيون مٿن لوئيون، اڇي اوڍين آنَ،
ويڙهه وچڻ جي سومرا، سرتيون کن سمَنَ،
آڳا ساڻ امن، مون کي مارن ميڙئين!

(٨٤)

ٿر ٿاڏيليون ٻون، ماکون مينهن ملير تي،
ماريچون محلن ۾، ميٺ نه مٿو ڏُون،
جيڏين ن ٻنان جون، عمرَ ڪاڏي آهيان.

(٨٥)

ماڙيين مينهن نه ٻون، ساوا گاهه ن سومرا،
ساهيڙيون ۽ سرتيون، مترُ هيڪانديون هون،
جيڏين ٻنان جون، عمر ڪاڏي آهيان.

(٨٦)

هن پرنديءَ پون، گس مَ لڳي گس جي،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ٿيا مونڊا ميرا مون،
جادن پيون جون، آءُ ڪيئن مرڪان ماڙيين.

(٨٧)

صورت ليکي هِت، مان ليکي ماروئين،
عمر اسان چِت، اوطاقون آريج ۾.

(٨٨)

عمر تيو آريج، منهنجو من سومرا،
ساري سانيڙن کي، رکن چڏيو ريج،
کهڙو کٿيئي کيج، مون کي بنديائي کري.

(٨٩)

عمر آت اسائيين، جت ويڙهيچا وسيل،
ملائيين ملير کي، ستي پنهنجي سيل،
سکندي کي سڄڻين، نين لماڻيم نيل،
جن کي آڳ نہ لڳي ايلَ، سي مڇڻ راجَ رُلائيين.

(٩٠)

عمر آت اسائيين، سانبي جت سنگهار،
مارئيءَ پوه ملير ۾، وڃي سيڪنهن سارَ،
وانڍيون نہ چرن وسُونهن ۾، جهنگيرن نا
جهونگار،
جا ڏُربائين ڏرار، تنهن جا مڇڻ راج رلائيين.

(٩١)

عمر اج عرفات تي، واءُ، وڃون ۾ وسَ،
مينهن ماندائا کيا، گاهن لٿيا کَسَ، •
مُوتو قبل انت موتو، مون تو سورَ سرسَ،
جيڏين ماٺيا جَسَ، پيان طهورا تن سان.

---

• آنا مينهن ملير تي، گاهن لٿيا کس
مُوتئو قبل انت مُوتو، سي مون سور سرسَ

Gul Hayat Institute

(٩٢)

عمر اڄ عرفات تي، واءَ-وڇون وريون،
سڪن ٿمون سيد چئي، اوڏانهن اکڙيون،
جرجر جيڏڙيون، پيان طهورا تن سين. *

(٩٣)

عمر اڄ عرفات تي، وڄن ڪي وراڻ،
کهڙو آڪنڊي آهيان، ڀنوهارن ڪي ڀاڻ،
السر تر الدها، ڀروڙج ڀرياڻ،
جرجر جيڏهن ساڻ، پيان طهورا تن سان.

(٩٤)

هي ڀُنگا هي ڀيرٽيون، چانگون نہ چيلن،
نوٽيون پسيو بت نجهري، ترسهي تَنُ ترّن،
جڏو جيئڻ جيڏيون، منهنجو ري مارن،
ڏيهي منجهه ڏڪن، آئي وهڙا آڪري.

(٩٥)

هي ڀُنگا هي ڀيرٽيون، ڀڪر نہ ڀوليون ڪن،
ڀمشڪ ڀٽون لنگهيون، ڀرتي ڀنوهارن،
تن ڪيا تمر چئي، ٽاڻا منجهه ٽرن، ٢
ڏيئي وڇوڙو ورهن، آئي ويڙا آڪري.

(٩٦)

هيي ڀُنگا، هي ڀيٽيون، چانگون نہ چيلا،
بختين ٿمن ڀٽن تي، سارن سين ميلا،
جي سهڙن سويلا، سي آئي ويڙا آڪري.

---

* جرجر = زمزم
٢ ٽُن٘

(٩٧)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي کنيائون ڪُوهه،
تن ونهين ويڙهيچن جا، سڄيا تان نه صُبوح،
سي هند پسي سومرا، رنو منهنجي رُوح،
مارو متي مُوهه، آئي ويڙا آڪري.

(٩٨)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي تڙ، توهر، تاڙا،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ميڙيا مانڊاڙا،
سي هند پسي سومرا، پچي رهيس پاڙا،
ڏوتي ڏاڏاڻا، آئي ويڙا آڪري.

(٩٩)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي گاموين جا گس،
ڪي ڏينهن هِت جيڏئين، ڪيا رهائيون رس،
سي هند پسي سومرا، لڙڪ وهايان لَس،
ڏوتي پچي ڏَس، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٠)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي گس گاموين،
ڪي ڏينهن هت جيڏيون ڦليون ڦل چرن،
سي هند پسي سومرا، اکيون رت رُئن،
ڏيئي وڇوڙو ورهن، آئي ويڙا آڪري.

(١٠١)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي پنوهارن جا پار،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، واسيو ويڙهيا وار،
سي هند پَسي سومرا، رنم رت اپار،
سانبيڙا سنگهار، آئي ويڙا آڪري.

Gul Hayat Institute

(١٠٢)

هي ڀُنگا، هي ڀٽيون، هي ڀنوهارن جا ڀُور،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪِي وٽن ۾ وهلور،
سي هنڌ ڀسي سومرا، ساهان تيم سور،
مارو ڪنهن ضرور، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٣)

هي ڀُنگا هي ڀٽيون، هي چَلها هي چٽ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، سنها ڪتيا سٽ،
سي هنڌ ڀسي سومرا، لڙڪ وهايان لٽ،
مارو منهنجا مٽ، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٤)

هي ڀُنگا، هي ڀٽيون، هي ڀڪا، هي ڀٽ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، موڪ ولوڙيا مٽ،
سي هنڌ ڀسي سومرا، گهاوَ لڳا مون گهٽ،
مارو منهنجا مٽ، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٥)

هي ڀُنگا، هي ڀٽيون، هي چَلها هي چوغان،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا سائڻن جا سامان،
سي هنڌ ڀَسي سومرا، ڪڙهه ۾ لڳم ڪان،
مارو هٿا مزمان، آئي ويڙا آڪري.

Gul Hayat Institute

(١٠٦)

هي ڀُنگا، هي ڀٽيون، هي ڀڪا هي ڀٽ پاڪ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ملير چوندِي ماڪ،
سي هنڌ ڀسي سومرا، فنا ڪيا فراق،
ماروئڙا مشتاق، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٧)

هي پُنگا، هي پٽيون، هي مارن جا مڪان،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا گهيٽن سين گذران،
ڇيڪ چرندا هئا ڇيلڙا، ڪندا طرح طرح تان،
سي هند پسي سومرا، مون هنيون ٿيو حيران،
ماروئڙا مزمان، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٨)

هي پُنگا، هي پٽيون، هو اباڻا آترَ جهل،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪي ڇيلن سين ڇل،
سي هند پسي سومرا، اڇي آب اُڇل،
ماروئڙا اسل، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٩)

هي پُنگا، هي پٽيون، هي خانن جا کيل،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا رس رهائيون ريل،
سي هند پسي سومرا، مون اچن هزارين حيل،
ڏبو ٻاري ڏيل، آئي ويڙا آڪري.

(١١٠)

نگهان جن ننوار، سي ڪاهي "عنڪبوت" ويا،
رسيا در "دخان" جي، ڏلي ڪياڻون ڏار،
جهوريءَ ۾ "جوب" جي، تا رُون رت اپار،
ويچارا پنوهار، لڏي لوءِ ڇڏي ويا.

Gul Hayat Institute

(١١١)

گهيڙ گهڙندي گهيڙ، پوڙيون پوڙين تي چڙهيون،
تي سيائي "مسئي"، ڪيم جبل سين جهيڙ،
منهين تنهنجي مارئي، مرڪي اهندي ميڙ،
ونءُ واندي ڪر ويڙهه، صلح ڪر سين سومري.

(١١٢)

ٻنهي جهاڙو مارئي، واريو واريو وار،
پنيءَ رات پوئڻ جون، سرليون سيپئي سار،
جان جان ڪري جانڪيتان، ٻئر وهي تي ٻار،
ڦرهي تي ٻانهنجي، درست ڏين ٻيهار،
ڏيهه ڳڻ، ڏيهه منجهون، چوڏهن ڇوڏار،
ڇهه ويهون تنهن مال جون، سادي تن جي سار،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا پورا پنج پيار،
نه ڪوهر ڪارو نه ٽئي، ڪامل انهيءَ ڪار،
صبح ويل سهڻ چئي، ٻولي ٻڙهه ٻچار،
آت ٽيندا قول قرار، جت جال مرندبون جيڏيون.

(١١٣)

اوتيم پيتم جن سين، سانبي ماريم سي،
سنيهڙو سانيهه جو، ڪو اچي ڏاڏاڻان ڏي،
اتان ڪو اچي، جو ٻلو ڪري هن ٻند جو.

(١١٤)

اوتيم پيتم جن سين، سي ڪالهه، وٺا ڪاهي،
من ۾ ماروئڙن جي، سانڍيس سانباهي،
لاڳاپا لاهي، موٽي مارو هليا.

(١١٥)

سي تي ساريان سومرا، مارو منهنجا مٽ،
ٻسان ٻنوهارن جا، سندا چوئڻ چٽ،
ڪريان ولهارن وٽ، وڃي ويڙهيچن سين.

(١١٦)

سي تي ساريان سومرا، جن جا ترن ۾ تاڻا،
چاريان شال چڱو ڪري، ٻڪر ٻاٻاڻا، •
جن جا واريءَ وڇاڻا، سي تي ساريان سومرا.

---

• چاريان شال چڱون ڪري، ٻڪر ٻاٻاڻا

Gul Hayat Institute

(١١٧)

ماروئي نہ چانئي، نہ کھڙو ٿورو ٿر کي،
نکو حق همير جو، نہ عمر وٽ آئي،
لڏي لوءِ ڇڏي ويا، نکي ويڙهيچن وائي،
هِتي جن هُتي جن ڪان، حقيقت هلائي،
لا اِلٰہ الاالله محمد الرسول الله، ڪي ويڙهيچن وائي،
لطف سان لطيف چئي، پٽي سيٽن سرهائي،
سومرا سائي، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

(١١٨)

ماروئي نہ چانئي، تہ سارو نہ پيا ماسري،
مٿي ساماٽيي، جنهن ٿيلهايا ٿر ڏٿي.

(١١٩)

ونهين ويڙهيچن کي، آکنديي آئون،
ميڙيان شال ملير ۾، سرتين سين سائون، *
اياڳي آئون، ويٺي جهجان جهل ۾.

(١٢٠)

ويٺي جهجان جهل ۾، ٿيو نئون نياڳڻ،
مون جيڏيون ملير ۾، سرتيون چونڊن ساڳ،
ويچاريءَ ويراڳ، ونهين ويڙهيچن جو.

(١٢١)

ونهين ويڙهيچن جو، سدا آهم سور،
جن جو سنجي سائيڪن تي، مٿي تلين تور، ٢
سائين سندو سور، سو ٿئي آهم سومرا.

---

* مون جيڏيون ملير ۾، ڪين سرتيون سائون

٢ جن جو سنجڻ سانيڪن تي، مٿي تلين تور
سائيهہ سندو سور، سو مون آهي سومرا

(١٢٢)

سو مون آهي سومرا، ورهه وڙهيچن،
ڪولاڙا ۽ ڪڪرڙون، ڀاڻر ۾ ڀچن،
اوطاقي اچن، جي مون ڪي نين ملير ڏي.

(١٢٣)

مون ڪي نين ملير ڏي، آءُ بنديائي بند،
ويئي لکيو لوڙيان، هائي هيني هنڌ،
ڀنان ڀاڻر پنڌ، جي وري ورق وصال جو.

(١٢٤)

پر ڀروڪي سومرا، سڻ هيءَ حڪايت،
ڏوتي ڏاڏائي ڏيهه جو، آندائون عجافت، *
وٺو نور نبيءَ جو، ڪي نِدي نهايت،
پره ويل پنوهاريون، ڪن نوري نزاڪت،
مارن ڏانهن رحلت، ڪڏهن ٿينديم ڪوٽ مان.

(١٢٥)

پر ڀروڪي سومرا، هو جي ڏنم هُتِ، ٢
ساريو سنگهارن ڪي، ويئي رئان رت،
هينئڙو هتي هيريو، ٻاڌي رهيو ٻت،
ارواح رهيو آت، هت قيد قضا جو ڪاٽان.

(١٢٦)

پر ڀروڪي سومرا، موڏي سڻ مقال،
رهيس آن جي راڄ ۾، چڱي جن جي چال،
ايذاءُ ڪن نه عام سين، هئين هيٺو حال،
جيڏين جو جمال، ساريو رئان سومرا. ۴

---

* ڏت ڏاڏائي ڏيهه مان، آنيائون عجافت
٢ پر ڀروڪي سومرا، هو جي هتا هُتِ
۴ جيڏين جو جمال، سارڻان ڳهٽو سهد چوي

Gul Hayat Institute

(١٢٧)

ٻر ٻروڪي سومرا، هُت سرتين جا سينگار،
اڄ ابل ابر ڏي، نت نت ڪن نهار،
مرڪي تن ملير تي، ستابو ستار،
يد الله فوق ايديهم، اي پنوهارن پچار،
رضا ساڻ رحمان جي، بادل ڪئي بهار،
آن جا عبداللطيف چئي، تيڙا قول قرار،
سي ماروئڙا مهندار، ساريو رئان سومرا. *

(١٢٨)

ٻر ٻروڪي سومرا، کيوڙين کيل کيڙا،
ترت تجلي پسي، مارن ڪيا ميڙا،
سائيهه سيد چئي، وٺو وڏي ويڙا،
سي ساموهن پسي پيرا، عمر آئيو تي مران.

(١٢٩)

ابائن جي آسري، ڏنجها ڏينهن ڏنام،
ويڙهيچا وجود مان، ويل نه وسريام،
هتي هول تيام، سرتيون سنگهارن جا.

(١٣٠)

سنگهارن جي ست، مون کي نئي موڙئين،
ويندس ويڙهيچن ڏي، ڪنديس ڪانه ڪٿ،
هُنجن هانا هٿ، وڃي ڏيکاريان ڏيهه کي.

(١٣١)

وڃي ڏيکاريان ڏيهه کي، هيڻو پنهنجو حال،
ونا مينهن ملير تي، سرهو ٿيو سال،
قادر لاٿو ڪالَ، عمر ابائن تان.

---

* مرا سنگهار، ساريو رئان سيد چئي

(١٣٢)

ابـالـن جـــي آسري، آبـنـي آهـيـان،
اميدون ارواح جـــون، موران نہ لاهيان،
وبني واجهايـان، وجـــان شال وطن ڏي.

(١٣٣)

وڃان شال وطن ڏي، جت ساهيڙيون سرتيون،
سون جيڏيون ملير ۾ ڪن لوڀون لاڪ رتيون،
ڪاهڙ جـون ڪتيون، مـري شال مائيان.

(١٣٤)

مري شال مائيان، تن سرتين جـا سينگار،
قضا آنديس ڪوٽ ۾، عـمـرَ تيم اپارَ،
پنوهارڪا پـارَ، ڏاتـر مـون ڏيکارئين.

(١٣٥)

ڏاتـر مـون ڏيکارئين، ملڪ مـاروءَ جو،
جت وسن مينهن وڏڦڙا، سـدا ساوڻ هوءَ،
هِت آوَسَرُ هوءَ، هُت ويڙهيچن وسون ٿيون.

(١٣٦)

هُت ويڙهيچن وسون ٿيون، پلر پيو پچي،
وٺـا مينهن ملير تـــي، ميوا پيـا مچي،
جن جي ساڪ سچي، ملير سي مالينديون.

(١٣٧)

ملير سـي مالينديون، جن اويـڙو آهـي،
تنهنجو هت چاهي، هي ملڪ مارو چام جو.

(١٣٨)

اڄولي اڄ، مـــارو هٿا هن ماڪ تـي،
سڪان ساريان سومرا، تن سيٹن جا سهج،
ڳالهہ هنڙم ڳيچ، تن ڪونين ڳالهائو نہ سٹان.

Gul Hayat Institute

(١٣٩)

ٿـر وٽني، گهر سامُهان، ڏهـاڙي ڏڄن،
اوچـــا آسُ اڏيـا، جهوپـا جهانگيئڙن،
مون کي منجهان تن، ڪڏ مَ ڪانياري ڪري.

(١٤٠)

تلول ڪندي سومرا، ويندي گذاري ڏينهن،
چمي لڳيي چڱان جي، عمر نه ڪجي ايئن،
ملير وسندا مينهن، ٽيندڙون سامهون ڳالهيون سومرا.

(١٤١)

شـال ڪـٽن ڪوهه، پـلـر پـيـين اوڏڙو،
ويـڙهيچا وس چـري، موٽـي اچن موهه،
تن پکن جي پاروهه، منان مور نه وسري.

(١٤٢)

ماڙو مـار مَ سومـرا، مـاري مير مڃاهه،
مڙد آن جا مجلس ۾ ڪوٺي قيد ڪراءِ،
لنڊا تني تان لاهه، جي قيد نه وينيون ڪڏهين.

(١٤٣)

هي دس ڇڏياڏون، هُن دس ويڙهيچا ويـا،
اُڏي ڪان عبداللطيف چئي، لڏ نه لاٿائون،
ڪنبندي ڪاٽياٺون، جيڪي جيئڻ ڏينهڙا.

(١٤٤)

ورت ورها چڙهيو، ڪٿي ويا ڪنهن ڪُوڻ،
ڏسائِجي ڏور ويـا، هاٿي هت نه هُون،
ڪنهن کي ايئن چُون، ته عمر اسان سان ڪـيِ!

Gul Hayat Institute

(١٤٥)

تدٻيران تقديـر، آهـي جـابـر جيڏيـون،
جف القلم بما هُوَ ڪان، هاڻي سڻ همير، *
هٿا ويڙهيچا وير، پر قانع رهيا ڪوٽن سين.

(١٤٦)

ٿـورا ٿـرَ ڇاڻ، مـون سـين جـي ڪيا،
آءٌ تـن ڳڻن، عمر سـاري آهـيان.

(١٤٧)

پنوهـارن ذي پٺورُ، اڄ اڳوڻائي آڪرو،
ٻن جهري جڪ ٿئي، ٻـڪر چرن ٻـور،
آءٌ آنهيءَ جو ٿـور، جي جهانگي هلن جهنگ ۾.

(١٤٨)

ڳوليان ڳوليان نه لهان، تن پنوهارن ٻهي،
سا جڙ جيئري نه لهي، جا هٿيڇن هنئي،
وڃي ماڳ ملير جو ڪيو سنگهارن سهي،
مٿي ٿـر رهـي، ويـا گذاري ڏينهڙا.

(١٤٩)

ڇن نه ڇڄي آهيان، ڪَڇان ۾ ڪوٽن،
ايـنـدي پيـم آبـتـا، پيڪڙا پـو[illegible]
هٿوٽيون هٿن، ڇنگهون ٻانهون ڪاٽ ۾.

(١٥٠)

Gul Hayat Institute

ساري عمر سـومـرا، ڦُر نـه ڦـنديـاءِ،
وينده ڪوٽ ڪلر تي، پون ٻڻ پيڙهنداءِ،
نيڻي لـٽيندهءِ ڏوڙ ۾، عمرُ نـه ڇـونداءِ،
ٿهان ٻـوءِ پـٺونداءِ، قـدر ڪاٽيارن جو.

---

* يفعل الله ما يشاء، هاڻي سڻ همير
هٿا ويڙهيچا وير، ڪانه پنين ڪوٽ سين

(١٥١)

آءٌ مـارن جـي آهيـان، گولي گنهگار،
ٻيون ستيون سومـرا، آءٌ آهيان عيبدار،
قبوليندٻس ڪينڪي، ٺوڙي هلين تڪرار،
ڏاڍي رب سرڪار، جا آهي سرڪارن سرڪار،
جف القلم بما هو ڪان، اي پڻ آڳي جي اختيار،
قلم ڪياڙيءَ نه ٿئي، جو لکيو منجهه نراڙ،
ڪل نفس ذائقه الموت، ايءَ پنوهارن پچار،
ٻاڪارون ٻڪرار، ڪندي ويٺي ڪوٽ ڏي.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪاپائتي

(١)

جان پيريم پليءَ پٽ، تان ڪاپڙي مان ڪين ٿيو،
نہ سنوت آيم سُٽ جي، پاڻان موڙهيم مت،
اندر وهي آبت، سپيريان جي ڳالهڙي.

(٢)

ليجهون ڪيم لڪاءِ، اينڊي عجيب جي،
ڏاجي ۾ ڏينداءِ، ڪتي مقابل ڪپڙا.

(٣)

وِسِني پيرم پير، ارٽ جم آلائين،
سٽيءَ جو سيد چئي، ڪت سانگاهي سير،
ڦنگ ڏماڙي ڦير، تہ انگ اگهاڙي نہ ٿئين.

(٤)

ڪتن سي ڪنبن، سدا نيبهہ واريون،
پيچو پڙا پيڙيون، لينجهون ليڪ نہ ڪن،
تہ پڻ تيون ڏکن، متان نند تپاس ٿئي.

Gul Hayat Institute

(٥)

نڪي آءٌ ڪاتار، نڪي ڪتي چاڙان،
آجهي جنهن جي آهيان، سو سڀن جو سردار،
جيئيم سو ڀتار، جو ڪوڙي ڏيندم ڪپڙا.

# سُر پرڀاتي

(۱)

ڏاتار ڍاري ڏي، اڄ ۾ پڻ ڪالهه،
صبح جو سيد چئي، ميڙيو ڏئي مال،
جنهن تند نه تال، تن ڌرا ڏي دانَ ڏئي.

(۲)

ڏرن جي ڏيئي، سي تون مڱ مَ مڱڻا، *
سدا سپڙ در تي، ڪر ونتي ويهي،
پڇهي نه ڏيئي، ڏيئي ليکو نه ڪري.

(۳)

ڪاڏي آهي تنبيرَ، جي هتا هِنهين پيٺين، ۲
ويا وڏيءَ ويڙ، ڪاهي رکي ڪيڏرا.

Gul Hayat Institute

---

* ڏمرن جي ڏيئي، سي تون مڱ نه مڱڻا
سدا سپڙ سندي، ڪر ونتي ويهي
پڇاي نه ڏيئي، وري ليکو نه ڪري

۲ ڪاڏي سي تنبير، جني ريجهايو راڄيو

# سُر ڪاموڏ

(١)

ھٿي مھيڻ جھڙي مٿھي، نِهٽڙتَ نوازي،
جن ويهڻُ نہ وچ ۾، تيسا سلامي سي،
ڄام تماچيءَ ڪي، نيلانهن رهي روح ۾.

(٢)

آيو ڄام ڄڱلي، مَتَهن ملاحن جي،
عطر ۽ عنبير جي اچي ڇول ڄڱلي،
ڪينجهر سڀ ڪنلي، آني ڪي انعامي ٿيو.

(٣)

سا جا ٻونڊيءَ ٻيل، رچ سندي راڄ ۾،
واري ٿي وارن ڪسي، ڏيو تيل قليل،
ناز ڪري ناگيل، آئي سمي جي سلام تي.

Gul Hayat Institute

(٤)

ڪالوڙا ڪري، اچي رڀل آڪتي،
ٻُرَ ڪمائين پينديون، منجهان پَتنَ پَري،
تماچيءَ جي تڪمي، ڏَنَ سيڪا ڏي،
نوريءَ نماز ڪري، عالم انعامي ڪيو.

(٥)

تخت، بخت، تڙ، تماچي، ٻيمن نوريءَ کي،
عالم سڀڪي چام ڪيا، چام سڀڪي ڪي مهي،
سڀوَ سڏن سان سڏ هوڪڙو، سو جو ڪنهن ڀي،
جي نه حب رکي، تي ريس نه ڪريو راڻيون.

(٦)

هتين پيرين نُورَ سين، تنهن ۾ نُور سنداس،
مورڇل متانس، هٿ ئي جام هٿن سين.

---

# ڀلامون

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٩ | ١١ | ولاانس | والانس |
| ٩ | ١٨ | نادر | نادار |
| ١٢ | ١۴ | گريجوئٽيس سنڌ | گرئجوئيٽس آنسوسئيشن |
| ٢٣ | ١۴ | فقير تي | فقير کي |
| ٢٦ | فوٽ نوٽ | نرها | مترحنا |
| ٢٩ | ٢٣ | الاهامي | الهامي |
| ٣٢ | ١٧ | اولياء .... قبا | اوليائي .... قبائي |
| ٣۴ | ٢٢ ۽ ٢٧ | ٽيڏائپ | ٽيڏائپ |
| ٣٩ | ٧ | وضوع | وضوء |
| ۴٠ | ٨ | ناخذا | ناخدا |
| ٥٣ | بيت ٨ | ڇپيـن | ڇپاهيـن |
| ٧٢ | بيت ١٧ | جڙن | ڇڙن |
| ٨١ | بيت ۴ | عاصين | عاصين |
| ٨۴ | بيت ٢ | مينهن | نينهن |
| ٨٩ | بيت ٢٨ | رهائي | رهائي |
| ٩٥ | بيت ٢ | ونگرين | ڏونگرين |
| ١٢٢ | بيت ٨ | الاالرسل | الاالرسول |
| ١٢٩ | بيت ٣٦ | پرين حاضر | حاضر پرين |
| ١۴٢ | بيت ١ | ماءَ | مٺا |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ١٤٣ | بيت ١٠ | پتس | پتسن |
| ١٤٤ | بيت ١٥ | سبحان، | سبحان جا، |
| ١٦٣ | بيت ٢٣ | هر | هرَ |
| ١٧٢ | بيت ٧ | ولقد | والقدر |
| ١٩٠ | بيت ٤٥ | مينهن | مينهن |
| ١٩٠ | بيت ٤٧ | چکيءَ | چڱيءَ |
| ٢٠٣ | بيت ١١٢ | سرايون | سرليون |
| ٢٠٤ | بيت ١١٧ | محمد الرسول الله | محمدؐ رسول الله (صلعم) |

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ هي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٿُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پَڑهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڑهندڙ، پَرندڙ ۽ پڑهندڙ، سُست ۽ پڑهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڑهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لِڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيـادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.



Gul Hayat Institute

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-
اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.


Gul Hayat Institute

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ چالاءِ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute